آءُ امرتا پريتم ناهيان

صنوبر سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ

امرتا پريتم

ناهيان

صنوبر سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءٌ امرتا پريتم ناهيان

ڪهاڻين جو مجموعو

صنوبر سيد

سنڌ رنگ پبليڪيشنس
Sindh Rang Publications

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جو نالو: آءُ امرتا پريتم ناهيان.
موضوع: ڪهاڻيون.
ليکڪا: صنوبر سيد.
ڇاپو: پهريون.
سال: 1996
ٽائيٽل تصوير: ڪيپٽن پرويز سعيد جي ٿورن سان
ڇپائيندڙ: سنڌ رنگ پبليڪيشنس حيدرآباد

قيمت: ويهه رپيا
Rs; **20/=Only**

AUN AMARTA PREETAM NAHYAN
(I'M NOT AMIRTA PREETAM)
A collection of Short Stories in Sindhi Language
written by: SNOBAR SAYED.

Published by: Sindh rang puplications Hyderabad
Sindh, Pakistan
Year of Publication: 1996.
Title Phottograph by thanks of capt. parwez saeed

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپنا

انهن محبت پرين جذبن جي نانءِ
جيڪي لوڪ ڪان لڪي
نيٽن جي وينتي ليشنز مان
ليئا پائيندا رهيا
پر ڪڏهن بہ
چپن جا در اورانگهي نہ سگهيا

منوبر سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ستاءُ

خود ڪلامي / ليکڪا پاران — 7

(ڪهاڻيون)

* آءُ امرتا پريتم ناهيان — 9
* من اجلو - تن ميرو — 12
* وشواس گهات — 16
* اڻ لکيل تحرير — 19
* جڊ ڀنهين جي هيڪڙي — 23
* ٽيون حصو — 25
* من مورک — 28
* اياڻو — 30
* مامتا — 32
* پرائي تڏي — 34
* ڏوهي ڪير — 36
* ويندي ويندي — 39
* ٻنان عنوان — 42
* حسرت — 44
* اونداهيءَ جو خواب صبح — 46
* بي منزل واٽ جي ڇيڙي تي — 49
* اڄ جي ڳولاھ رچ — 60
* وقت بدلجي ويو آ — 62
* گوندر ڪنيو گهمن — 64
* خالي ڳنڊ خوابن جي — 78
* نذرانو — 87
* اڄ تہ پهاڙ اڪاريون — 102
* اڪ ڦڪيل جيون — 106

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليکڪا پاران

خود ڪلامي

هي آواز ....؟!
مسلسل آوازــ نه سمجهه ۾ ايندڙ ٻولي، لفظ جا هڪٻئي کان
ٽٽي ويل پڌ ــ چڙو چڙ آواز .....

چڙو چڙ انسان
انسان ..... ازل کان اڪيلو، چڙو چڙ، عارضي رشتا / زنجيرون!
دوکو..... دوکو.....دوکو.....چوڏس دوکو.زندگي شروعات
دوکي جي.
متلاشي انسان سهارن جو، سهارن جي آڙ ۾ لڪل دولاب جو.
دولاب جيڪو هو ماءُ جي ڪک کان پنهنجي پُٽ پايو ايندو آ
ممتا..... ؟
انانيت جو مٽيل نانءُ، "ماءُ پيار جي ديوي هوندي آ". پر صرف
پنهنجي ڪک مان جنميل زندگيءَ لاءِ. پيار ته پيار ئي هوندو آ نه.
حدبندين کان آزاد، بي غرض ۽ بي لوث، ان ۾ پنهنجو ڇا، پرائو
ڇا!!
خودپرستي -چوڏس خودپرستيءَ جي ڪارنهن ۾ دونهاٽيل
وايومنڊل— ۽ پيار....؟
هن به پيار ڪيو هو، پيار ڪي پائي نه سگهيو ۽ سنڌوءَ جي
هندوري ۾ لڏندو وڃي موت جي آغوش ۾ ليٽيو هو. ڇا پيار چڙو
پائڻ جو نانءُ آ؟؟؟
پيار ۾ ڪوتياڳ جو امرت چکڻ لاءِ به تيار ناهي! ڇا آهي سڀ
ڪجهه؟!
اسان سڀ بي وقوف آهيون - اسان - زندگيءَ ۾ هڪ ئي جملو
پنهنجي وجود تي اُڪري ڇڏيو آ، "چاهڻ ۽ پائڻ". چوڌطرف
اونداهه انڌوڪار. اسان جي اڻپورين حسرتن جي مکروه
ڪارنهن، اسان جي اکين تي ڪارا ڏنڌ جا تهه چمائي ڇڏيا آهن،
جيڪي نه لهن ٿا، نه وکرن ٿا. اسان سڪون ۽ شانتي چاهيون ته
ٿا، پائي نه ٿا سگهون، جو ڏنڌ ئي ڏنڌ آ، ڪجهه به نه ڏسجي نه
ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواهشون....حسرتون....اونداه...اونداه....اونداه....!
هو پنهنجي ڇهن ٻارن ۽ زال کي ڇڏي، پاڙي ۾ رهندڙ بنگالڻ جي ڏيءُ کي ڀڄائي ويو.... زال گاسليٽ هاري ننڍڙي ماچس جي تيلي سان پنهنجو سڄو سارو وجود ساڙي رک ڪري ڇڏيو.
ٻار.... گندگيءَ جي ڍيرن جو ڪچرو پنهنجي پيٽ ۾ سمائڻ لاءِ زنده رهندا. (ڪچري جا دبا)
بس فراريت....فراريت....فراريت....!
ڪا خبر ناهي جيون ڇاهي؟ ڇو آهي؟ ڪنهن لئه آهي؟!.
ڪنهن شيءِ جي اهميت آهي؟ ڪنهن به شيءِ کي اهميت ناهي.
جڏهن زندگي ئي پنهنجي معنيٰ وڃائي ويهي ته زندگيءَ کان هٽي باقي شيون ڪهڙي اهميت ٿيون رکن!
"ڪرسي" دنيا جي اهم ترين شئي آ" - ڪرسي.... جا ڪروڙين انسانن جي ڪچيل سسين جي ڍير تي رکي ويندي آ. جنهن کي رسڻ جي لئه پر جوش ڳڀرو (ڳهيلن) نوجوانن جو ٽهڪندڙ خون، معصوم نياڻين جي عصمتن، وقت کان اڳ ڪنهن وحشيءَ لت سان ماءُ جي ڪک نڪري آيل بيساهه زندگين جو ڍير، آهن ۽ لڙڪن جي درياءَ کي پار ڪرڻ لئه نوٽن جي ٿهيل ناو کي ذريعو بڻائڻو پوندو آ. ڪرسي اهم آ- زندگي ختم ٿيڻ لئه جنم وٺندي آ، ڪرسي ڪڏهن به ناهي مرندي، ڪڏهن به ناهي مرندي.
انسان....ڌرتيءَ تي بوجهه. ڪاش ڌرتي پنهنجي ڪشش ثقل وڃائي ويهي، انسان هوا ۾ اڏندو رهي، اڏندو رهي. پري کان نظر ايندڙ مبهم- ڪوهيڙي جيان مسرتن کان آزاد، خواهشن کان پري، سندر سندر پوپٽن جيان، پڻر جيان پرندو رهي اپ جي نيراڻ ۾، جن جي خواهش، جن جو نقطه نظر صرف سونهن ۽ سڳنڌ هوندو آهي.
سڳنڌ جيڪا پيار جي علامت آ.

امن ۽ شانتيءَ جي علامت آ.
امن....امن....امن.....
شانتي....شانتي....شانتي....
امن .....؟؟؟!!!!
شانتي ....؟؟؟!!!!.

صنوبر سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءٌ امرتا پريتم ناهيان

"اف خدايا !

ائين تولڳي ڄڻ دماغ جون نسون نڪاءُ ڏيئي ڦاٽي پونديون ٻاهر جي گوڙ تي حاوي ٿي ويندڙ ،اندر جو شور ! آواز ! سوچون ! احساس ! سڀ ڪجهہ ذهن جي ڪنهن ننڍڙي ٿانءَ ۾ گڏ ٿي منتشر ٿيڻ لڳو ۽ ٻاهر نڪرندي ڪنهن سان ڪجهہ ڳالهايان ٻولهايان ، من اندر جي مونجهہ هلڪي ٿئي !" سوچيان ٿي .

"هينئر ، اڌ رات جو ڪنهن جي مون وانگر ، ننڊ ڦٽي آ جو مون سان ڳالهائيندو ؟

اگڻ ۾ وڇي وڏاوڏا ساهہ ٿي کڻان ، اگهاڙا پير ڪري جيڪڏهن فرش تي گهمندي رهان . . . !!"

"هيءَ سِيُوَ جاست سيءُ ، اهڙا تہ ٿڌاري هوندا آهن جو ڄڻ سڄي سياري جي ڪسر ، ٻاهر هرو ڀرو نہ نڪرو ، جي ڪم سانگي نڪرو تہ لوئي ، سوئيٽر پائي ويڙهي نڪرو ، سيءُ تہ پنهنجي جاءِ تي پر احتياط تہ اسانجو ڪم آ نہ" ٻاهر نڪرڻ جو سوچي ٿي تي جو ڪجهہ دير اڳ چيل ماڻس جا لفظ ڪنن ۾ ٽا پونس .

"احتياط . . . !" طنز مان ٿي چوي .

"امان ! اندر ۾ ٻرندڙ شعلن جي مقابلي ۾ هيءُ سيءُ . . . . ڪجهہ بہ ناهن ، سوڙ لاهي ،ٽپ ڏئي اٿي تي ويهي ، ڪي پل چپ چاپ ويٺي آ ، اوچتو ڄڻ ڪجهہ ياد ٿو اچيس ، پيرين اگهاڙي ، تڪڙي تڪڙي اچي ٿي دريءَ جو پردو سرڪائي ، ٻلت لاهي دريءَ جا ٻئي تاڪ کولي ٿي ڇڏي . سيءُ سڄي جسم کي ڏڪائي ٿو ڇڏيس .هوا جا يخ ٿڌڙا جهوٽا ، ٻنا ويڙهيل الجهيل وارن کي لوڏي اچا بہ الجهائي ٽا ڇڏنس ڪيئي پل دريءَ ۾ منهن وجهيو بيٺي ٿي رهي .

هڪ تاڪ ڪليل ڇڏي ٻئي کي بند ڪري ، ڊريسنگ ٽيبل جي آڏو پيل اسٽول تي ويهي ٿي رهي ، وارن کي هٿن سان ٿي ڦٽي ڏئي ،هيٺ سرڪي ويل ڪانٽي سان هڪ دفعووري " پن اپ " ٿي ڪريِن ۽ وڏي اچي زيرو جو بٽڻ ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪولي ڪمري ۾ پکڙيون ڦهليل اونداهي ، نيري رنگ جي روشنيءَ جو روپ ڌاري ٿي وئي .
هوءَ ڊريسنگ ٽيبل جوخانو کولي ، ڪجهه ڪتابن جي هيٺان رکيل ڊائري ٻاهر ٿي ڪڍي ، ڊائري هٿ ۾ ٿي جهليو ٿي سوچي ٿي ،

" سچ پچبو ا
ڪنهن ،ڪتاب انسان جو بهترين دوست آ ، پر ڊائريءَ جهڙو همراز ، شايد ئي ڪو دنيا ۾ هجي !"
" ڊائري ......جيون ڪٿا !"
" جيون .....ڇا ڏنو آ جيون ، جو ان جي ڪٿائن کي ريپيٽ ڪرڻ هلي آهين "دل ٿي دل ۾ ٽوڪي ٿي پاڻ کي .
" هر شيءِ ۾ رکو حاصل جي توقع ناهي رکبي ". پاڻ کي پاڻهي مشورو ٿي ڏئي .
" پر ٻه ...مون کي ته گهٽو ڪجهه مليو آ ، ايڏو ...ايڏو ...جو ..." برف ٿي ويل هٿن ۾ ڊائري ڏڪندي ٿي رهيس .
" الائي ڇو اڄ ، ڊائري ڳري ڳري پئي محسوس ٿئي !! مان ئي ٿڪجي پئي آهيان ، ڊائري ته پوءِ ٻه ڪاغذ جي ٺهيل آهي " پاڻهي سوال ڪري پاڻهي پاڻ کي جواب ٿي ڏئي .

" ڇو لڪندا آهيون ڊائري " ڊائري جا پنا اٿلائيندي ، آئيني ڏي منهن ڪري پاڻ کان سوال ٿي ڪري .
" ڪنهن ٻئي کي پنهنجي ڏکن ۾ شيئر ڪرائڻ لاءِ ؟ ها ! صحيح ته آهي .
ڊائري ٻه ڏک شيئر ڪندي آهي ، ڇاهي جو حل ڪونه هوندو اٿس ، ڪنهن ٻه پرابلم جو ، پوءِ ٻه اهو گهٽ آ ته هن افراتفريءَ جي وايو منڊل ۾ ڪنهن وٽ پنهنجي ڏکن جي پيڙائن جي چند ڇاڻ ڪجي ! ڪيڏا لمحا ، مقيد آهن ، هنن سو ڏيڍ سو صفحن جي ڊائريءَ ۾ .....هر صفحي جو پنهنجو هڪ الڳ داستان آهي ......
ماضي ، الائي ڇو اسان لڳندو آ ، ماضيءَ جهڙي حسين دنيا ٻي آهي ئي ڪونه هر گذري ويل پل ، جنهن کي وري حاصل ڪرڻ جي اميد ناهي هوندي ! ، حسين لڳندو آ ، ماضي ...پاڻيءَ تي لکيل تحرير ، جنهن جي ڏنڌلي ڏنڌلي عڪس جي روشنيءَ ۾ مستقبل جا منصوبا سوچيندا آهيون . سوچيندي سوچيندي اڌ مٽي جا وار ، پنهنجو اصل رنگ وڃائي ويهندا آهن . ڪيڏو ڪجهه وڃائي ويهندا آهيون ، سياڻي جي اميد ۾ ! ۽ اها سياڻي ٻي سياڻي جي اميد ۾ ، ائين هر " سڀي سياڻي " جي اميد ۾ ، اوسيئڙي ۾ پيا ، اڄ جي ڪٿن لمحن کي ڏڪيندا آهيون . خبرناهي ته اها سياڻي ، ايندي ٻه آهي يا نه ؟! ۽ پوءِ " اميد تي دنيا قائم آ ، جوٽيپيڪل جملو چئي ، اڪثر وڏڻ جو ساهس پيدا ڪري ويهندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيون من ۾ ا" سوچيندي ٿي رهي .

" ماڻ بہ عجيب آهيان ! اڄ رات جو اچي ماضي ،حال ،مستقبل جي چڪرن ۾ پئي آهيان ، ڊائري هٿ ۾ ئي پئي آ ۽ مان شروع ٿي وئي آهيان پاڻ سان ڳالهائڻ ۾ . " پاڻ کي ٽوڪيندي ، اسٽول تان اٿي وري اچي بيڊ تي ، گوڏن تائين سوڙ ڇڪي ويهي !

" ڪيڏو سٺو لڳندو آ ، پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ ڪيڏو اطمينان هوندو آ تہ جي ڳالهہ اڻ وڻندڙ بہ هجي تہ بہ ڪو مائينڊ ڪرڻ وارو ناهي هوندو ۽ اهو پاڻ سان ڳالهائڻ وارو عمل بنان آواز ، بنان چپن کي جنبش ڏيڻ جي سچو ڏينهن هلندو رهندو آ ، تان جو ننڊ ڪانپوءِ جڏهن انسان زندگيءَ ۽ موت جي بہ واٽي تي پهتل هوندو آ تہ بہ اهو ساڳيو ئي " سيلف نيگوسيئشن" جو عمل جاري هوندو آ . امان وڏي چوندي آهي ، " سمهجي گهٽ ،بلڪ ننڊ ۾ بہ ذهن سجاڳ رکجي ، نہ تہ جهڙو ماٺهو مئل ، ڪا اوس پاس جي ڪل ئي نٿي پوين !" جيئن سندس ننڊ هوندي آ اٿين لڳندو آ ، گهري ننڊ ۾ ستي پئي آ ۾ جي ڪو پرسان لنگهيس ، ڪوهلڪڙو کڙڪو بہ ٿيو تہ يڪدم پڇي وٺندي ، " ڪير آن ؟"

" منهنجي لاشعور ۾ شايد امان وڏي جي ڳالهہ ويهي رهي آهي ، جو اکين بند ٿيڻ سان ، ننڊ اچڻ بعد ، چپن ۾ جنبش اچي ويندي آهي ۽ اهو ڪجهہ ،جيڪو سچو ڏينهن ذهن جي ٽيپ رڪارڊ ٿيندو رهندو هو يا لاشعور ۾ وينل ڳالهين/سوچين جي آڊيو ڪيسٽ شروع ٿي ويندي آهي . محسوس بہ ڪندي آهيان تہ منهنجي اندر جو آواز ،چپن جي سرحدن کي ڪراس ڪري هوائن ۾ تحليل ٿيڻ لڳو آ پر پوءِ بہ ان آواز کي روڪڻ لاءِ مون ۾ ڪو اختيار ئي ناهي رهندو! ۽ صبح جو جڏهن امان چوندي آ ، " رات جو آيت الڪرسي پڙهي سمهندي ڪر ، ناد علي پڙهندي سمهندي ڪر ، الائي ڪٿان جو ڪٿي وڃي ٿي پهچين ، سچو ڏينهن چپ ! رات جو وري ......مون کي جو ڪنڪي ۾ ننڊ ئي نٿي اچي تہ ڊڄي ٿي الائي ڇا !"

مان شرمندگي مان ڳالهہ ٽائي ناشتي ۾ مشغول ٿي ويندي آهيان يا ماڳهين اٿي هلي ويندي آهيان ، من ۾ اهو فڪر ڪنيو تہ الائجي ڪهڙي بڪواس ڪئي هوندم .

مان ڄاڻان ٿي ، منهنجا خواب بہ مون جيان ٽتل ٽتل هوندا آهن ، جن جو ڪو بہ سرو ناهي نظر ايندو . ۽ سڄي رات خوابن جي سرن کي ڳنڍيندي ڳنڍيندي ٿي گذري ويندي آ . جيئن ڪالهہ رات خواب ڏٺم صبح جو امان جي ٽوڪڻ تي اڄ الڳ ڪمري ۾ اچي ستي آهيان . ڪالهہ رات ننڊ ڪانپوءِ اٿين لڳم ڄڻ مان امرتا جو روپ ڌاري ورتو آ ، ماڻهن جو وڏو هجوم آ ۽ مان اڪيلي اڪيلي اڳتي وڌندي پئي وڃان ، ڪيترائي مانوس پهرا محسوس ٿي ڪيان ، ڪيترائي پنيان سڏ تي ٻڌان پر مان اٿين اڳتي وڌندي ٿي وڃان ،ڄڻ پنتي نهاريندي ، پنڊ پهڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ويڻ جو پَڙُ هجيم . ڪنهن ويرانيءَ ۾ اچي پهتي آهيان ، سامهون ڪتابن جووڏو ڍير ٿو نظر اچيم ، حيران آهيان تہ هن ويران جهنگل ۾ هيڏا املهہ ڪتاب ڪير رکي ويو آ ، ٿوري ئي دير ۾ اهو ويرانو ، سرسبز باغ ۾ تبديل ٿيل ٿو محسوس ٿئي . مان ڪنهن بت سمان چپ چاپ بيٺي آهيان ، اوچتو ڪتابن ۾ جنبش ٿي آ ، آهستي آهستي ٿي ڪتاب هڪبئي کان پري ٿي وکري ويا آهن ۽ انهن ڪتابن جي وچ مان هڪ شخص نمودار ٿيو آ ، ان جو چهرو ايڏو مانوس ۽ پنهنجو پنهنجو ٿو لڳي جو مان ڊڪ پائي هن ڏانهن وڌي آهيان ، ٿوري فاصلي تي بيهي مان هٿ وڌائي ، هن کي ڪتابن جي ڍير اندران ٻاهر ڪيڍڻ جي ڪوشش ڪئي آ ، مان ائين ٿي محسوس ڪريان ، ڄڻ مان اوڏانهن ڇڪبي پئي وڃان تان جومونکي پنهنجوپاڻ بہ ڪتابن ۾ گم ٿيندو ٿو محسوس ٿئي . اسان ٻئي ڪتابن ۾ گم ٿي ويا آهيون ، پرتي وکري ويل ڪتاب بہ رڙهي هڪبئي جي مٿان سٽجي ويا آهن ۽ ڪتابن جي ان ڍير مٿان هڪ گلاب جو ٻوٽو ڦٽي نڪتو آ .

مان ننڊ ۾ ٿي" ساحر .....ساحر .....ساحر...!" رڙيون ڪرڻ لڳي آهيان .

صبح جو مٿي ۾ ايڏو سور محسوس ڪيم جو دماغ جون رڳون ٽٽنديون پئي محسوس ٿيم . امان بيڊ تي ئي چانهہ کڻي آئي .

" منهنجي تہ ڪو ٻڌي ئي ڪين ٿو، پڙهيون لکيون آهيو ، سومهڻيءَ جي نماز کانپوءِ بہ ٿي تسبيحون " تسبيح فاطمہ " جون پڙهندي ڪر .سمهڻ کان پهرين ڪيڏا دفعا چيو ٿمانءِ تہ " آيت الڪرسي " پڙهي سمهندي ڪر ، ناد علي پڙهي سمهندي ڪر ، پيو نہ تہ بہ ٽي صلواتون ئي پڙهي ڇڏ ...." امان چوندي ٻاهر هلي وئي . ٻاهر وراندي ۾ " امان وڌي " ،جيڪا ايجان مصلي تان ڪانہ اٿي هئي ،جو آواز آيو .

" وري ڊني ڇا رات ؟"

" ها الائي ڪهڙو لفظ پئي چيائين ....ها ، ساحر ، ساحر پئي چيائين . "

" ساحر .....! خبر ٿئي ساحر جي معنيٰ ڇا آهي ؟!" امان وڌيءَ معنيٰ خيز انداز ۾ چيو .

" نہ امان مون کي تہ خبر ڪينهي !" امان جي لهجي ۾ خفتگي هئي .

" ساحر معنيٰ ، جادوگر ! پڪ ڇوڪريءَ تي غيب جي نظر ٿي ٿئي .شام سج جا پاڇا لڙن تہ ٽواٽي جي مٺي گهرائي ڦٽڪي ۽ ڳاڙهو مرچ رکي نظر ڪڍي وٺجانس . الائي ڇوڪري ڪٿان ڦاٿي ؟!!" امان وڏيءَ فڪر مند ٿيندي چيو .

مان سوچيندي رهيم ، سحر ....جادو ، ڇا واقعي جادوءَ ۾ سڀ ڪجهہ ممڪن هوندو آ ؟!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

من اجلو- تن ميرو

جيئن ئي ڪونديءَ ۾ رات ڪان پڇايل سِرن ۾ هٿ ٿي وڌائين تہ اهي پرنديون پاڻيءَ ۾ تحليل ٿيڻ لڳيون ، تڏهن ڪيس پنهنجون آڱريون انهن پنل سرن جي مٽيءَ ڪان بہ وڌيڪ نرم پاسيون هيون ، ڪيس لڳو هو ، هن جو سڄو سارو وجود ، جڻ ڳوهيل مٽيءَ جو ڍير هجي ، جنهن کي جتي بہ لڳايو وڃي ، هوءَ ڪو احتجاج ناهي ڪندي ، من جي ڪنڊ جيان ٿي ويل اڱڻ جي ڪنڊ تي لنبندي ، پٽين تي لڳل زماني جي چيڙهہ کي ڍڪيندي يا دنيا جي دلين جيان ڪاريون ٿي ويل رڌڻي جون پٽيون لنبندي .....!

پرسان پيل ننيڙي ٻهہ جي ڍير مان بہ ٿي ٻڪ پري مٽيءَ ۾ ملايائين ، پوءِ اچي رڌڻي جي ڪنڊن ڪڙون ٿي ويل فرش کي ليپو ڏيڻ لڳي ائين جيئن هن جي پنهنجي سيني سپنن کي دل جي ڌرتيءَ ۾ پوري مٿان ليپو ڏئي ڇڏيو هو .

جنهن چلهہ ۾ باهہ نہ ٻري ، تنهن گهرم ۾ ائين لڳندو آ ، ڄڻ تازو ملڪ الموت پير گهمائي ويو هجي پر هنن جي گهر ۾ اڪثر چلهہ ۾ باهہ جي بدران هن جا خواب ٻرندا هئا . جن مٿان چڙهيل ڪنيءَ مان دال چانورن جي بجاءِ سڙيل گوشت جي بوءِ ايندي هئي ۽ پيٽ جي باهہ وسائڻ لاءِ ڪنهن تہ ڪنهن وهاڻہ جي بچيل ماني.

"عاشو!"

مائس جي سڏ تي مٽيءَ هاڻن هٿن سوڌو ٻاهر نڪري وئي هئي .

"ڏيئي ڇڏيئي ليپو؟" ڪنجهندي ٿي پڇيس .

"ٿورو رهيل آ اجان ." ٿڪل لهجي ۾ چئي ، منهن تي لهي آيل وارن جي ڇڳن کي ٻانهن سان هٽائيندي ، وري رڌڻي ڏانهن هلي وئي .

"جلدي ڪر ڌيءَ ! وري مايون ڪاوڙ نہ ڪن ، منهنجا تہ هڏ تا پڄن سور ۾ ! جي هلهل ڪيم تہ سياڻي تہ اٿڻ جهڙي ئي ڪا نہ ٿيندم ۽ پوءِ سڄو لاڳ مون بجاءِ رهڙي ويندي مڱڻهار ." هوءَ پنهنجي منهن پڻ پڻ ڪندي رهي .

عاشوءَ ليپو

پورو ڪري ، هٿ ڌوئي ، اندران پينگهي تان اجرڪ لاهيندي سامهون دريءَ ڏانهن گهوريو ، جيڪا ٻاهر گهٽيءَ ۾ کلندي هئي ۽ دريءَ اندران شيخن ڪان ٻاهر گهوريندي ، هوءَ پنهنجي سپنن جون لڙهيون پوئيندي هئي پر ڪڇي ڌاڳي هئڻ سبب ، اڄ ڪيس سڀ پنهنجا سپنا ٽٽل ڌاڳي مان نڪري ويل موتين جيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڪرندا ٻاسيا هئا . هوءَ اجرڪ مان هٿ ڪڍي اڇي دريءَ وٽ بيٺي هئي . ٻاهر گهڻي پڙيانگ لڳي پئي هئي . هن جي اک، دريءَ جي سير مان فرلانگ جيڏو فاصلو طئه ڪندي ڪندي ٽڪجي موٽي آئي .

" هاڻي پلا سندس هيڏانهن ڪهڙو ڪم ! ريشم ڇڏي بافتي ۾ هٿ وجهڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آ !" دل ۾ چئي تڏو ساهه پريندي ، دريءَ مان هٽي وري اڇي پينگهي تان اجرڪ لاٿائين.

"ڪيڏي تہ گيسر اٿئي - ڇڏاءِ ڪر امڙ !"

ماڻس جي آواز تي تڪڙيون وکون کڻي ، آخري ڀيرو دريءَ تي نظر وجهي ٻاهر نڪري آئي .

" هيٺن هلنديءَ ... اٿي ڪا سرمي ذري تہ وجهہ اکين ۾ . اٿين ٻسي ٿهين ڪو نہ ٿي !"

" سرمي ذري وجهان .... ۽ ڳوڙهن سان ڪارا ڳل ڪري سيني ۾ تماشو ڪرايان ...!"

دل ۾ چئي ماڻس کي جواب ڏيڻ بنان ، در جي ڳوڻ جو پردو هٽائي ، ماڻس پنيان پنيان چپ چاپ هلڻ لڳي .

" تو کي ڪين چوان ها ، پلا تون ڇا ڄاڻين انهيءَ ڪم مان ؟! پر ڇا ڪيان ، آخري ڏينهن تي اچي مٺي بخار سوڳهو ڪيو اٿم ، اصلي هڏ ٿا پچن . سو امڙ مون ۾ تہ سڪهہ ٿي ڪينهي ، جوان جسم کي مهڻن ڏيڻ جي ! جي ڪير بہ نہ ويندي تہ جيڪو ٿورو ڪي گهڻو ملندو ، سو بہ نہ ملي ها . مان در تائين ڇڏي موٽي ٿي اچان. ٿوري دير ڪان پوءِ اچي وٺي ويندي سانءِ. تون تيستائين اٽو لاٽي وٺجانس." رستي سان هلندي ،ماڻس پنهنجي روءِ ۾ چوندي پئي وئي . هوءَ چپ ڪيون ماءُ جي پنيان ، سندس جتيءَ مان نڪرندڙ "دز" کي پنهنجي جتيءَ ۾ جهڻيندي اڳتي وڌندي پئي وئي.

ڪنوار جي ڪمري ۾ پهچي ،جتي اڇي سندس ارمانن ۽ آرزوئن جي حد ٿي ختم ٿي ، کيس پنهنجو پاڻ ڪنهن اونهي کاهيءَ ۾ ڪرندو محسوس ٿيڻ لڳو .

"اڇ عاشو! هيڏانهن اچي ويهہ ! ماسي حليما جو بخاز ڪو نہ لٿو ڇا اڄان ؟!"

زيبوءَ تڏي تي سرڪندي ، سندس لاءِ جاءِ ٺاهيندي چيو.

زيبوءَ جي سڏ تي هوءَ جتي لاهي سرڪي ڪاٺس ٿورو پريرو ٿي ويٺي.

زيبوءَ جي بدن مان ايندڙ هڳاءِ هن جو ساهہ منجهائڻ لڳو . اهڙو ئي هڳاءِ جڏهن کيس ماڻس جي هٿن مان ايندو هو ، تڏهن صابڻ جو ٻچيل چوپيو آڻي ڏيندي هئس . ايئن لڳندو هئس ڄڻ ماڻس ٻين جو گند ميڙي ، پنهنجي گهر کڻي آئي هجي . تڏهن منهن ڦيري چوندي هئس ،" امان جلدي هٿ ڌوءِ ، الائي ڇو مون کي انهي ڌپ مان ڪرپ ٿي اچي ."

تڏهن ماڻس شروع ٿي ويندي هئس چڙهن ۾ ." تون ڄڻ پرٿيڻءَ ٿي ڪو نہ ! شڪر آ رب جو مون تي نہ وڌيئءِ ! جي مون جيان هجئي ها منهن تي اونده هاريل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ شاديءَ کان پهريون ئي اتي جي مل ملان شروع ڪري ڏين ها!" ڇو ته پنهنجو تي تجربو ٻڌائيندس "اتو تہ ونواهہ جو مرڪ آ ، ڪنواري سونهن اتي لڳڻ بنان ڪهڙي!"

" اچين ٻہ ڪو نہ عاشو ، مان ماسيءَ کان روز تنهنجو پڇندي هان. شڪر آ ماسي ٺيڪ ، گهٽ ۾ گهٽ پهنو تہ مليئي اچڻ جو."

زيبوءَ جي آواز تي ڪاهيءَ مان هٿوراڙيون ڏيندي ٻاهر نڪري آئي . هن پيالي پراٺو وجهي ، تيل ۽ ڪيسو ڦلن جو پاڻي ملائي ، بس ڪيو تہ زيبو پاٺهي چولي جي ٻانهن مٿي ڪري پنهنجي ٻانهن هن طرف وڌائي .

اتو آڱرين تي هٽي ، جڏهن هن پنهنجون آڱريون زيبوءَ جي ٻانهن تي رکيون تہ زيبوءَ جي ناسي ٻانهن تي سندس بادامي هٿ جو رنگ اجان ٻہ وڌيڪ چٽو نظر اچڻ لڳو . هن جي ٻانهن کي مهٽيندي مهٽيندي ، جڏهن سندس مهٽي سان ، زيبوءَ جي ٻانهن تي رت مڙي ، چمڙي ڳاڙهي ٿي ، وري ساڳي رنگ ۾ ٿي پئي وئي ، تڏهن هوءَ سوچڻ لڳي.

" ڪهڙو فرق آ ، هن ۽ مون ۾ ! جڏهن تہ ظاهري طور منهنجو رنگ بنان اتي جي مل ملان ڪرڻ جي جرڪي پيو ۽ هوءَ ....."

تڏهن هوءَ آهستي آهستي سمجهڻ لڳي تہ ذات پات جي مردي مان ٺهيل سفوف ، ٻرهڪندڙ پاڻيءَ ۾ ملائي ، هنن جي جسمن کي ان سان ڌوتو ويندو آ . پوءِ چاهي سندن جسمن جو رنگ ڪهڙو بہ وجي بيهي ، سندن آتمائون پيلي ٿچڪي سڙي وڃن . پر پوءِ هنن جا جسم اسان جي جسمن کان ارفع هوندا آهن . باقي آتمائن تائين ڪير پهچڻ جو ڪشٽ ڪري ..... ! ۽ اسان جا جسم ! ان ٻرهڪندڙ پاڻيءَ هيٺان ٻرندڙ ڪاٺين جيان هوندا آهن ، جيڪي هنن جو مير ڌوئيندي ڌوئيندي ، پنهنجو وجود ختم ڪري ڇڏينديون آهن .

زيبوءَ جي جسم تان لٿل چيڙهيالي اٽي کي دٻي ۾ وجهندي ، سوچي ٿي ، "ڪاش ! زيبوءَ جي جسم جيان ، دنيا جي هيٺ مٿانهينءَ جي چيڙهہ ۾ دٻيل من جي مير کي بہ رهڙي رهڙي لاهي سگهجي!!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وشواش گهات

"واهہ ڙي يارا تون بہ دل ۾ خوش هوندين تہ انسان جي مسئلن جو آخري حل ڇڙو تون ئي آن! پر مسئلا آهن ، جو انسان جو پيڇو ئي نہ ٿا ڇڏين....!" سؤ رپئي جي نوٽ کي ٻنهين هٿن ۾ جهلي ، پٽ سان لڳل کٽ تي ٽنگون ڊگهيري ، پٺ کي ٽيڪ ڏيندي ٿو چوي .

"بابا، قوم سان پيو ڪچهري ڪرين ڇا ؟" قاسم در مان اندر لنگهندي چيو .

"ها ، پئسو ئي تہ قوم جو اصل ابو آ نہ پيارا !"

"مهيني جي آخري تاريخن ۾ تہ وٽ هي سؤ جو نوٽ .... خير تہ آهي نہ ! يان......؟" قاسم اکين ۾ طنز ڀري ڪرسيءَ تي ويهندي ٿو چوي ۽ ڪرسيءَ مان هلڪو چيڪاٽ نڪري ٿو وڃي.

"ڇو تو غريب جي چيلهہ پچين ! هيڏانهن کٽ تي سؤلو ٿي ويهہ ! هڪ ٽنگ هونءَ ئي آڏر تي اٿس !"

"هيءَ پلا بيگم صاحبہ اڄڪلهہ تو تي ڏاڍي مهربان پئي ڏسجي! ڇا چڪر آ...؟" آ... "کي اينگهائيندي ٿو چوي.

"ها ، ها ، مڙيئي خير آ ! تون ٻڌاءِ هينئر ڪيئن هيڏانهن جو رخ ڪيو اٿئي ؟"

"بس ...... سڄو پيو هئس . مڇر ها کهٽا . بتي وسائي ، پکو هلائي آيو آهيان ، جيسين مڇر گهٽ ٿين . تيسين سوچيم تو کان حال احوال وٺي اچان. اڄ مون ڏي بہ ڪو نہ آئين ۽ هيءَ اوچتي سنبت .... شانوءَ پئي چيو تہ صاحب ڪجهہ چيو اٿئي......!"

"بس يارا جتان داٽو پاٽي ختم ٿي وڃي تہ پوءِ ڪو نہ ڪو بهانو تہ جڙي ايندو آ نہ!"

"پوءِ بہ ، ڳالهہ ڇا هي؟"

"ڪجهہ نہ يار ، بس دل پرچي وئي آ."

"ايڏو جلدي دل پرچي ويئي.... اسان جي تہ ڪو نہ ٿي پرچي !"

"تنهنجو هي هاٿيءَ جيڏو پيٽ ئي ڪو نہ پريو آ ، بچيل ڪڪڙ کائي کائي تہ دل وري ڏوڙ پرئيئي !"

"ڇگو سگريٽ هجئي تہ ڏي ، تند بہ پئي ٿي اچي ، وڃي ٿا هاٿي خوابن ۾ دل لڳايون" قاسم مٿي کي کنهندو ٻاهر هليو ويو.

قاسم جي ويندي ئي ، اٿي ڪڙو ڏئي ، سامهون پارڪ ڏانهن کلندڙ دري کولي، بتي وسائي ، پئي ٻانهون مٿي هيٺان ڏئي ، کٽ تي اچي ستو ، ٻاهر چوڪيدار،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن سان ڪنهن ڳالهه تي اٽڪي پيو هو شايد ، جو اجان تائين پٺي سندس پٽڪو ٻڌڻ ۾ آيو. مچڻ جي ڪري ننڊ ته هوندءِ ئي جهٽڪن ۾ ٿيندي هئس ، پر اڄ هيءَ سندس آخري رات هئڻ ڪري يا اڻ ڇاتل سياڻپ جي واڳوءَ جيان ڦٽيل وات جي ڀوَ ڪان شايد ننڊ نه اچيس !

" ڪيڏانهن ويندس ؟ " سوچي ٿو .

" ڪهڙي آ هيءَ به زندگي . ذلت ئي ذلت . پنهنجي ٽوپي پنهنجي ئي پيرن سان لتاڙي ٿو اڳتي وڌڻو پوي .... هون .... نقص پاڻ ۾ ڪو نه ڏسن ، ڪا هم غريبن تي ....! " شام واري بيعزتيءَ روح تائين لرزائي ڇڏيو هئس ، دل ۾ آيو هئس ، ان مهل ئي ٽپڙ گول ڪري نڪري وڃي ، پر هڪ ته رات پنهنجا پر پکيڙڻ شروع ڪيا هئا ۽ پيو " وهيل استرائيڪ " جي ڪري ڪا سواري ڪا نه مليس ها . دل تي پٿر رکي سوچيو هئائين ، رات جا چار پهر ڪٽاري صبح ساڻ هليو ويندم ۽ ائين اچي سوير ساجهر ئي سمهي پيو هو . هونءَ واندو ٿي قاسم وٽ وڃي ، ڍارڙا نڪاءِ هٽندو هو پر اڄ جيئن ڪوارٽر ۾ گهڙيو هو ، ٻاهر نڪرڻ جو نالو ئي نه ورتو هئائين .

شام جيئن ئي بيگم صاحبه ڪي لاهي گاڏي گيريج ۾ بيهاري ، چاٻيون لوڏيندو ٻاهر نڪتو هو ، پريان گيٽ مان اندر داخل ٿيندڙ صاحب جي پڄيرو ڏسي ، پاسو ڏئي بيهي رهيو هو . گاڏيءَ مان لهندي صاحب هن ڪي چڙ مان گهوريو هو . سندس نرڙ تي ٿهيل سونڊ جو ترشول ۽ چهري جي ناسي رنگ ۾ مليل ڪاوڙ جي ڳاڙهي رنگ سان ، چهري جو " ميرون " ٿي ويل رنگ هن به محسوس ڪيو هو . مٿان لهندڙ سج جا بي ساها ڪرڻا صاحب جي لسي ڪدوءَ جهڙي مٿي تي پئجي ، سندس گنج کي وڌيڪ نروار ڪري رهيا هئا . هن کي ڪن پل ۾ لڳو هو ، ڄڻ سج صاحب جي ٽڪڻ ۾ لهي ، پنهنجي سڄي تپش هن ۾ پري ڇڏي هجي .

" رفيق ! منهنجي پنيان اچ ! " صاحب جي ڪريلي جي رس ڪان وڌيڪ ڪڙي آواز تي هو چاٻيون کيسي ۾ وجهندو ڪنڌ هيٺ ڪيون ، سندس پٺيان پٺيان هلڻ لڳو.

" اڙي ذليل ! تو کي شرم ڪو نه ٿيو ، جنهن جو کائين ، ان لاءِ ئي بدناميءَ جون ڪڏون پيو کوٽين ....؟!! "

" جي صاحب .....؟! " هن ڪجهه به نه سمجهندي ، هن اوچتي حملي تي حيران ٿيندي چيو .

" جي صاحب جا پٽ ! ڪميڻا ڪنهن جاءِ جا . ناهي ضرورت مون کي تو جهڙي ڊرائيور جي ، ليمڪ حرام .... ڪتو به پنهنجي مالڪ جو وفادار هوندو آ (ڪيئي دفعا ٻڌل جملو) پر پر تون ته حيوانن کان به لنگهائي بيٺين ..... سياڻڪو سج ، تو کي منهنجي گهر ۾ نه ڏسي ! " چئي هو ڏاڪڻيون چڙهندو مٿي هليو ويو . پريان شانو ، بريف ڪيس ۽ صاحب جي لنچ باڪس لوڏيندو ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪاريءَ جي ڪل چپن ۾ روڪي صاحب جي پنيان پنيان ، متي وچڻ لڳو .
ڪمري ۾ اچي ، واسڪوٽ جي کيسي مان جڏهن هن ، ڪجهہ دير پهرين بيگم صاحبہ جو ڏنل سو رپئي جو نوٽ ڪڍي سوچيو تہ هن کي سچو معاملو سمجهہ ۾ اچي ويو . صاحب جي آفيس وڃڻ کان پوءِ جلد ئي بيگم صاحبہ جو تيار ٿي پنهنجي ساهيڙيءَ جي گهر وڃڻ ۽ ڪڏهن ڪڏهن پنجاهہ ، سو رپئي جي مون تي نوازش ڪرڻ .....! هو اڪثر سوچيندو هو تہ اها ڪهڙي ساهيڙي آ ، جيڪا رڳو گهر وينئي تي ملي؟ ڪڏهن بيگم صاحبہ کيس چو نہ ٿي پاڻ وٽ گهرائي؟.......
۽ اڄ ....اڄ هو صرف سوچيندو رهيو هو تہ ڪن هڪڙا ، پوڙهين بيبا . اهي صاحب لوڪ ، پنهنجي بيگمات کي تہ گهر مان ڪڍي ڪو نہ سگهندا آهن ، دنيا ۾ ٿيندڙ بدناميءَ جي ڀَوَ کان ، باقي ....
ڪار جي هارن تي خيالن مان نڪري آيو ، متي ٿي دريءَ مان ٻاهر ڏنائين سامهون ساڳي ئي ڪار جي ڊرائيونگ سيٽ تي صاحب ۽ سندس ئي پر ۾ فرنٽ سيٽ تي ويٺل بيگم صاحبہ ڪنهن ڳالهہ تي ٽهڪ ڏئي کلي رهيا ها .
چوڪيدار تڪڙ ۾ گيٽ کوليو ۽ ڪار اڳتي وڌي وئي . ڪار جون پنيان ريڊ لائيٽس ڏند ڪڍي ، هن تي کلندي کلندي ، سندس نظرن کان اوجهل ٿي ويون .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڻ لکيل تحرير

" ڪا نئين تازي ؟"
" دنيا ڪروڙين سال پراڻي آ ."
" ڇا مطلب ؟"
"مطلب "اڄ" به ڪروڙين سالن جو تسلسل آ ۽ ڪجهه دير بعد "سياڻي" جو پاڻ تي ليبل لڳرائي ، ماضيءَ جي ڍير ۾ سٽجي ويندو"
"منهنجو مطلب اڄ جي ڪنهن تازي خبر سان هو "
" ڪا به خبر نئين ناهي هوندي ."
"انسان وڏي ترقي ڪئي آ ."
" ها ..... انساني آبادي هاڻي ايڏي وڏي آهي جو ڌرتيءَ تي سوڙهه محسوس ڪندي خلا ۾ گهرن جي تلاش شروع ٿي وئي آ ."
"محض انساني آبادي ناهي وڌي ، انسان جي سوچ ۽ سمجهه ۾ به اضافو ٿيو آ ."
"اسٽون ايج کان جيٽ ايج تائين جو سفر سندس ذهانت جو واضح ثبوت آهي."
" ها ، اڳ پٿرن سان وڙهندو هو ، هاڻ جهازن جو سهارو ٿو وٺي"
"ڪالهوڪي اخبار پڙهيئي ؟"
"نه"
"ڇو ؟"
"روز ساڳيون خبرون ته هونديون آهن ."
" پر ڪالهه هڪ عجيب خبر هئي ."
" ته ......؟"
" ته برازيل جي ڪنهن ڳوٺ جي گرجا گهر ۾ "بيبي مريم "جو ڪاٺ جو مجسمو آ، جيڪو روئي ٿو ."
"تڏهن ڇيم نه ، اڄ به ڪالهه جو تسلسل آ. هيڏيون صديون گذريون پر عورت جي لڙڪن جو علاج ڪنهن نه ڳوليو ، بس انهن ۾ به انساني آباديءَ جيان رڳو ترقي ٿي آ. هن وٽ ايڏا لڙڪ ڇو هوندا آهن ؟ سندس اکين جي هن پار ڪو ناگرا فال ته ناهي....؟!!"
"تون ڳهيلي آهين "
"تون ڳهيلو آهين"
" ٻئي هڪجهڙا آهيون ."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نہ فرق آ.“
”ڪهڙو؟!“

”’ي‘ ۽ ’و‘ جو.“
”ها .... ها .... ها ..“
”ڏند چو تو ڪڍين ؟“
”تون چري ٿي وئي آن.“
”تون چريو.
”هل پلا هاڻ تہ ٻئي هڪجهڙا آهيون ؟!“
”نہ، اڃان بہ ساڳيو فرق پنهنجي جاءِ تي قائم آ.“
”ٺيڪ آ، هاڻ مان تو ڪي ’ي‘ ڪوٺيندم !“
”نہ!“
”ڇو نہ ؟!“
”مان تہ ڪمپليٽ ’ي‘ بہ ناهيان“
”اف خدايا ....! ڇگو پلا هاڻ پاڻهي وضاحت ڪر!“
”تو ڪي خبر آهي، هڪ ’ي‘ ٻي ’ي‘ جي تسلط هيٺ گذاريندي آ. سندس قيد ۾ ويهي هوءِ پڪن ڪان ٽين ’ي‘ جي ڳولا ۾ تڙپندي رهي آهي، جنهن جو ثبوت اڄ بہ موجود آ يعني ڪالهہ واري اخبار ۾ لکيل ’ڪاٺ جي مجسمي جا لڙڪ. ۽ ٻڌ! جڏهن نہ اها ٽين ’ي‘ مون ڪي ملي وئي تڏهن ئي مان ڪمپليٽ ’ي‘ ٿي ويندم. پوءِ جيئن وڻئي تيئن ڪوٺجانءِ.“
”يار! مان تہ هڪ ’ي‘ جي معمي ڪي نہ سلجهائي سگهيو آهيان، هي پڪيون ٽي ’ييئون‘ ڪٿان اچي ويون!“
....
”ٻڌاءِ نہ!“
”يعني ... هڪ ڳهيلي (ي - ١) پابنديءَ (ي - ٢) جي قيد ۾ ويهي، آزاديءَ (ي -٣) کي ڳوليندي آ.“
”آزادي ... هيڏي آزادي تہ آهي عورت کي ايءَ ڇا ڦاهو ڪپيس ؟!“
”آزادي .... ۽ عورت کي ؟!!“
”ٻاهر تہ نڪري ڏس! جيڏانهن نظر ڦيراءِ عورتون ئي عورتون!“
”گهر کان ٻاهر نڪرڻ آزادي ناهي!“
”تہ پوءِ ؟“
”عورت جي خون جي هر ٽيپي ۾ تخليق لکل آ ۽ جڏهن ڪنهن تخليقڪار جي پنهنجي پورهئي ۽ ذهني ۽ جسماني سگهہ سان تخليق ڪيل تخيلق تي ڪنهن ٻئي جو ليبل لڳايو وڃي تہ ڇا زيادتي ناهي؟ جڏهن دنيا جو سرشتو ٻنهين يعني مرد ۽ عورت جي دم سان قائم آ تہ ٻنهين جي حيثيتن ۾ ايڏو فرق ڇو ؟ مرد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاهي ته سچو ڏينهن آواره گردي ڪندو رهي پر عورت پنهجي جائز ضرورتن لاءِ به چائنٽ نه ٽپي سگهي . هن ميل ڊا ميڻيٽيڊ سوسائٽيءَ ۾ هوءَ جيڪڻ قدم وڌائڻ جي ڪوشش ٿي ڪري ، تسن سندس وجود سان جڪڙيل زنجير جي ڪڙين ۾ اضافو ٿي ٿو وڃي ، هوءَ چو نه ٿي مرد سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي سگهي؟"

" ڪيئن ڪلهو ملائي سگهندي ؟"

" چو نه ملائي سگهندي !"

" الله سائين به وڏو ڪارساز آ ، ڪيس خبر هئي ته "حوا" جي ڌيءُ هڪ ڏينهن هلي هلي اها تقاضا ڪندي ، ان لاءِ قد، ويچاريءَ کي ايترو ڏنائين جو ڪلهي سان ڪلهو ملائڻ جي تقاضا ڪرڻ کان پهريون پنهنجي ڪلهي جي محدود ڊيگهه ڏسي چپ ٿي وڃي !"

"شعور جو ڪو به ظاهري وجود ناهي هوندو ، تون غور ڪري ڏس ته اڪثر عورتن جو شعور مردن کان به اوچو آهي "

"شعور ڪير آ ؟"

"تنهنجي هٿ ۾ ڇا هي ؟"

"پنو آ"

"خالي پنو چو کنيو اٿئي ؟"

"خالي ناهي."

"تڏهن ڇا اٿس لکيل ؟"

"مضمون ."

" ڪنهن تي آ مضمون ؟"

" عورت جي آزاديءَ تي "

" مون کي ته سمجهه ۾ نه ٿو اچي ، اچان توهان کي ڪهڙي آزاديءَ جي گهرج آ........؟ (چڙ مان مٿو ڪنهندي) هيڏي ڪر ڏسان !"

" تو لاءِ ناهي "

" ڪنهن لاءِ آهي؟"

"جيڪو سمجهي سگهي ."

"ته ڇا مان بي سمجهه آهيان ؟"

" نه ائين ته مان نه ٿي چوان پر تون رڳو اخبار ۾ ڇپيل خبرون پڙهندو آهين ، توهان جهڙا ماڻهو اخبار جي ان حصي کي کولڻ به پسند ناهن ڪندا ، جن ۾ حقيقتن جي نقاب ڪشائي ڪندڙ مضمون هجن !"

" ته ڇا ، اهو اخبار ۾ ڇپرائيندينءَ؟!"

" ڏوهه ته ناهي "

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ٻس ، ٻس ، گھڻو ٿيو ، هرو ڀرو حد نہ اورانگھہ !“
”اورانگھڻ لاءِ ٽنگون کپن ، مان تہ معذور آهيان .“
”هيڏي ڪر ڏسان ! (جهٽ ڏئي کسيندي) اڙي .... هي ءِ تہ صفا خالي آ !“
”ڇيڙ نہ ، تو کي سمجھہ ۾ نہ ايندو .“
”تنهنجو دماغ خراب آ .... ڀڄيون شڪ هئم پر هاڻ پڪ ٿيڻ لڳي اٿم تہ تنهنجو دماغي توازن پنجاهہ فيصد خراب ٿي چڪو آ.... ڏس ! ڪٿي اٿس ڪجھہ بہ لکيل !“
”سڀ ڪجھہ تہ لکيل اٿس . اهو سڀ ڪجھہ جيڪو عورت جي خالي خالي وجود تي واضع اکرن ۾ لکيل هوندو آ ۽ جنهن کي ڪو بہ مرد اڄ تائين پڙهي ناهي سگهيو ۽ شايد ڪڏهن بہ پڙهي نہ سگهي !“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حد ٻنهين جي هيڪڙي

الائي اندر ۾ ڪهڙي لوڇ هئس.“ ڪئي پهر پاسا ورائيندي ورائيندي ، مس وڃي ڇپرن جي سرحدن هڪ ٻئي کي ڇهيو هو ، پر شايد ، ڪنهن ڪنڊ ڪان ڪو حصو اڃان به پاڻ ۾ ملي وڃڻ کان رهجي ويو هو ، جنهن ڪري ٻنهين سرحدن وچ ۾ وهندڙ سيلاب جو ڪارو پاڻي ، سمي سمي ، نيٺ ٻاهر نڪري آيو هو ، يڪدم اکيون پٽي ، ڪاڀي پاسي کان محسوس ٿيندڙ ، وهاڻي جي آلاڻ تي پنهنجو گرم گرم ڳل رکي ڇڏيو هئائين .

”ايڏو ڇو پٽي رنئي .....؟ ڪنهن جا لڙڪ آهن هيءُ؟

لاشڪ تنهنجا ، جو مان ته ان ڏينهن آخري لڙڪ تنهنجي ڀڪ ۾ هارڻ کان پوءِ وچن ڪري ڇڏيو هئم پاڻ سان ، تو سان ته هاڻي ڪڏهن به نه روئينديم . پر .... اهڙو وچن ته تو به ڪيو هو . پوءِ.... پوءِ هيءَ هيڏا نيڻن مان وهندڙ آبشار......؟!!“

نڙي سڪي ٺوٺ ٿي وئي اٿس . ڳيت ڏيندي وچ نڙيءَ اندران ڇڻ ٿوهر ڦٽل ٿو محسوس ٿئيس . شدت سان پاڻيءَ جي طلب ٿو محسوس ڪري ، جيئڻ ئي

اٿڻ جي ٿو ڪري ، اک ۾ رڪيل آخري لڙڪ هيٺ ڪري ، هٿ جي پٺيءَ تي ، ستاري جهڙي شڪل ناهي ڦهلجي ٿو وڃيس.

”سڄي جو سڄو اڄ هڪ دفعو وري ڀڄائي ڇڏيو اٿئي مون کي پنهنجي لڙڪن سان .“ ڪيئي پل پنهنجا ٺوٺ چپ هٿ جي آلي تي ويل پٺيءَ تي رکي ٿو ڇڏي .

”ائين وعده خلافي ڪبي آ ڇري ! جي تون ائين ڪندئين ءَ ته پوءِ پلا مون ۾ همتون ڪيئن پيدا ٿينديون ! اسان ته وڏي عزم سان ، وڏي حوصلي سان زندگيءَ جي به واٽي تي بيهي پنهنجي پنهنجي راهه متعين ڪئي هئي ، جيڪا ٻئي ڄاڻون پيا ته هڪ ٻئي کان الڳ ٿي ، اها راه رڳو سفر ٻنهي . اهڙو سفر ، جنهن جي ڪا به منزل ناهي هوندي . اسان جي منزل شايد اها هئي ، جتان پنهنجي پنهنجي الڳ سفر جو آغاز ڪيو هئوسين . شايد ٻئي ڄاڻون به پيا پر پوءِ به ..... مون ۾ اها سگهه هئي ، آهي ٿنا ! ته مان زماني سان ٽڪر کائي به تو کي پائي ٿي سگهيس ، پائي ٿو سگهان ، پر ...... پر الائي ڇو مان تنهنجي وجود کي جڪڙيل انهن سونين زنجيرن کي هٿ لائيندي ، ڊڄي ويو هئس ، ان لاءِ ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿي تنهنجو وجود ميرو نہ ٿي وڃي ! توڙي جو يقين ہہ هئم تہ :

"تون منهنجي آن توڙي اجلي ، مان تنهنجو هان توڙي ميرو" پوءِ.... پوءِ ڇو اسان ٻنهين اوائن راهن تي هڪبئي کي وڃڻ ڏنو ؟ ڇو نہ هڪبئي جو هٿ جهلي هڪبئي کي سمجهائي سگهياسين تہ منزل ڪي اڪاري پري ويندڙن لاءِ ڪا بہ منزل منتظر ناهي هوندي ؟ اڄ .... اڄ ڇو ايڏي بيچين ٿي وئي هئين . مصلحتن جا سڀ پرم توڙي ؟! ڪنهن کان ٻڌو هئم . سپني ۾ اهي ٿي ايندا آهن جن جو انهن لاءِ روح بي چين هوندو آ.......

پوءِ ..... پوءِ منٺي هي مصلحتون ڇا لاءِ؟ هي سرحدون ڇو ؟

انسان ٿي سرحدون مقرر ڪندو آ، ديوارون اڏيندو آ ، اڄ تائين ڪا بہ سرحد ، ڪا بہ ديوار ڪنهن انسان کي جنم ناهي ڏئي سگهي. ان جي حد مقرر ناهي ڪري سگهي . اهي سڀ حدون ، سرحدون ، انسان جي ذهن جي پيداوار آهن پوءِ انهن اسان هٿان جڙيل سرحدن کي،اسان کي ٿي ٽوڙڻو پوندو نہ ، پاڻهي پاڻ تہ نہ ٽٽنديون .

اڄ .... اڄ ٿنا! رڳو سپني ۾ نہ ، سپني جهڙيون همتون حقيقت ۾ بہ ڪر ، تون ٿوري وک وڌائي تہ ڏس ، منزل اجان گهڻو ڏور ناهي وئي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيون حصو

ڪيڏو سچ هو هن جي ڳالهه ۾........!
مان پا مسٽريءَ ۾ يقين نہ ڪندي بہ الائي ڇو! جڏهن بہ پنهنجي جيون جو احتساب ڪرڻ ويهندي آهيان تہ هن جو هڪ هڪ لفظ سچو ۽ صحيح لڳڻ لڳندو اٿم.

هن چيو هو، "خط حيات جي هن حصي کان وٺي ،او........ هيستائين ، تون ڏاڍي مطمئن، ڏاڍي بي فڪر زندگي گهاريندئينءَ پر......... عمر جي هن حصي ۾ قدم رکنديئي تو لاءِ انيڪ مسئلا منهن ڪڍي بيهندا ، جن کي حل ڪندي ڪندي تنهنجي عمر جا بہ حصا ختم ٿي ويندا ۽ پوءِ ٽئين حصي يعني ٻڍاپڻ جي شروع ٿيندي ئي جيون ۾ شانت اچي ويندئي.. ......!"

ٽيون حصو ...... ڇا جيون جا رڳو ٽي حصا آهن، ننڍپڻ ، جواني ۽ ٻڍاپڻ ؟؟!"
نہ ..... عمرين جي احتساب ڪرڻ وارن کان ان معاملي ۾ ٿوري ڀل ٿي وئي آهي . اصل ۾ عمر جو ٽيون حصو ، ٻڍاپڻ نہ پر جوانيءَ کان پوءِ شروع ٿيندڙ ڪٺن ۽ ڀوائتو حصو هوندو آهي . جنهن کي اسان ٻين حصن جي نسبت گهٽو جيئندا آهيون جنهن ۾ گذريل ٻن حصن جي ڀنسبت گهٽو ڀوڳيندا آهيون .
ننڍپڻ.......ننڍپڻ تہ شيشي جي ڪنهن نازڪ نفيس راند يڪي جيان هوندو آهي جنهن جي خبرئي ناهي پوندي تہ ڪيئن جهٽ پلڪ ۾ هٿن مان ڪسڪي پٽ تي ڪري پورا پورا ٿي ويو!
جواني .... درياءَ جو آلو، چڪڻ سان ڀريل ڪنارو ، جنهن تي پير رکندي ئي ترڪي پوڻ جو خوف من ۾ ورائي ويندو آهي جنهن تي پير پير ۾ ڏٿي هلڻو پوندو آهي . ٿورو بہ هيڏانهن هو ڏانهن ڏسڻ ٻنان ،اوسي پاسي ڪنڌ ورايو ناهي . پير ترڪيو ناهي.پوءِ درياءَ جون موتمار لهرون ۽ جوانيءَ جو سنگم ......!
اصل عمر تہ انهن نازڪ رستن کي اورانگهي سڌي / بي سايہ ميدان تي پهچڻ کان پوءِ شروع ٿيندي آهي جنهن ۾ ڏور .... نبڻ نهار تائين اس ئي اس جيڪا جسم کان ٿيندي روح تائين پهچيو ، سڀ ڪجهہ ساڙيو رک ڪريو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏيندي آهي .

چو ڌس واريا سو ريگستان ، جنهن ۾ پري کان نظر ايندڙ چمڪندڙ واري ڏانهن پاڻي جي دوکي ۾ واري ڏانهن سفر ڪڏهن به ڪٽندو ناهي هلندو رهندو آهي،هلندو رهندو آهي.تان جو عمر جو اهو حصو اچي نمودار ٿيندو آهي.جنهن کي ٽيون حصو چيو وڃي ٿو ، پر مان ان کي عمر جو چوٿون حصو چوندم .

ڪڏهن ڪڏهن ته پاڻي جي آس ۾،واريءَ ڏانهن سفر،اهاعمر جي حد به اورانگهي ويندو آهي پرپوءِ به پياس پياس ئي رهندي آهي.ڪو به چشمو ، ڪو به درياءَ ڪو به ٽيپو ناهي ملندو ۽ اجايل وجود رڃ ۾ رلندي رلندي فنا جون منزلون طئه ڪندو واري جي ذرڙن سان ملي واري جو ذرو بڻجي ويندو آهي .

هر جيو، ازل کان پياسو پيدا ٿيو آهي .هر قسم جي پياس! پيار جي، محبتن جي ، خلوص جي ،سچائين جي ، حق جي ،عدل جي، امن جي ، ارمانن جي........

پياس....پياس....پياس
منهنجي زندگي ....واري جو تتل ريگستان
رڃ ئي رڃ ....اڻ ڪٽندڙسفر
اس ئي اس... ڪو ڪکر ،ڪو ڇانورو ئي ڪونهي !

مان پنهنجي جيون جا اٽڪل ٽي ، پوڻا ٽي حصا گهاري چڪي آهيان . چند وکن جي فاصلي تي چوٿون حصو منهنجو منتظر آهي ، جنهن ۾ هنن هٿ ريکائن ۾ لڪل حقيقتون ، عمر جي پختگي ۽ چمڙي جي ڍڏيل ست ڪري وڌيڪ ظاهر ٿيڻ لڳنديون .

چيو هٿائين ، " تنهنجي جيون جي شروع ۽ آخر سٺي آهي پر وچ ...."

ها وچ......... منهنجو ماضي قريب جنهن کي هٿن جي آئيني ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ٿي ڪريان ته دماغ جي پٺي وڏي ڦڙتيءَ سان رِڙهِسِ ٿي، هڪ هڪ لمحو، هڪ هڪ پل ، هڪ هڪ منظر ڏيکارڻ ٿي شروع ڪري.جنهن ۾ جيون جي انيڪ لمحن سان ڀريل پڳل ڪشڪول هٿ ۾ جهليو"ڪا" بيٺي آهي . پڳل ڪشڪول مان آهستي آهستي سيئي پل،لمحا واريءَ جي ذرڙن وانگيان وهندا ٿا وڃن ۽ هوءِ بيٺي آهي،منتظر منتظر . اوسيئڙي ۾ ڪليل ڏرا ڏئي ويل اکين ۽ خالي هٿن ڪشڪول سان ڪنهن لاءِ .....ڪنهن لاءِ.....ڪنهن لاءِ ....؟؟؟

ها شايد ان لاءِ ، جيڪو نئي جيون جا حصه گذرڻ پڄاڻان به ناهي آيو!

جنهن جي نه هئڻ کي پنهين حصن ۾ محسوس نه ڪيائين ،پر ٽئين حصي ۾ جڏهن سڀ ڪجهه ساڪت ٿي ويندو آهي.ڪا هلچل ،ڪو تحرڪ ناهي هوندو جيون ۾! تڏهن،تڏهن ڪيڏو چاهيو آهي ته ڪو هجي جيڪو ان سانت کي ٽوڙي، ان يڪسانيت کي بدلائي سڀ اصول ، سڀ نيم ٽوڙي ،تحرڪ پيدا ڪري. درياءَ جي ورهين کان بيٺل ماني پاڻي ۾ ڪو هلڪو هوا جو جهوٽو،ڪو پلڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿان آيل پٿر اچي، جيڪو ڪن پل ئي صحيح پران جي سانت کي ٽوڙي، دائرا.... دائرا.... تحرڪ پيدا ڪري....!

"ها پاميسٽر! تون سچ چوندو هئين، شروع ۾ آخر هڪجهڙا ٿيندئي! جيئن شروع ۾ ڪنهن ٻي هئڻ نه هئڻ جو احساس ناهي هوندو، ائين آخر ۾ ڪنهن جي نه اچي سگهڻ تي چپچاپ جيون سانڪمپرومائيزيشن ڪري ويهڻ به سڪ ۽ شانتيءَ جي علامت ئي ته ناهي نه! ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

من مورک

بس جهٽڪي سان بيٺي تہ اندر وينل ڄڃ ۾ ٺهڪڙو مچي ، دهل شرنائين جي آوازن ۾ گم ٿي ويو .

بس مان لهندي ، هن هيڏانهن هوڏانهن نهاريو، بس جي آڏو بيٺل ڪرائي جي سينگاريل ڪار مان ڪنڌ هوڪو گهوٽ کي لاهي وچي اوطاق ۾ ويهاريو هئائون. ڄڃ هڪ ٻئي جي زور تي اڳتي وڌندي ، جيئن ئي ڪنوار چائنٽ اندر پير رکيو هو ، سامهون وسندڙ ڪير ۽ مکڻ جي بوندن تي هن چرڪجي ، سامهون ڏٺو هو جتي ڪنوار جون پيرهڻ ۾ ، ڪير جون وٽيون ڪنيون ڄڃ کي ٽڏي ٽيڻ جو سوڻ ڪري رهيون هيون . ڪير جي ڇنڊن لڳڻ تي ڪن ٺهڪ ٿي ڏنا تہ ڪن ناسون ڦيرائي ڇپن ۾ پٺڪي تڪڙ ۾ اڳتي ئي قدم وڌايو .

الائي ڪيڏين راتين کان ڳائيندي ڳائيندي ، گهوٽ جي ڀيڻن جو گلو جواب ڏئي ويو هو، جيڪو ٻين سريلن آوازن ۾ ملي آواز کي وڏيڪ ڪيڻ جي ڪوشش ۾، جوان ٻڪريءَ رنيءَ جهڙو ٿي ويو، تيئن ٺهڪن چرچن ۾ وڏيڪ اضافو ٿيندو ٿي ويو.

ٿوري دير ۾ گهوٽ اندر آيو تہ ڪنوار جي ڀيڻ ڏانوڻ جي رسم شروع ڪئي ۽ هوءَ هڪ دفعو وري خلا ۾ هتوراڙيون هڻڻ لڳي .

" ڪيڏو تو پيار مان ڏسندو رهي ، موڪو مٺ، ڪٽي ڇٽي ڏئي ، مان ڪو ڇڙندي مانس ڇا !"

" ڪڏهن تون ئي ڳالهہ کي اڪلائي ڏسبس " دل صلاح ٿي ڏيئس.

" نہ ابا ، جي ڪنهن کي خبر پئي تہ ...... هونءَ بہ پاڻ ڇوڪرو ٿي ڪري شرمائي ٿو، عيب ٿو لڳيس ڇوڻ تہ مان کي ڪهڙي پئي آ !"

" پر ڪيس ڏٺي بنان رهي بہ تہ نہ ٿي سگهين نَين !"

اندر جو آواز."

پاڻ کي وري ڪهڙو قرار اٿس ڇريو، روز اهاني بهاني بيٺو آ."

شرمائي مرڪي ٿي پئي.

" هاءِ ڙي محبت ! ظاهر بہ نہ ٿي ٿيڻ چاهين ، لڪي بہ نہ ٿي سگهين ..... اسان بہ ڇريا آهيون ، ڪي صفا گڪدام ! انهي ڏينهن ٿي ويءَ ۾ ڪو نہ هو تہ " پيار جي ڪا زبان ٿو رئي هوندي آ. الائي بہ ڪيئن ڪهڙيءَ طرح پاڻهي پاڻهي پڌرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي پوندو آ .“ پوءِ مون کي پلا هرو پرو لاچار پيو آ ڇا جو آڳيري ٽيان پاٺهي ڏسجان ڪيئن ٿو ڦاٽ ڪاٽي ، ڏسان ڪيستائين ٿو صبر اچيس .....پر ....
پر ڇڏيو تہ ماري اڇائين ، رات جو تہ الائي ڪٿان جو ڪٿي وڃي ٿي پهچان !
انهيءَ ڏينهن بہ خواب ڏٺم تہ چاچي جي گهر ، هالن واريءَ ڳاڙهي ڪٽ تي گلابي وڳو پايون ويٺي آهيان . پاڻ مان مينديءَ جي پٺي هبڪار آيم ۽ اها هبڪار جاڳڻ کان پوءِ بہ سمجهيم تہ چڙ ڏاري ڦهلي پئي آ .
ڳاڙهي ڪٽ ، گلابي وڳو ، مينديءَ جي خوشبو ، چاچي جو گهر .... مطلب تہ .... اٿي هاٿي نهيو ، هينئر نہ سڀ ليڪا لنگهي وڃ. ان ڏينهن آيو ڪهڙو تہ منهن ٿي ويو هئس، مختيار ۽ انوءَ کي ڏسي ، منهن اٿين سجايو ويٺو هو، وس پڄيس تہ ڪٽي مون کي اڏائي ڪنهن ڪوهہ ڪاف تي پهچائي ، جتي ڪائنس ڪان سواءِ ڪو بہ نہ ڏسي ..“ چريا ! تو کي ڪهڙي خبر تہ مان پين سان ظاهري گڏ هوندي بہ اصل ۾ تہ تو وٽ ئي هوندي آهيان !“
ڪيئن مان تو کي پنهنجي من جي محفل ڏيکاريان ، جنهن جو مور ڪو بہ پيو نہ، رڳو تون هوند ۽ آن جوسب ! (يوسف) رڳو تون ! تون هڪ دفعو پنهنجي سوتليءَ جي سڳن سان سبيل ڇپن جا ٽانڪا ڪول تہ مان تو کي پنهنجي دل ڌرتيءَ جا درشن ڪرايان . جتي رڳو تنهنجو راڄ آ . عورت جي ملڪيت ، اهو ڌرتيءَ ٽڪر ئي تہ هوندو آ ۽ جڏهن ان تي بہ ڪو قبضو ڪري اچي ويهي تہ پوءِ ڪجهہ بہ تہ پنهنجو ڪين رهندو آ ....!
چوٿو ايڏو ستائين ، اجايا ڪري بند بڌا اٿئي، مان جڻ جاٽان ڪين ٿي ، تنهنجي من ۾ ڇاهي ....؟!!!!
گهوٽ جي ڍڪڻ پچڻ تي گهوٽيتن جي رڙين تي ڇرڪي شڪائيءَ مان هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين ، سامهون سيج تي ڳاڙهي تجلا ڏيندڙ ڳاڙهي وڳي ۾ ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺل ڪنوار جي سامهون گهوٽ کي وڃي ويهاريو هئائون .
لائن ڪان پوءِ جڏهن آئينو ٻنهين جي وچ تي رکي ، گهوٽ ڪنوار جي چهرن کي آئيني تي جهڪايو هئائون جيئن هوهڪ ٻئي کي چڱي طرح ڏسي سگهن .
” ابا ونيئي؟“ ڪنهن پوڙهيءَ ڪلندي رڙ ڪندي چيو .
” ڳالهہ ئي نہ پڇ ماسي ! گهوٽ بہ ڪلندي ساڳي مذاق واري انداز ۾ چيو هو.
چوڏاري ٽهڪڙو مچي ويو، تڏهن هن يوسف جي چهري کي غور سان ڏٺو .
جيڪو خوشيءَ ۾ ٻهڪندي يا ڪنوار جي رئي جي عڪس پوڻ ڪري ڳاڙهو ٿي ويو هو .
گهوٽ ڪنوار کي ڪمري ۾ پهچائي ، جيسين واپسيءَ جي تياري ٿئي، تيسين وري گهوٽ جون پينر ، سوٽيون ۽ ماساتيون دهل جي زور ۽ تاڙين جي ٺهڪن تي ڳائڻ ۾ شروع ٿي ويون . سيني جي سريلن آوازن ۾ هن جو آواز بہ تحليل ٿي ويو ۽ سچو ڪمرو:
” بينهم ادل جي مان لاڙئون آئايان “ سان گونجڻ لڳو .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اياڻو

"تنهنجو سڀ کان سٺو دوست ؟"
" ڪُولا ۽ آهيان "
" وڏي ۾ وڏو دشمن ؟"
" هيءَ جيڪو هينئر منهنجي ۽ مان وچ ۾ رهيو آ. "
" ڇا مطلب آ ؟"
" "وقت ، جيڪو هر گهڙيءَ مون کي پنهنجي سزا ڏيندو رهندو آ ، ذهني به ته جسماني به ، هن جو ۽ منهنجو ازل کان جهيڙو هلندو پيو اچي ،هو مون کي شڪست ڏيڻ جي هڙ هٺان ۾ آهي ۽ مان ڪيس ! "
" پوءِ نتيجو ؟"
" جنگ جاري آ اڃان ! "
" ڇا تون سمجهين ، شڪست ڏئي ويندينس ؟"
"انشا الله. "
" منهنجي مدد گهرجئي؟"
" نه ، هو به اڪيلو آهي ، مان به اڪيلو ئي وڙهندو مانس ! "

" تون ڪير آهين ؟ "
" صديون تو سان گڏ رهيو آهيان ، پوءِ به نه تون سڃاڻين ؟! "
" ....! "
" منهنجو نالو وقت آهي . "
" ڪنهن ۾ ڪم اٿئي .؟ "
" مون ۾ پين جو ڪم هوندو آ . "
" پر مون ۾ ڪهڙو ڪم اٿئي ؟ "
" ان کان پهرين جو مان تو کي ان سوال جو جواب ڏيان، تون اهو سوال پاڻ وٽ بچائي رک . هڪ ڏينهن اهو ئي ساڳيو سوال مان ڪندومانءِ . "
" پلاهتي ، هن پاڙي ۾ ڪو دوست پوست رهندو اٿئي ڇا ، جنهن سان ملڻ آيو آهين ؟"
" مان ڪنهن سان دوستي ناهيان رکندو ، دوستي ، سواءِ مون کي نقصان رسائڻ جي ، ڪجهه به ناهي ڏيندي ، پر تنهن جي باوجود به مان انسان سان دوستيءَ جو ڇڏوڏائڻ لاءِ ، هر گهڙيءَ پيو سندس آڏو پنيان ڦرندو آهيان ، پر اهو اياڻو ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفا پاڳل آ ، پوڪ آ ، منهنجي هيڏي ساري قيمتي وجود کي تسليم ئي نہ ٿو ڪري ، جيئن ٿي مون کي پنهنجي ويجهو ايندو ڏسندو آ ، ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي، اٿين سمهي رهندو آ ، ڇڻ مان ڪو سندس زر خريد ٻانهو آهيان ، جو سندس پيرن ۾ ويهي ڪيس زور ڏيندس ، ڪيڏانهن بہ نہ چرندس پرندس ! "

" پر هو تہ چوي ٿو ، تون سندس وڏي ۾ وڏو دشمن آهين ، توهان وچ ۾ جنگ عظيم کان بہ وڌيڪ خطرناڪ جنگ جاري آ ۽ هن کي پوري پڪ آ تہ هو تو کي شڪست ڏيندو . "

" ها ..... ها ......ها .... چيم نہ پاڳل آهي ويچارو ، دوستيءَ مان ڇا ڄاڻي، ڪير ڪيئن آ ، اها تہ شناس ئي ڪانهيس " . ها ... ٻڌو اٿم ، هڪ دوست اٿس ، جنهن سان چڱي ياري نيايون پيو اچي ، پر اهو مون کي ٻنهہ ڪين وڻي. الاهي دفعا سمجهايو ٿيمانس تہ ان سان دوستي ڦٽاءِ ، جيڪو حقيقت ۾ تنهنجو دوست نہ ، دشمن آ ، تہ پوءِ ڏس ڪيئن نہ ٿو منهنجو وجود ڏسڻ ۾ اچئي ، پر هو چوندو آهي تو ۾ ۽ سندس جڪري دوست نفس ۾ ڪلرڊ ۽ بليڪ اينڊ وائيٽ ٽي ويءَ جيڏو فرق آ ، تون مون کي اهو ڪجهہ نہ ٿو ڏئي سگهين ، جيڪو مان هن کان پائيندو آهيان ، آئينده اسان جي وچ ۾ ڪڏهن بہ اچڻ جي ڪوشش نہ ڪندو ڪر ، نہ تہ ٻئي ڳڌجي تو کي پسر ڪري ڇڏيندا سين . تو کي اهڙي شڪست ڏيندا سين جو دنيا ڏندين آڱريون ڏيندي.تڏهن منهنجي غيرت ايڏو وڏو چئلينج گوارا ناهي ڪري سگهندي ۽ جڏهن مان ڏسندو آهيان تہ هو پنهنجي دوست جي ڪلهن تي چڙهي ، عياشيءَ جون سڀ حدون اورانگهڻ ۾ مصروف هوندو آهي ، سندس ٻانهن ۾ قيد ٿي ننڊ جي سيج تي ستو پيو هوندو آهي، تڏهن اهي اهڙيون گهڙيون هونديون آهن ، جن مان ، مان پورو پورو فائدو وٺندو آهيان ، سندس چئلينج ، سندس ئي جوڙيل هٿيارن جي پل تي هوندو آ ، پر مون وٽ سڀ کان وڏو هٿيار منهنجو پنهنجو وجود آ ۽ جڏهن هو پنهنجي دوست سان رهاڻين ۾ مصروف هوندو آ ، تڏهن مان ، ڪائنٽنس هزارين ميل پري هليو ويندو آهيان ، ايڏي اوچائيءَ تي پهچي ويندو آهيان ، جتي سندس رسائي ممڪن ئي ڪونهي ، پر هو بہ منهن جي ڦڪائيءَ کان ، ساڳيون هنيوچيون پيو هڻندو آ ، مون تائين رسڻ جون ، مون کي شڪست ڏيڻ جون ، پاڳل ڪنهن جاءِ جو !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماَمتا

”چو ٿي منهنجو سک ڦٽائين ، هلي وڃ ، هلي وڃ هتان ، خدا جي واسطي ، مون کي ، مون کي منهنجي حال تي ڇڏي ڏي ...“ اونده روشنيءَ جي ننڍڙي ڇٽنگ پسي سڏڪي پئي .

”تو کي ڪهڙي خبر ، تنهنجي اچڻ سان مان ڪيڏين راحتن کان محروم ٿيو ٿي وڃان ....ڇاڪاڻ تي تون مون کان هرلحاظ کان ارفع آهين پر .... تو منهنجي هنج ۾ پناه وٺندڙن جو چهرو ڏٺو آ . جيڪي تو کي ڏسي مون کان منهن ڦيري ويندا آهن ، مان جيڪا هميشه تنهائين جي ڪن ۾ پٽڪندي رهي آهيان ، ڪن پل به تون مون سان ڪنهن جي سنگت برداشت نه ٿي ڪري سگهين .....!“

”سڄي دنيا ته مون کان نفرت ڪندي آ . جيڏانهن منهنجو هلڪو پاڇو به پسندي آ ته اوڏانهن جو رخ ئي ناهي ڪندي پر ڪين ڪهڙي خبر ته مون ۾ ئي پرهه جا پيغام لڪل هوندا آهن .“

”گناهه به ته تنهنجي ئي هنج ۾ ٿيندا آهن نه ؟“ روشنيءَ طنز مان چئو اونده جي ڏکندڙ رڳ تي هٿ رکيو.

”منهنجي هنج ۾ .... ! مان ته رڳو آڙ هوندي آهيان ، اصل ۾ ته اتي به مون کان ويجهي تون ئي هوندي آن ، ڪڏهن ماچيس جي تيليءَ جي صورت ۾ ته ڪڏهن هئيڊ لائيٽس جي صورت ۾ .“

”تون ڪيڏو به پاڻ کي افضل سمجهه مون کان ، پر ياد رک ، تو ڪڏهن به سوجهري جو پيغام ناهي آندو . تنهنجي ڇڏي وڃڻ بجاڻان ، مان پٽڪيل ۽ تنهنجي رويي کان نراس ٿي ويلن کي پنهنجي پرهه ۾لڪائي سهاري ڇڏيندي آهيان ته هن واعده شڪن جون ڪجهه گهڙيون انتظار ڪريو ، ڪيستائين لڪندي .... ۽ پوءِ ڪين تنهنجي جهلڪ مٿي آسمان ۾ چمڪندڙ ننڍڙن تارن ۾

ڏيکاريندي آهيان . ڪي ته بهلجي ويندا آهن پر ڪي اڃان به مون کي ويجها ٿي ، منهنجي آغوش ۾ منهن لڪائي پهرن جا پهر سڏڪندا رهندا آهن ، تڏهن ائين محسوس ٿيندو اٿم ڄڻ منهنجو سڄو وجود ماءُ جي هنج بڻجي ويو هجي ، جنهن ۾ ڪنهن ڳالهه تان ڪينو ڪري ، ٻار منهن لڪائي سمهي پوي ۽ پوءِ مان سڄي رات ننڊ ناهيان ڪري سگهندي ، يا ته سندن لڙڪن سان پنل پنهنجي دامن کي نپوڙيندي نپوڙيندي يا هنن جي زخمن تي پها رکندي ، پر جي اڃان به سمجهندي آهيان ته هنن جي بيقرار روح کي ڪنهن ڪل قرار ڪو نه ٿو اچي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهجي سنگتياڻي ، ننڊ ديويءَ کي سڏ ڪندي آهيان ، جنهن جي ٻاري ۾ پڙو اٿم تہ تو سان بہ چڱي خاصي لڳي وئي اٿس پر تو وٽ اچڻ مهل هوءَ پاڻ چوندي آ تہ مون کي چين کو نہ ايندو آ ، هوءَ منهنجي صحبت جي ايڏي عادي ٿي وئي آ جو تو وٽ تہ ڪنهن مصلحت تحت ٿي ايندي هوندي.ها سو جڏهن ننڊ ديوي کلڪارون ڪندي آ تہ ، " هش ...." ڪري چوندي آهيانس ، آهستي ڪل جو ڪي تہ اهڙي سڪون ۾ بہ هوندا آهن جو دڄي پوندي آهيان تہ اهي بہ نہ اٿي پون ، پوءِ هوءَ ڪائنات جي مڙني رنگن مان نهيل سپنن جا ننيڙا رانديڪا کڻي ايندي آ ۽ کين ، پنهنجي آغوش ۾ ويهاري ، رانديڪن سان ٻهلائيندي رهندي آ ، جيستائين تون اکيون مهٽي اٿين .

" تو تہ رڳو چين ڦٽايو آ ، منهنجو چا پر انسانن ، حيوانن ، پکي پکڻن، جيت جڻين ، مطلب هر ساهہ واري جو سک ڦٽايو آ ، وبندي پوتن تائين جو هو بہ منهنجو سنگ چڏي لڙک هاري ويهندا آهن ، جن کي تون منهن جي ڦڪائي لڪائي ، ماڪ ۽ شبنم جا نالا ڏئي ويهندي آهين . "

" او سکي منهنجي وجود کي پلي تون تسليم نہ ڪر ! چاڻان ٿي مون کان سواءِ هنن جو گذارو ٿي ويندو ، تو کان سواءِ نہ ، پر .... تو کي منهنجي واسطي رحم نہ اچي،نہ ٿي سهي ، پر هنن جي واسطي رحم ڪر ، جيڪي تنهنجي ڏنل ڏنگن جو عذاب منهنجي اکين آڏو پورڪيندا آهن . "

" مان ڪيترن جو زهر چوسيندس .....؟ "

" تون مون وٽ نہ اچ ، تون نہ ٿي چاڻين ، تنهنجي پيئندي ٻار کي تاهہ اچي تہ هو ڪي پهر تنهنجي پيئڻ چڏي ڏيندو آ . "

" منهنجي ممتا جو ڳلو نہ گهٽ، نہ ايندي ڪر مون ڏي ، بلڪ اسان ٻنهين لاءِ بهتر آ تہ قدرت طرفان مقرر ڪيل پنهنجين حدن ۾ رهون .! "

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرائي تڏي

شاديءَ جو تياريون مڪمل ٿي ويون هيون ، پڦين پاءُ جي آخري نشانيءَ کي خيمي ۾ گهرايو ماءُ پنهنجي تقدير جيان وڪريل وارن ۾ خاڪ پري آخري دفعو پٽ جي پيشاني چمي .

ڪيس اميدن جي خون سان لال ٿي ويل ڳانا ٻڌا ويا ، لڙڪن سان پنل مينديءَ هنئي وئي ۽ سڀ بيبيون بجاءِ سهرن جي زور زور سان ماتم ڪندي نوحه چوڻ لڳيون ....

سيني جون اکيون لڙڪن سان تَرِ هيون . ڪنهن ڪنهن هلڪا سڏڪا ٿي پريا . هوءَ آخري صف ۾ ويٺي هئي ، ڪنڌ ڀهرئين ڏينهن جي پرٽيل ڪنوار جيان مونن ۾ هيون . فرق رڳو رئي جي رنگ جو هو ، ڳاڙهي بجاءِ ڪاري رنگ ڪيس گهونگهٽ جي اوٽ ڏني هئي . ڪارو رنگ جيڪو وڳي تائين ڦهلجي سندس سڄي وجود کي اورانگهي قسمت جي پنن کي ڪارو ڪري ويو هيس . هن جون اوچنگارون سڄي هال ۾ گونجي رهيون هيون ، جيڪي ذاڪرياڻيءَ جي سريلي ۽ مني سر ۽ مصائب جي اڳتي وڌڻ تي جيئن پوءِ تيئن وڌنديون ٿي ويون . مجلس ۾ موجود سڀ عورتون رکي رکي ڏانهنس گهوري رهيون هيون ، هوءَ جيڪا ماءُ جي موت تي به ايترو نه رني هئي .

"شل نه ڪنهنجون مائرون وڃڙن !"ڪنهن سرگوشيءَ ۾ چيو .

"ها ادي لوڪ سچولب جو ،ابو امان بي لبو .پرسان ويٺل ڪنهن بيءَ عورت سرگوشيءَ جي موٽ ۾ سرگوشي ڪئي .

.... ۽ جڏهن يزيدي لشڪر مان ڪنهن ناپاڪ آواز بلند ڪيو ؛" آهي ڪو مرد ميدان ۾ جيڪو اسان جي سامهون اچي،اسان سان مقابلو ڪري !"تڏهن جوش جي هڪ لهر سيني ۾ محسوس ڪندي قاسم نوشه اٿي بيٺو ، هن آخري دفعو پنهنجي ونيءَ کان موڪلايو ، هوءَ ظلم جي ماريل لڄ ۽ ڏک کان ڪجهه ڪچي نه سگهي هئي ، هٿ وڌائي ڪيس روڪڻ چاهيائين ته امام جي ڀهرياڻ جو ڪجهه حصو سندس هٿ ۾ اچي ويو .

...... بيبي ڪبريٰ جنهن کي ونيءَ ٿئي چند پل ئي مس گذريا هئا ، پنهنجي ور جي آخري نشاني سندس ڀهرياڻ جو ڦاٽل حصو سيني سان لائيسڏڪي پئي . ڌرتيءَ تي لهي ، خاڪ جا ٻڪ مٿي تي وسائي گريه زاري ڪندي پنهنجي بي وڳيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳي ....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درود ۽ صلواتن جا پڙاڏا سندس ڪنن سان ٽڪرائجي هن جي اوڇنگارن جي آواز ۾ ضم ٿيڻ لڳا .

اوڇنگارون وڌنديون ويون ...... وڌنديون ويون .... سندس سڄو جسم پگهرجي ٺڏو برف ٿي هڪ پاسي ڪري پيو .
ذاڪرياڻيءَ مجلس جو آخري بند پڙهي پورو ڪيو .
هوءَ ساڪن جسم، لڙڪ پنل ڇهري تي چنبڙي ويل ڪليل وارن سان بي سڌ پئي هئي ، اوڇنگارون ڏينديون ماتم ڪندي سندس باقي بچيل چوڙيون به ڀڄي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ڪجهه ڌرتيءَ تي ته ڪجهه سندس ڪرائين مان وهندڙ رت ۾ پرجي ٻانهن جي ماس ۾ چنبڙي ويون هيس .
ڪنهن منٿس پاڻي ٿي وڌو ڪنهن صلواتون پئي شوڪاريون ، ته ڪنهن ”بس ادي پرائي تڏي هر ڪو سور پنهنجا “چئي ٿڏا ساهه تي پريا پر ڪنهن به سندس ساڪن جسم اندر ڌڪ ڌڪ ڪندڙ ڪنهن سير وڌل پکيءَ جيان ڦٿڪندڙ دل جي وارتا نه ٿي ڄاتي .

هڪ عورت اٿي نياز جي ٿالهه مٿان ڏنل اخبار ڪٽي ڇنڊڻي ڪري ڪيس هوا ڏيڻ لڳي ، جنهن ۾ ڪنڊ ڪان ڌرتيءَ تي لت پتُ انُ جي تصوير هئي ، سندس اکيون ڪنهن کي مدد لاءِ پڪاريندي ڪنهن جي راهه ڏسندي اڌ ڪليل ئي رهجي ويون هيون ، تصوير مٿان ننڍڙي سرخي هئي ته :
”رات دير سان هڪ نامعلوم نوجوان کي واٽ ويندي (شايد مستقبل جا سندر سپنا جوڙيندي) ڪي دهشتگرد بيدرديءَ سان قتل ڪري فرار ٿي ويا ...“
هو جيڪو دنيا جي نظرن ۾ ڪجهه نه هو ،پر هن ، سندس هيئنءَ ريءُ موڪلائي شهيدن جي وستي ڏانهن رخ ڪرڻ تي قيامت تائين جي وڇوڙي تي بيبي ڪبري سان گڏ گڏ ائين ماتم ڪرڻ چاهيو هو ،جئين هوءَ پنهنجي بي ڪفن گهوٽ جي پامال ٿي ويل لاش کي ڏسي تاحيات ڪندي رهي .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوهي ڪير؟

"عورت جي به ڇا زندگي آ؟ ڄمڻ کان مرڻ تائين سُور ئي سُور!"
"پر اڄ جي عورت لاءِ ائين نه ٿو چئي سگهجي!"
"اڄ جي عورت، چاهي جو خلا ۾ قدم رکي چڪي آ. پر اسان جي پٺتي پيل معاشري ۾ اڄان به هن جي چائنٽ ٻاهر ٽپڻ ٿي، زنجيرون وڌيون ٿيون وڃن! منهنجي دل ته چوندي آ جي مون ڪي اختيار هجي ته عورت جي حقن لاءِ وڙهان، هن کي محرومين مان ڪيان، پر اهو سڀ، ڪنهن هڪ جي سوچڻ سان ته نه ٿيندو! ان لاءِ سهڪار گهرجي، ساٿ گهرجي..."
"مان تنهنجو ساٿ ڏيندم زيبِ!" هن منهنجي ڳالهه اڌ ۾ روڪي، پُر اعتماد لهجي ۾ چيو هو.
"پر تون به ته مرد آن نه! ۽ هي معاشرو ...." مون مرڪندي ٽوڪيو رمانس ۽ هن وري ڳالهه ڪٽي چيو:
"اهو ته وقت ٻڌائيندو ته معاشرو مرد جو آهي يا عورت جو! پر تون رکو منهنجو ساٿ قبول ڪر زيبِ! ڏسجان گڏ جي ڪيئن ٿا انهن فرقن کي مِٽايون."
"صرف هڪ عورت جي حقن جي ڳالهه ناهي جناب!" ٿورو شوخ ٿيندي چيم.
"اڙي هن معاشري ۾ ڪنهن هڪ عورت کي ئي سنڌس جائز، گهربل حق مِلڻ ته به وڏي ڳالهه آ."
اڪثر اسان ٻئي جڏهن به ملندا هئاسين، مرد عورت جي حقن، انصاف ۽ ناانصافيءَ جي فلسفي کي ڪٽي ويهندا هئاسين ۽ واقعي هن پنهنجي دعوائن کي پورو ڪري ڏيکاريو. اسان جي محبت جي گاڏي پيار جا پيچرا اورانگهيندي وڃي شاديءَ جي منزل تي پهتي.
شاديءَ کان پوءِ هن ڪنهن به موڙ تي مون کي رواجي مڙس جيان، اهو احساس نه ڏياريو ته ڪو ٻاڻ مون کان مٿانهون آ. ٻئي گڏ هڪ ايڊورٽائيزنگ ايجنسيءَ ۾ ڪم ڪندا هئاسين. گهر يا گهر کان ٻاهر هر ڪم ۾ ٻٽلنس. ايڏو ته ڪو-آپريٽو مائينڊ جو مان سوچي به نه ٿي سگهيس ته اسان جي پٺتي پيل معاشري ۾ مردن جو جهڙو اميج هو، منهنجي نظر ۾ان جي برعڪس ڪو اهڙو براڊ مائينڊيڊ مرد به ٿي سگهي ٿو!
سال کان پوءِ "ماه رخ" جي آمد ٿي. "برٿ پينس" ته ڪري مون ڪاڏا پر توجه پينس" ۾ برابر جو شريڪ هو. ببيءَ جي طبيعت خراب هوندي هئي ته اڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ رات جو اٺين ٿي ڪڏ، اوجاڳو ڪندا هئاسين. ٻيبي مون وٽ تہ فيڊنگ جو ڪم هن تي ۽ جي ٻيبي هن وٽ، تہ فيڊنگ مون تي، ڪيڏي مهل نيپڪن پيو چينج ڪري تہ ڪيڏي مهل کهوڙو ٻنجي پيو کهمائيس. ٽن سالن گذرڻ ٻجاڻان، محسوس ٿي نہ ٿيندو هو تہ ڪو شاديءَ کي ٽي سال گذريا آهن . ساڳيو پيار، ساڳيو چاهہ ، ساڳيو اتساهہ، جڻ انهن شاديءَ کان پهرين پيار وارن پينگهن ۾ پيا لڏون!

اسان چاهي جو مرد عورت جي سماجي ڏ ڦ کي عملي طور مٽائي چڪا هئاسين. پر پوءِ بہ ٻين جي مسئلن/مثالن کي ونني اڪثر بحث ڇيڙي ويهندا هئاسين. جن ۾ هو هميشہ عورت جي فيور ۾ ڳالهائيندو هو. تڏهن منهنجي ڳلن تي خوشيءَ جا ڳاڙها گل ٽڙي پوندا هئا تہ هيڙو سچو ۽ سٻاجهو جيون ساٿي مليو اٿم .

"هالار" جي پيدائش دوران مان هاسپيٽل ۾ ٿي ايڊمٽ هئس، "ماه رخ" سندس حوالي ! ڪيڏيون ذميواريون سنڀاليون هئائين اڪيلي اڪيلي! مان دل ئي دل ۾ پنهنجي قسمت تي رشڪ ڪندي هئس ۽ ڪيس ساراهيندي هئس.

اڄ هو آيو، "ماه رخ" ڪو نہ هئس.

"ٻيبي ڪاٿي آ؟" مون حيران ٿيندي "ماه رخ" جو پڇيو.

"گهر آ." وراڻيائين پر ڪنڌ جهڪيل ۽ اکيون ڏرتيءَ ۾.

"گهر!؟ - اڪيلي !!؟" مون ذري گهٽ رڙ ڪندي چيو.

"ها مون سوچيو، اڄ تہ هونءَ ئي تون هاسپٽل مان ڊسچارج ٿيندئين ...!" هن جون اکيون اڃان بہ هيٺ هيون، مان سندس ڳالهہ ڪٽيندي چيو.

" ڇا ڳالهہ آ ذولفي !؟ مون کان ڪجهہ لڪائين تہ نہ پيو!؟"

"زيبِ! تون مون کي ڄاڻين ٿي. مان تو سان ڪيڏو فيٿ فل آهيان. تنهنجي خيالن، تنهنجي آدرشن جو ڪيڏو مان آ، مون وٽ ۽ مان سمجهان ٿو تہ توکي اهو ٻڌي خوشي ٿيندي تہ مان اڄ هڪ عورت کي تباهہ ٿيڻ کان بچائي ورتو آ، هن کي زماني جي ڪوسين لڪن ۾ سڙڻ کان اڳ ڇانوروڏنو اٿم" هن سنجيدگيءَ ۽ گهميرتا سان چيو.

"ڪير - ڪيئن!؟" مان ڳالهہ نہ سمجهندي حيران ٿيندي پڇيو !

"زيبِ ! هتي ئي، هن هاسپيٽل ۾ ٻہ ڏينهن اڳ، هڪ عورت کي مرٽينگ حالت ۾ ايڊمٽ ڪيو ويو هو، هوءَ جنرل وارڊ ۾ پنهنجي جوان سنهڙي ۽ سانوري ڌيءَ سان رهيل هئي. حالت مان ٿي مظلوم پئي لڳيون، مان بہ هڪ بہ دفعو ويو مانِ تہ ڪنهن مرد جي ضرورت پوي تہ مون سان يا تنهنجو روم نمبر ڏسيو. مانِ تہ توسان ڪانٽيڪٽ ڪن. جيئن تہ مائيءَ جو زهر ڪاڏل هوان لاءِ بچي نہ سگهي. هاڻي هوءَ اڪيلي ڇوڪري اڃي ششدر ٿي. مون دلاسو ڏنوماٽس. گهرجو ڏس پتو پڇ ـ مانس، پر چيائين، " ڪو ڏٽي ڪو ڏوڪي ڪونهي، ڪو بہ اور پار جو عزيز مٽ ڪونهي!" خير مائيءَ جي ڏٽفين تہ ٿي هاڻي هو ڇوڪريءَ جو مسئلو تہ ڪيڏانهن وڃي، هن ويچاريءَ ڏک ۽ بيوسيءَ مان پئي هيڏانهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوڏانهن نهاريو ۽ ڳوڙها ڳاڙيا.
مان ڪيس گهر وٺي ويس ته جيسين ڪو عزيز رشتيدار اچيس تيسين اتي ئي ملي رهي!
"گهرا!؟" مون کان رڙ نڪري وئي.
"پهرين پلا ڪيڏانهن وڃي ها! رات جو ئي هڪ شخص آيو، جنهن چيو ته سندس پيءُ آ! مان چوڪريءَ کي چيو ته تو ته چيو هو ته منهنجو ڪير به ناهي. هيءُ تو چوي ته هيءُ تنهنجو پيءُ آ.

اِچيائين "اهو منهنجي ماءُ جو پيو مڙس آ. ان ئي منهنجي ماءُ کي زهر ڏنو ۽ روز اسان ٻنهين کي ماريندو هو، امان کي زهر ان لاءِ ڏنائين ته جيئن هو مون سان شادي ڪري! مان زهر ته کائيندم پر اُن سان ڪڏهن به شادي نه ڪندم، ان سان ڪڏجي نه ويندم!"
چوڪري پاڻ مارڻ لاءِ تيار ٿي بيٺي ۽ هو ڌمڪي ڏئي ويو ته عدالت ۾ تو چڪرايانو! منهنجو ته متو ئي چڪرائجي ويو ته ڪهڙي مصيبت ۾ اچي ڦاٿو آهيان پوءِ اوچتو فيصلو ڪيم ۽ صبح سان ان تي عمل ڪيم. عدالت ۾ هن کي وٺي وڃي ڪورٽ ميرج ڪري ڇڏيسين.
"مي ...ري...ج !!!!" منهنجو هياءُ ٻڏڻ لڳو، دماغ جون نسون ڇڻ ڦاٽڻ لڳيون، مان نستي ٿي وڃي بيڊ تي ڪريم، اکين جا بند ٽٽي پيا، لڙڪ وهندا رهيا- خبر ناهي ڇا لاءِ؟
عورت جي ڏک ڀري داستان لاءِ!،
مرد جي عورت سان عقيدت ۽ رحم جي جذبي لاءِ!
پيار ۾ ورهاست لاءِ!
يا اهو واضع ٿي وڃڻ لاءِ ته عورت وڙهي به پيا سڀ حق ته وٺي ٿي سگهي پر اهو حق، اهو اختيار اسان جي مذهبن اسان جي سماج ۾ صرف ۽ صرف مرد کي ڏنو آ!!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندي ويندي

ڪيڏي اونداهي رات آ .... ڇا هاڻي اهي اونداهيون راتيون ئي منهنجو مقدر هونديون ......؟!

ڏور اڀ ڏانهن اڏامندڙ ستارن پريي رات جي آجيان ڪندڙ ، سفيد پکين جون سناٽي ۾ ڪنن ۾ رس اوتيندڙ لاتيون ، هي راتين جي سفر ۾ منهنجو همسفر چنڊ ، ڇا اڄ هن سان منهنجو هي آخري سفر آ ....؟ هينئر ئي ڪيس الوداع چئي اکيون ٻوٽي ڇڏيان ....؟

نہ .... نہ .... اڃا تہ ڪي گهڙيون ترس .....

ڪيڏي حسين آ زندگي ، اُن جو احساس شايد ان وقت شديد ٿيندو آ ، جڏهن زندگي ۽ موت جي ميلاپ ۾ چند گهڙين جو فاصلو هوندو آ ....!

مان چوندي هيس ، زندگي هڪ حسين محبوبا جيان آ ، جنهن جي عشق ۾ موت ، ڪنهن سچي عاشق جيان پويان سرگردان ڦري ڦري ، ٿڪجي ٿڪجي نيٺ ٻائي وٺندو اٿس. پر اهو عشق يڪطرفو هوندو آ ، " عمر" جي عشق جيان . زندگيءَ ڪي ڪڏهن بہ موت سان عشق ٿي نہ ٿو سگهي . هوءَ تہ موت جي قيد ۾ وڃي بہ شايد مارئيءَ جيان پنهنجا پکا ۽ پنهوار ساريندي رهي....!

پر اڄ مون کي پنهنجا ئي لفظ ڪوڪلا ۽ ڪاغذ جي ناوَ جيان ٻي وزن پيا لڳن ڪڏهن ڪڏهن زندگيءَ جو فلسفو الٽو بہ ٿي ويندو آ . اها محبت ، جنهن کي مان يڪطرفو سڏيو هو بہ طرفي بہ ٿي ويندي آ . بلڪ زندگي ئي "سهڻي" بڻجي ساهڙ جي سڪ ۾ پاڻ کي سيرن حوالي ڪري ڇڏيندي آ پر سهڻيءَ جو درياهہ ۾ گهڙڻ جو ارادو ، سيرن جي سڪ ۾ نہ ، ساهڙ جي سڪ ۾ هو ، پاڻيءَ ۾ پير پائڻ کان اڳ هن جي من ۾ پرئين پار ، سندس اوسيئڙي ۾ ويٺل ، ميهار جي وصل جو ارمان هوندو ۽ جڏهن درياهہ جون بي رحم ڇانهون کيس پنهنجي آغوش ۾ کڻي ويون هونديون ، تڏهن ئي

"ملي تو ميهار ، سهڻي ، سهڻي ٿي وئي " هوندي .

مان تہ پاڻ کي فيصلي جي اٽل سمجهندي آهيان ، پوءِ.... پوءِ اڄ ظاهري طور فيصلو ڪرڻ جي باوجود بہ اندر مان دل جي اوس پاس مان ڪٿان ، نفيءَ جو آواز ڇو پيو اچي ؟ ڇا مان ان (دل) سان زيادتي پئي ڪريان .... ۽ هوءَ منهنجي نيت ڀانپي وئي آ تہ چند لمحن کان پوءِ ، سندس ڦِلو پنهنجي هٿن سان گهٽي ڇڏيندم ۽ سندس ڌڙڪن جو ردم هميشہ هميشہ لاءِ بند ڪري ڇڏيندم ! اهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکين جي آلاڻ ، چپن جي لرزش ، ڇا تا چوڻ چاهين مون کي ؟ ڇا مان سپني سان زيادتي .....

نہ ... نہ ... ! ڪنهن کي سمجهايان آخر تہ مان هن ساهن جي تسلسل کي زندگيءَ جون نانءُ نہ ٿي ڏيئي سگهان . ان کان تہ بهتر آ موت....... ڪو مون کان تہ پڇي زندگيءَ جي اهميت ، هر ڪو پنهنجي پنهنجي زاويي کان ڏسندو هوندو زندگيءَ کي پر مون لاءِ زندگي ڪيڏي حسين هئي ، اهو ڪو منهنجي اکين سان تہ ڏسي ها ، منهنجي دل سان تہ محسوس ڪري ها .....

ڇا مون کان پوءِ هن سرشتي جو سرڪل ساڳيءَ ئي رواني سان هلندو رهندو...؟ ڏينهن رات ، صبحن ، شامن جو تسلسل ساڳيءَ طرح هلندو رهندو؟
ها بس محسوس ڪرڻ وارن مان هڪ جي ڪمي هوندي ... آسمان جي ڪروڙين تارن مان هڪ تارو ٽٽو ، ڪهڙو فرق پيو !؟.
هوا ۾ شامل اربين ساهن مان هڪ جي ڪمي ٿيندي ، ڪير محسوس ڪندو ؟!
پر.... پر مون لاءِ اهو هڪ ساهہ ڪيڏو اهم آ ، جنهن جي نہ هئڻ سان ڪجهہ بہ نہ هوندو .... هيءَ دنيا "اونداهو کن " بڻجي ويندي ! ظاهر آ ، اک بند ٿيڻ کان پوءِ ڇپرن جي اندران ئي ڏسي سگهبو آ ، ٻاهر ڪيڏيون مشعلون ٻريون ، ڪهڙي ڪلَ....!!
ڪيڏو بي وجود آ انسان ! پنهنجي ئي سامهون ، پنهنجو پاڻ کي هوائن ۾ تحليل ٿيندو ڏسي بہ ڪجهہ ناهي ڪري سگهندو؟! ۽ هي بي جان شيون .... هيءُ پلنگ ، هيءَ پين ، ڪيئي انسانن جون يادگيريون پاڻ ۾ سمائي هميشہ زنده رهندڙ ڪتاب ، گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ تي سٽين جو رقص ، صديون ساڳي حالت ۾ رهي سگهن ٿا ۽ اسان ....
پر مان هينئر ، هن گهڙيءَ اهو ڇو سوچڻ ويٺي آهيان ، اهي ڳالهيون تہ ورندو بہ مون کي ڪمزور ڪنديون ....
هيڏو وڏو فيصلو هڪ پل ۾ ڪري ويم ، اڃان ڪمزور ٿيندم .....جنهن جو ثبوت اهي خط آهن ، جيڪي چند گهڙيون اڳ پوسٽ ڪرائي ڇڏيا اٿم . هڪ خط ، ان ڏانهن ، جنهن جي ڪري ئي هن هيڏي فيصلي جي قوت سمجهيم پاڻ ۾!
ان خط ۾ ننڍڙي ليٽر پيڊ جي ننڍڙي پني تي وڏن اکرن سان ساري لکيو اٿم . شروع ۾ تہ ڏسي حيران ٿيندو ، پر جڏهن حقيقت جي خبر پوندس تہ ان هڪ اکر ۾ سمايل ، منهنجو سڄو داستان سمجهي ويندو . هونءَ بہ ان ۾ تہ ايڏو اعتبار اٿم جو رڳو خالي ڪاغذ موڪليانس تہ بہ منهنجي دل جون حقيقتون ڄاڻي وٺندو .
ٻيو خط ، پنهنجي ئي گهر جي ايڊريس تي پوسٽ ڪيو اٿم ، جنهن ۾ لکيو اٿم.

منهنجا پيارؤ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي جدائيءَ جو ڏک ، شايد اوهان کي ايڏو نہ ٿيو هجي جيڏو مان ٿي محسوس ڪريان ، ڇو تہ هيئن پاڻهي جدائي قبولڻ سان اڪيلائيءَ جو احساس، ڪيئن ڇوان ڪيڏو وڏي ويو اٿم !

هن خط لکڻ کان اڳ اوهان سيني جي جاڳندڙ ۽ ننڊ پيل ناراض ، ناراض چهرن کي ايڏو سک مان ڏٺو هيم ، جيڏي نظرن ۾ سڪ هئي پر هن کان سواءِ ٻيو ڪو طريقو بہ تہ ڪونهي ! هونءَ بہ اهو جيئڻ ڪهڙو ، جنهن ۾ زندگيءَ جو اهڃاڻ ئي نہ هجي!؟؟

اوهان جي..........

ڇا واقعي چند گهڙين کان پوءِ ......؟ نہ .....نہ ...(اندر ۾ سڏڪو) وڃڻو تہ پوندو نہ جانم ! ڪجهہ دير پهريون بہ ڏس اهڙا خيال آيا هئم من ۾ ۽ پنهنجي فيصلي کي پينڊيوليم تي لڏندي محسوس ڪيو هئم پر ڏس خط بہ پوسٽ ڪري ڇڪي آهيان ، ائين جي روز روز پرم ٽٽندو رهيو تہ پوءِ شايد هيءَ سزا بہ پاڻ کي ناڪافي لڳي ......

۾ اها ڪهڙي پڪ آ تہ منهنجي هن فيصلي سان هو رنجيده نہ ٿين يا منهنجي هلئي وڃڻ کان پوءِ هو مون کي سٺن لفظن ۾ ياد ڪن !

زندگي آ تہ سڀ ڪجهہ آ ، زندگيءَ کان پوءِ ڇا هي ، ڪهڙي ڪلَ؟!

ٺيڪ آ جي زندگي منهنجون تقاضائون پوريون ڪرڻ ۾ ناڪام وئي تہ ، ڪيس سيکت ڏيڻ لاءِ ايئن بہ ڪري سگهان ٿي تہ پين جي ناڪامين کي گهٽائڻ لاءِ ، سندن ڪاميابيءَ جون راهون استوار ڪرڻ ۾ ڀهرو وٺي سگهان .

رهي خطن جي ڪري پرم ٽٽڻ جي ڳالهہ ، سو پنهنجي ايڊريس وارو ڪوشش ڪري پاڻ ئي حاصل ڪري وٺندم ۽ ڪنهن جي بہ پڙهڻ بنان ڦاڙي ڇڏيندم . هن ڏانهن لکيل "ساري" جي وضاحت "اگر ڪڏهن ملي وڃي" تہ ڪري ڇڏيندي مانس ، جو اميد تي دنيا قائم آ . موت ئي تہ اصل وڇوڙو آ ، زندگي ۾ آس جو سڀنڌ ڪڏهن بہ ناهي ٽٽندو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنان عنوان

"جنم ڏينهن مبارڪ"
"جنم ڏينهن ....جنم ڏينهن ....جنم ڏينهن!!........................
ڏوڪوئي ڏوڪو - سڀ ڀڪواس ! جنم ڏينهن ....ائين لڳندو آهي ڄڻ موت کي شڪست ڏيئي، هر سال اهو يقين ڪرڻ چاهيندا هجون تہ اسان اڃان زنده آهيون!

زندگي! ڪنهن خلا ۾ .... ڪنهن لفظ جيان، ڏور آڪاش جي وسعتن ۾ ڪر، رقص ڪندي رهندي آهي! پر شايد، اهو نہ آهي ڄاڻندي تہ سندس ڏور جو ٻيو سرو موت جي وحشي چنبن ۾ قاتل آهي !

ڪنهن سچ چيو آ تہ، "موت هر شيءِ کي ٻي معنيٰ بنائي ڇڏيندو آ" ان طرح موت اڳيان زندگيءَ جي ڪا معنيٰ، ڪا حيثيت ئي ناهي پوءِ بہ جيون پيا... اندروني طور پاڻ کي ماري ماري بہ زندگيءَ جي لطافتن کي ڏسي پاڻ ۾ جيئڻ جو ساهس پيدا ڪري وٺندا آهيون! پر ڪيستائين ...؟؟

ان جو جواب تہ ڪنهن وٽ بہ نہ آهي پر پوءِ بہ ان مختصر زندگيءَ ۾ چند گهڙيءَ جي ساهن ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ ٻين جون زندگيون ڪسي وٺندا آهيون. ان اميد تحت تہ اهي ڪنهن ڪان ڪسيل زندگيءَ جا پل شايد، منهنجي جيون ۾ اضافو ڪندا! ڪيترو ڏوڪو ڏيندا آهيون پاڻ کي !

زندگي!....زندگيءَ ڪڏهن بہ ڪنهن سان وفا نہ آهي ڪئي. وفا ۽ بيوفائي جو سلسلو تہ زندگيءَ جي شروعات سان ئي شروع ٿي ويو هو پوءِ ڇو اسان ڪنهن جي بيوفائيءَ تي سڏڪي پوندا آهيون ؟!

انسان ڪيئن نہ جهٽ پل ۾ بدلجي ويندو آهي. ڏينهن جي پهرن جيان . جيڏانهن بہ نظر ڦيرايو ڏوڪو ئي ڏوڪو آهي ڇوڙس،خدا جو بندي سان، نيتا جو جنتا سان، پيارڻ جو جوانيءَ سان ، موت جو زندگيءَ سان ! ڪوجهائپ جو حسن سان ... سڀ ڏوڪو آ - سڀ ڀڪواس ، پيار محبتون ، ڪجهہ بہ پنهنجو نہ آهي! سڀ ڪجهہ عارضي ،لمحاتي جذبا ، ڪڏهن بہ ڪنهن پل بہ ختم ٿي ويندا ، ريشم جي تند جيان ! ساهہ جي تسلسل جيان ٽٽي پوندڙ. ڪير جي ڪچ جيان، سمنڊ جي ڦيڻ جيان، سڀ ڪجهہ پَلَ ۾ پَلَ ۾ ختم ٿي ويندا ....!

سوچيان ٿي، دنيا جو بنياد وجهندڙ ان تخليق ڪار،دنيا جي تخليق ڪندي ڇا ڏوڪي جي فلسفي کي مد نظر رکيو هوندو؟!!

زندگي .....فنا جو عرف عام - پَلَ پَلَ ۾ ڳر ٿي وينڙ....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون!... مان توکي ڪڏهن بہ زندگيءَ سان تشبيهہ ناهي ڏني پرءِ بہ....پرءِ بہ......

سوچيان ٿي تنهنجي ڪا تشبيهہ هٿ ڪهڙي.....تون....تون.....مون کي 'پنهنجي زندگيءَ چوندو هئين!

ها، مان زندگي جيان ئي تہ هئس / آهيان.

زندگي! ماڪ ڦڙوا ڪن پل ۾، اُس جي تيزيءَ يا هوا جي جهوٽن سان سڪي ڪِر ٿي، بي وجود ٿي ويندڙ ۽ تون.....ها! مان توکي پنهنجي موت سان تشبيهہ ڏيندس!

جنهن جي شڪنجي ۾ هرپل قاتل آ منهنجي زندگي / مان!

زندگي——موت! ڪيڏو با وفا هوندو آ موت زندگيءَ سان! هن جي چاهہ ۾، تلاش ۾ ڪيڏو سرگردان ڦرندو رهندو آهہ، جبلن، جهنگن، بر پٽن ۾ ۽ نيٺ پائي وٺندو اٿس ۽ وٺي ويندو اٿس ابد جي محفلن ۾، وصل، جون گهڙيون ماڻڻ لاءِ! پر توکي تہ مان موت سان بہ تشبيهہ نہ ٿي ڏئي سگهان! تنهنجي تشبيهہ شايد، مون وٽ سدا بي نانءِ رهي! اسان جي جيوت ڪهاڻي، اسان جي پريم ڪهاڻي! شايد ڪڏهن بہ ڪو نانءُ نہ پائي سگهي. سدا بي عنوان ٿي رهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حسرت

سڄو هال رنگين لغڙن،روشنينءِ ڦوڪڻن سان جهنجهيو پيو هو. آهستي آهستي مهمانن جو تعداد وڌندو پئي ويو. ٽهڪ،سرگوشيون ،ڪٿي موضوع سياست،ڪٿي هڪ ٻئي جي ڪپڙن ۽ زيورن جي تعريف تي،ڪٿي جارج مائيڪل ۽ بروڪ شيلڊ ٽيڻ جي ڪوشش ۾،هر ڇوڪرو ۽ ڇوڪريءَ وس آهر پاڻ کي پالش ڪري آيا هئا ۽ ٻئي طرف ڪنڌ ۾ ٻارڙن جو ميڙاڪو! جيڪي ٽهڪن ۽ لطيفن سان ڳڏوگڏ اڪ ٽيٽ سان ٽيبل ڏانهن پڻ ڏسي رهيا هئا ته ڪڏهن تو سڏ ٿئي.

ٿوري ئي دير ۾ تاڙين ۽ ڦوڪڻن جي ٺڪائن ۾ "هيپي برٿ ڊي ٽو يو" جي آوازن سان سڄو هال ڏڏڻ لڳو ۽ هو مؤدبانه انداز ۾ سڀني مهمانن کي سندن مرضي موجب چانهن،ڪافي، يا ڪولڊ ڊرنڪ پيش ڪندو رهيو.

آهستي آهستي جڏهن سڀ مهمان وڃي چڪا،تڏهن هو بيگم صاحبه جي حڪم موجب،هال ساف ڪري،لائيٽون وسائي،ڪچن ۾ هليو آيو ،ڪيڪ جا بچيل ٽڪرا هڪ پاسي الگ ڪندو، باقي بچيل پور" ڊسٽ بن" ۾ ڦٽي ڪندو ويو.پليٽون وغيره صاف ڪري، ڪيڪ جا ٽڪرا ٿيلهي ۾ وجهي،ٻاهر نڪري آيو.لان ۾ ستل چوڪيدار کي اٿار يائين، جيڪو هن جي هوندي ننڊ ڪندو آهي ۽ هن جي وڃڻ بعد جاڳندو آهي.

ٽڪڙا قدم کڻندو گيٽ کان ٻاهر نڪري آيو.ٽريفڪ ۾ ڪجهه ڪمي اچي وئي هئي پر تنهن هوندي به شور هل ۽ هنگامو لڳو پيو هو.

"يارنهن ٿي ويا آهن!" ورهين جي ڦٽل ۽ ڪوڙ دفعا ريپئر ٿيل واچ ۾ ڏسي، پنهنجي منهن پڻڪيو، وکون ڪجهه وڌيڪ تيز ٿي وڃنس ٿيون. ذهن تي ياد گيري جي ڪيسٽ روائينڊ ٿي وڃي ٿي صبح تي بيهيس.

"اڄ ڪ ـه دير ٿي ويندي اچڻ ۾ ، تون سوير ئي در ڏئي ڇڏجان!" زال کي چيو هئائين.

"ڇو ڪيڏانهن وڃڻو اٿئي ڇا؟"

"نه! اڄ سالگره آهي صاحب جي پٽ جي،ڪم ۾ دير ٿي ويندي!"

"بابا! سالگره ڪيئن هوندي آ؟" پٽ پڇيو هئس.

"پٽ وڏا ماڻهو جنهن ڏينهن ڄمندا آهن نه ! ان ڏينهن جي ياد هر سال ملهائيندا آهن، ان کي سالگره چوندا اهن" پرسان ڪٽ تي سمهيل بيمار پٽ کي ڳراٽڙي پائي ٻڌايو هئائيسن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"پوءِ بابا! اسان سالگره ڇو نہ ملهائيندا آهيون؟"

"اسان جنم وٺي پڇتايون پيا ملهائڻ ....." سوچيائين پر چئي نہ سگهيو. "اشو پيو چوي تہ سالگره تي وڏو ڪيڪ ڪٽبو آ، مٻڻ بتيون ٻاربيون آهن... " پيءُ جي ورندي نہ ڏيڻ تي پاڻ ئي ڳالهائڻ لڳو. " بابا ڪيڏو وڏو هوندو آهي ڪيڪ! ڪيئن هوندو آهي؟"

"رات اچي ٻڌائيندو مانءِ!" چئي اٿي تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪري ٿو اچي.

اوچتو چرڙاٽ ٿو ٿئي، هو اچلجي وڃي پرتي ٿو پوي ۽ رولو ڇوڪرا، سيٽيون وڄائيندا، تيزي سان موٽر سائيڪل سوار، گهٽي مڙي گم ٿي ٽا وڃنس نظرن کان.

پرڀان اينڊڙ ڪار جون هيڊ لائيٽس ڏسي پرتي ڪري پيل ٿيلهي ۽ کي ڪڍڻ جي ڪوشش ۾ اٿي ٿو - هو اڃان اٿيو ئي ڪين تہ ڪار فل اسپيڊ ۾ گذري وئي ۽ چيپاٽيل ٿيلهي مان نڪري آيل ڪيڪ جا ٽڪرا پور پور ٿي وکري ويا . " ڇا اسان کي ٻچيل ٽڪرن جو بہ حق نہ آهي ؟ !!! " سوچي ٿو ۽ وري ٻئي سال جي اميد تي آٿت ڏيندو پاڻ کي، آهستي آهستي وکون کڻڻ لڳي ٿو .

اميد جنهن تي هن جهڙن هزارن ماڻهن جي دنيا آباد آهي ، جنهن جي پوري ٿيڻ جي اميد گهڻن ماڻهن کي ڪونہ هوندي آهي .

رستي ويندي اوچتو کيس خيال آيو تہ هن جهڙا اهي هزارين ماڻهو جي گڏجي پون تہ اميدون يقينن يقين ۾ تبديل ٿي سگهن ٿيون . ان خيال سندس من ۾ فطري خوشي سمائي ڇڏي .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اونداهيءَ
جو خواب. صبح

”هاڻ ته ياد به ڪونهي رهيو ته ڪيترا يُگ گذري ويا آهن اسان جي آخري ملاقات کي؟“ پر مون کي سڀ ڪجهه جيئن جو تيئن ياد آ، سن اٺويهه سئو اٺاسي، جمع جو ڏينهن،نائين تاريخ ۽ ڊسمبر جي اداس شام ڪان به اداس اسان ٻئي، پيٽ ڏٽي جي روضي تي هڪ ٻئي کي پنهنجي نيتن جي سچائي جو يقين ڏياريندي، زندگيءَ ڀر هڪٻئي کي ياد رکڻ ۽ وري ڪڏهن به نه ملڻ جو وچن ڪري تون اتر ۾ مان لاڙ ڏي ويندڙ بس ۾ روانا ٿي ويا سين. اها اسان جي آخري ملاقات هئي جنهن کان پوءِ اسان ٻنهين هميشه هميشه لئه هڪٻئي کان جدا ٿي وڃڻ (ظاهري طرح ، اندر جي مرضي ڪهڙي هوندي آ، شايد پاڻ کي به ٻڌائي ناهيون سگهندا) جو وچن ڪيو هو. پر ويندي مهل مون کي پڪ هئي ته هيءَ اسان جي آخري ملاقات ناهي. اسان وري ملنداسين ضرور. پوءِ وقت جي چاٽي ۾ چٽي چيهون چيهون ٿي ئي ملون، پر هي دفعو آخري دفعو ناهي. تڏهن اسان جي چپن جون سرحدون اورانگهي لفظ“وچن “ پري ڪ ن شرارت مان چپهارا ڏئي چڻ چوندو هجي، ”منهنجو سهارو واريءَ ڪوٽ جيئ ن ـ هوندوآ، ظاهري طرح مضبوط ڏسڻ ايندڙ پر هلڪي ئي اشاري سان ڊهي و ـڙ.“

”............... !“

”ڪجهه به نه ڳالهائڻ جو قسم ڪٿي آئي آهين ڇا........؟ ڪجهه ٻڌاءِ نه پنهنجي باري ۾ ، پنهنجي ”بلند آدرشن“ جي باري ۾ ، جن مون کي مات ڏئي پنهنجي راهه صاف ڪرڻ لاءِ مون کي پوئتي ڌڪي، توکي مون کان کسي

ورتو هو..... آدرش... ... بي وجود ذهني پيڙائون جيڪي ڪڏهن ڪڏهن انسان جي زنده وجود کي مٽيءَ جو ڍڙو بنائي ڇڏيندا آهن.“

”جيڪي آدرش عملن جو آب حيات پي ڇڏين سي هميشه زنده رهندا آهن ۽ مڪمل وجود به پائي وٺندا آهن.“

”ته ڇا تنهنجي آدرشن به حقيقت جو روپ پسيو؟“لهجي ۾ ٽٽول.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"زندگيءَ کان وڌي حقيقت ڪجهه به ناهي. زندگي..... جنهن جي ابتدا آهي نه انتها. مان، جيڪا تنهنجي بقول هميشه ڪارنامن جي ڳولائو. دنيا جي تجربيگاهه ۾ ويهي، "زندگيءَ"تي تجربو ڪرڻ لڳم. مون کي چاڻ هئي ته مان ان ۾ سوڀاري ڪو نه ٿيندم، منهنجو فارمولا ناڪام ويندو. اڄ به دنيا جي نظر ۾ ۽ تنهنجي نظر ۾ مان ناڪام وڃي آهيان پر مان ٿڪي ناهيان. منهنجو ڪم اڃان ختم ناهي ٿيو. مون کي يقين آ ته هڪ ڏينهن مان ضرور سوڀاري ٿيندم. تو منهنجي ڳالهين کي ٿڌهن به وزن نه ڏنو هو ۽ اڄ به تنهنجي لهجي ۾ ٺٺول مان چٺيءَ طرح محسوس پئي ڪريان..... ڇا آن جي دوکي ۾ مٽي ڦڪيندڙ رت ڦڙي کان خالي پيلا سنهڙا توڙي ڦيڦا جسم وڌيل پيٽ. پريل مٽي جي ڍير سان، ڪن وٽ ته ڦڪڻ لاءِ مٽي به ميسر ناهي. ڇا زندگيءَ جي اها ٺٺول گهٽ آهي انسانذات سان؟ انسان جيڪو اشرف المخلوقات بڻجي آيو هو ڌرتي تي. پر اڄ ڪيس ڇڙو مخلوق سڏائڻ جو حق به ڪونهي. جڻ ڪو ڍير آ گند جو يامٽي جو دڙو، جنهن کي آنَ پاڻي جي گهرج ٿي نه هجي.......!!

مان انيڪ اداس سپنن، اميدن ۽ لڙڪن سان پريل نيڻ سک ٻڌل پڳن جي ورن ۾ ڇپيائيا ڏٺا آهن. رتو ڇاڻ اميدون، رتو ڇاڻ سپنا.... مان چڪ ڏئي ٻاهر ڪڍڻ چاهيو آ ڪين. پر پڳون ايڏيون زور سان ڇڪي ٻڌل جو منهنجا هٿ ڦٽجي رتو ڇاڻ ٿي ٿا پون. رڳو احتجاجاً ورن کي ڍرو ڪندي منهنجا هٿ ڦٽجي پيا آهن ته انهن ۾ اندر ڦاٿل سپنا ،سپنا ڪاٺي رهيا هوندا ؟! اندر ٿي ويا هوندا انبار، سپنن جي لاشن جا. اڌ اڌمٽي پڳ، جڻ ڪيئي ميلن تي نهيل شمشان گهاٽ نيڻن، سپنن ۽ اميدن جو.

مان پنهنجي جهڪيل ڪلهن تي ڍويا آهن انيڪ لاش سپنن جا. پر ٿڪي ناهيان ، مايوس ناهيان تي . مون کي يقين آ ته مان جن ٽارچر سيلن مان ڪو لاش چورائي ڪٽي اچي تي سڪهان ته هڪ ڏينهن ڪو زنده سپنو به ڇپيائجڻ، مرڻ کان اڳ ۾ ضرور ڪٽي ايندم.

مان چاهيو آ ست ڏئي ڇڪي، خلا ۾ اڏندڙ اهو جهاز ان اڱڻ ۾ لاهڻ، جنهن اڱڻ ۾ ڪٽ تي پرت پريندي هوءَ اپ ۾ ڏور اڏامي ويندڙ جهاز ڏسي سئي ڇپن ۾ اٽڪائي سوچي ٿي:" شايد ان ۾ هجي، مون کي ڏسندو هجي..... ڪاش! ٽپ ڏئي اچي منهنجي اڱڻ ۾ لهي پر...... پر منهنجي اڱڻ ۾ نسري آيل حسرتن ۽ نرا سائين جا توهر هن جو جسم ڇيهون ڇيهون نه ...." اڪيتي سوچڻ کان اڳ ئي جسم ۾ درهڙي وٺي تي وڃينس.

مان چاهيو آ ان پيءُ جي مڙهه کي آثاري ڪائنس پڇڻ ته هي جهڪيل ڪنڌ ۽ اڃا متا جيڪي تنهنجي ڪٽ جي پاوَن کي وٺي هاڻ ڏاريندڙ ريهون پيون ڪن،سي تنهنجي جدائي ۾ يا پنهنجي جبل جيڏي اوندهه آئيندي جي پو ۾ پنهنجوپيشانيون تنهنجي ڪٽ جي پاوَن سان پيون ڦٽين.....؟!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي هنن سفيد شيشن جي ديوار پويان سسي ويل نيٽن اهي اونداهيون ڏٺيون آهن. ايڏن جيئڻ جا سناٽا ڏٺا آهن، زندگيءَ جي ڏک صحرائن ۾ ايڏو پنڌ ڪيو آهيان جو مون کي روشني ۽ خوشي، ٻه اَسونهان لفظ ٿا ڀاسن. ان ڪيئن ڪنهن اوند... ستي ۾ رهي سوين اونداهين ڪولين وچ ۾ پنهنجي وجود جي ڪوليءَ جو ديپ ... مان ها؟!

مان ٻاٽ اونداهيءَ ... مان مرڪندي ڪمپرومائيز ڪري ڇڏيو آ.

تيستائين، جيستائن مان ڪنهن هڪ ٻه ڪوليءَ ۾ ديپ نه ٿي ٻاري ڇڏيان. منهنجي ڪوليءَ طرف انيڪ ديپ ٻرندا، مسڪرائيندا منهنجي و... د ۾ روشني پکيڙڻ وڌيا آهن، پر مون ڦوڪ ڏئي وسائي ڇڏيو ڪين. مون کي اهـ ... شني نه گهرجي، جيڪا صرف ۽ صرف منهنجي ذات سان وابسته هجي، منهنجي ذات تائين محدود هجي.

مان چاهيو آ پنهنجي هٿن کي ديپ بنائي، جگر جورت تيل ڪري انهن اونده غفائن ۾ سوجهرو ڪرڻ. منهنجو وجود رجندو رهيو آ، هٿ ٻرندا، سڙندا رهيا آهن. پر مان رڪ نه ٿي سگهي آهيان. مان زنده آهيان ۽ زنده رهندم. تيستائين، جيستائين انهن ٻاٽ اونداهين ۾ ٻاريل چٽنگ کي سوجهرو پکيڙيندڙ لاٽ ۾ تبديل ٿيندي نه ڏسي وٺان!" هو چپ چاپ اٿيو ۽ وڃي اڌ ڏي ويندڙ بس ۾ چڙهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي منزل واٽ جي چيڙي تي

نيٽن تي ننڊ جي چادر ڍڪي، اماس رات، روشن سپنن جا در کولي ڇڏيا ها. سڄو ڏينهن هڻ هڻان ڪان پوءِ ماٺهن تہ ٿڪجي ننڊ جي هنج ۾ پاڻ کيرائي ڇڏيو هو، پر وقفي وقفي سان پونڪندڙ رولو ڪتا بہ سائنا تي سمهي رهيا ها.

وڏن ڪمرن جي چيڙي تي ٺهيل ننڍڙي ڪوٺيءَ جي دريءَ مان ليٽا پائيندڙ روشني جڻ اونده ڪي چپارا ڏئي رهي هئي آجا بہ.

اڌ جسم ڪٽ تي ۽ اڌ هيٺ لڙڪايو، هو پنهنجي مري ويل سپنن جي لاش کي سيني سان لايو، چپ چاپ لڙڪ هاريندو، وهاٽي جي اڄ اجهائيندو ٿي ويو. اکيون ڇت ۾ کپائي نہ ڄاڻ ڪٿي پهتل هو. ماضي يا حال؟

ٻن زمانن جو اکٽ سفرا پر حالات جو ساڳيو تسلسل. ماضيءَ، حال - حال، ماضي ڪو بہ هڪ ٻئي کان مٽيل نہ ۽ انهن ٻنهين جي جوڙ ڪرڻ سان جڙيو ٿي، سندس مستقبل، جيڪو لاشڪ تہ انهن کان ٻيٺو هو.

ٻيٺا عذاب، ٻيٺيون پورڳنائون، ريءَ ڪيل ڏوهن جي سزا، ڇت ۾ جوهہ وجهي ڇا ٿي گهوريائين؟

من ئي من ۾ ڪاتب تقدير سان جهيڙوا تہ ڪنهن هٿ تريءَ ۾ ڀاڳ جون اڻ ڳڻيون ليڪون ۽ ڪو هَٿ لسو پَٽ؟!

هن جو هٿ بہ تہ لسو پٽ ئي هيو نہ، جنهن ۾ ڀاڳ جو ڪو بہ ستارو نہ ٿي چمڪيو.

هر جيءَ ماءُ جي پيٽان پيدا ٿيندو آ. پر هن کي لڳندو هو، ڄڻ وقت جي ورن ڪنهن ڪاٺا ٿيل لغڙ جيان آڏائيندي اڏائيندي ڪيس هن بجليءَ جي تارن جهڙي گهر ۾ اچي ڦاسايو هو. جتي حالات جي هوائن سندس رنگت ۽ هيئت ڦٽائي، ڦاڙي ڇيهون ڇيهون تہ ڪري ڇڏي هئي، پر آزاد نہ ڪرائي سگهيون هيون ۽ تارن جي پڪڙ جيئن پوءِ تيئن وڌي ٿي مضبوط ٿيندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيني پائرن ۾ پينرن ۾ ننڍو هو. جڏهن شعور جي حدن کي پنهنجي ويجهو ايندو ڏٺائين تہ ڪيس انهن رشتن کي پاڻ کان پرانهون ٿيندو ڏسڻو پيو، جن لاءِ ڪيس اجا بہ شڪ هو تہ پنهنجا آهن.

پنهنجائپ ڇا ٿيندي آ. ڪڏهن بہ پاڻ کي سمجهائي نہ سگهيو هو ۽ پنهنجائپ لاءِ جيڪو هن وٽ مفروضو هو، ڪو بہ ان کي مڃڻ لاءِ تيار نہ هو.

اڄ اهو ئي انڪار سندس اکين مان نيسارا ڪري وهڻ لڳو هو.

جڏهن وچين پاڇائس کي ڪڪو ڇائو هو تہ ڇٺيءَ رات ڪارن سگهن جا ڏانوڻ وجهي ڪڪي جي ڪن ۾ ڪجهہ ڇٺي، مرڪندي شرمائيندي چيو هٿائين "محمد علي" رکيو ٿي مانس اجا پيٽ ۾ ئي هو جو پڻس نالو مون کي ڏسي ڇڏيو هو" فاتحانا نظر مڙس تي وجهندي ڇوڪري کي ٿڪيون هڻڻ لڳي هئي.

هو، پري ڪنڊ واري ڪٽ جي واڏڻ تي ويٺي سوچڻ لڳو هو.

"هو بہ تہ هڪ ڏينهن "محمد صديق" ٿي پيدا ٿيو هوندو، ائين ئي امڙ سيني کي شرمائيندي، مرڪندي ٻڌايو هوندو: محمد صديق رکيو ٿي مانس منهنجو صديق وڏو ٿيندو. جڳ محتاج هوندس. الله بخت ڀلارو ڪندس. ڇٺي سڳوري! اڄوڪي رات تنهنجي حوالي اٿئي. تون ڀاڳ بخت سٺو لکجانس...."

تڏهن "صدو" "اري صدو" جي گونج شروع ٿيندي ئي هر حڪم جي بجا آوريءَ ۾ لڳي ويو هو. هر وڏي هر ٻار جي ضرورت هو.

"صدو، بازار مان سودو اجا ڪو نہ آندو اٿئي. ڇا ڇاڙهينداسين پترا ڪائڻ لاءِ وات ڪيسي جيڏو. ڪم ڪان ٻروڙ"

"ڇاڇا صدو منهنجو بوٽ تہ ڳولهي ڏي"

"صدو ڪٿون تہ ڪڍ، سچ ٿو لهي"

"اڙي صدو،مينهن ٿي ٻڪ مري، سڄو ڏينهن رلڻ ۾ آن. ڳاهہ مان وجهندو مانس؟"

"صدو، ان جو ٿين تہ مشين تان پيهرائي آ"

"صدو، پاڻيءَ جي ٻالٽي تہ غسلخاني ۾ رکي آ"

"گند جو دٻو تہ هاري آ"

"اڙي تون هت مٿو پيو آن (ڪم ڪري ساٿو ٿي جڏهن ڪنهن ڪنڊ ۾ ننڊ اچي وينڊي هئس) سڄو گهر ڳولهيو ٿيمانءِ، اٿ ڪڪو ٻس نہ ٿو ڪري، ٻاهران گهمائي اچينس"

ائين سڀ ڀائيٽا، ڀائيجا، صدوءَ جي ڪلهن تي گهمي گهمي هاڻ قد ۽ حيثيت ۾ ڪانئس بہ وڏا ٿي ويا هئا، پر صدو، صدوئي رهيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صدو ڇا هو؟
سڀ ڪجهه جي ضرورت، پر سندس ضرورتن جو خيال ڪرڻ وارو ڪو به نه هو. يا شايد سڀني کي اهاپڪ هئي نه : "هن جون پلا ڪهڙيون ضرورتون؟
پيٽ ڀرڻ لاءِ ماني، ڇهين ٻارهين مهيني ڪپڙن جو وڳوا اڳاڇا ڪهرجيس!"
هن جون خواهشون ڪهڙيون هيون. هن پاڻ به نه ٿي ڄاتيون، شايد، تڏهن ته هميشه ٻن ڪپڙن ۽ ٻن وقتن جي کاڌي تي ئي قانع رهيو هو.
ها، جڏهن "ادي ميروءَ" وٽ پهچندو هو ته خواهشون اڀرڻ لڳنديون، اڏامنديون اچي وٽس پهچنديون هيون ۽ هوءَ پنهنجو قاتل جهول هن آڏو وڇائي ڇڏيندي هئي ته جيڪو ڪجهه هن ۾ باقي بچيو آ، منهنجي ٻارن سان گڏ تنهنجو به آ.
"اڙي ڇريا، اٿين اڌڙيل قميص پايو ٿو گهمين، لاهي اڇ ته ڌوئي ڏيانءِ، ڏس ته سهي، مٿي ۾ ڪيڏيون جوئون، پٽجي ويون ٿئي، اچ ته تيل مکي سيرون ڏئي ڪڍانءِ.
"سڪڙا پنهنجي ڇانهه مان اڌ پاءُ کي لاهي ڏي، ڪيڏو چونڊي آهيانءِ ته سوير ٿي اچي به ڊڪ ڇانهه پي ويندو ڪر، ٻارائي گهر ۾ هوڏي اڪي بچي به ٿي تو لاءِ لڳي نه؟
"ڪار جو ٽين چاڙهيو اٿر، ڪپڙا ڏئي وڃجانءِ ته ڌوئي وجهندي مانءِ" ڪيڏو سڪون، ڪيڏي پنهنجائپ محسوس ٿيندي هئس. ادي ميروءَ جي گهر، پر سندس مڙس کان عجيب نفرت محسوس ڪندو هو اندر ۾. ان کان به سڀڪجهه جيتري هن جي اکين ۾ سندس لاءِ هئي. چالي واٽي سوير وڃڻ کان ڪيهائيندو هو. جيئن هن جي مڪروهه شڪل نه ڏسڻي پوئيس.
جڏهن به ٻارن جي رانديڪن ۾ ڪنهن پستول تي نظر پوندي هئس ته هٿ ۾ کڻندي ئي ميروءَ جي مڙس جو تصور اڀري ايندو هئس. جنهن ڏينهن ميروءَ کي پنهنجي ڦٽن تي پها رکندي ڏسي ويندو هو، تنهن ڏينهن دل چوندي هئس ٻاهر ۾ ٻرندڙ بندوق کڻي "خصونءَ" کي مٿي ۾ وهائي ڪڍي . ساڙي ماري ڇڏيس. پوءِ پلي ڦاهيءَ تي ٽنگيو وڃي. گهٽ ۾ گهٽ ميرو ته هنن روز روز جي ڏوجهرن کان بچي پوندي نه.
اهي رشتا جيڪي پنهنجائپ جي جتاءُ جو سرٽيفڪيٽ هوندا آهن، اهڙي قسم جو سرٽيفڪيٽ ته ميران (جيڪا ڦري ميرو ٿي وئي هئي) ۽ صدوءَ وٽ ڪو نه هو، پر جيڪو به ڪجهه هو، اهو انهن سندياڦته رشتن جي پيٽ ۾ سوين درجا اتم هو. پٽن ۽ ڌيئرن جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاديون ڪرائي، زال مئي ڪانپوءِ جڏهن جڏهن خادم حسين کي اڪيلائي جي راڪاس کائڻ شروع ڪيو، تڏهن پٽن کان لڪائي گڏ ڪيل چند ڏوڪڙن ۾ ننڍي نينگري ٻنگالڻ پرڻجي آيو (خريد ڪري آيو) مائي ڇا پهتي، سڄي گهر ۾ ترٿلو مچي ويو. پٽن ڏيٺن کي پنهنجي نڪن جون چوٽيون ڪٽبيون نظر اچڻ لڳيون. ٻنگالڻ سان ته ٻائڪاٽ ڪيائون پر پيءُ سان به سٻڌن منهن ڪو نه ٿي ڳالهايائون. مائي ويچاري اڳي ئي هڏن جو پڃرو. مٽن جو وڃوڙو، ٽئين ٻولي، نئون ماحول، مٿان جو هنن جو رويو، اصل مڙس جي ڪوٺيءَ مان نڪرندي ئي ڪو نه هئي.

جيئن پئيءَ سان لڳل پيٽ ۾ واڌ ٿي آيس. تئين جسم ويس ٿي ڳرندو. جيئن ڪاٺ کي اڏوهي اندران ئي اندران کائيندي آهي، تيئن هن جي جسم کي لڳل اڏوهيءَ به کائي ڪيس اندران ئي اندران چورو ڪري ڇڏيو هو. سڄي منهن تي رڳو ڏندن جي قطار ئي نظر ايندي هئي، جيڪي ڪاري حمزيءَ تي وڏيڪ نروار ٿي بيهندا هئا.

پٽ ڄائس، ڪان پوءِ پندرنهن ڏينهن ٻ جيئري ڪو نه رهي ۽ جلد ئي اڳڻ آجو ڪري دنيا مان ئي الوپ ٿي وئي. صديق، ماءُ جو ئي ٻيو روپ هو. ساڳي شڪل ساڳيو رنگ، ائين ٿي لڳو ڄڻ خادم حسين کي ڳهاتي ۾ نه وڃهندي، ماٺوءَ جي بدلي ماٺو ڏئي حساب برابر ڪيو هئائين. پر نه ٿي ڄاتائين ته اهو ننڍڙو جيت جيترڙو صدو هن لاءِ وڏي ۾ وڏو مسئلو ٿي پوندو.

جڏهن ڏيٺن، ننهن، ٻار کي پالڻ کان جواب ڏئي ڇڏيس تڏهن مجبور ٿي پاڙي ۾ رهندڙ ميروءَ ماءُ کي وڃي ايلاز ڪيا هئائين. پهريون ته هن به منهن گهنجايو، پر خرچ پکي جي خاطريءَ کان پوءِ راضي ٿي وئي هئي. پاڻ هئي پوڙهي زال پر جوان ڌيءُ جي آسري تي ها ڪئي ڪئي هئائين. ڇوڪرو سال ڏيڍ جو مس ٿيو هوندو جو خادم حسين به وڃي قبر وسائي. پوڙهيءَ کي فڪر ورائي ويو ته هاڻ ڇا ٿيندو؟ هونءَ ته صدوءَ جي خرچ جي بهاني ٻيڻ تي پئسا وٺيو پئي پنهنجي به ٻيڙي ڌڪيندي هئي. پر پوءِ پنهنجي غلطيءَ جو ازالو ڇوڪري کي ٻڪون ڏئي ڪرڻ لڳي. پس ميروئي هئي جيڪا پنهنجي ڪاڏي مان اڌ بچائي صدوءَ کي ڏيندي هئي. ماٽس کان چوريءَ سندس هر ننڍي وڏي ضرورت پوري ڪندي هئي. نظر کان ٿورو ٽڙندو هئس ته پريشان ٿي ويندي هئي. ڪيئي دفعا ماٽس جا دڙڪا ڪاڏا هئائين. پر دل جي هٿان مجبور هئي.

گهر ۾ رهندڙ ماسات سان جڏهن ميروءَ جي شادي ٿي ته خصون هونءَ ئي صدوءَ تي ڪاروڻ ڪائيندو هو، هاڻ ته اختيار ملي ويو هئس، ڪيس ڪيڻ جو. ائين ميروءَ ماءُ کي به ڄڻ ته بهانو ملي ويو هو ۽ نباٽي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊپ جو بهانو ڪري وڃي ٻاٿرن وٽ ڇوڪرو ڇڏي اچي هئي. جن کي ڀهريون تہ ڳالهہ ڪا نہ وڻي، پر ڪجهہ انا جو سوچيندي ۽ ڪجهہ پنهنجي سک جو سوچيندي ڇهن سالن جي اڪيون ٽمڪائيندڙ معصوم صدوءَ کي ائين ٻاڻ وٽ رکيو هائون. جيئن اضحيٰ جي ڏينهن ۾ وڏيڪ ڪمائيءَ لاءِ ڪو ٻڪريءَ جو ڇيلو پالجي.

جن هٽن ۾ ڪتابن جو ٿيلهو هڻڻ ڪپندو هو، انهن هٽن ۾ پاڻيءَ جا دٻا ڀريندي، ڍوئيندي ننيڙي صدوءَ جي ڇيلهہ ٿي ڇپي ٿي ويندي هئي. ڪهڙو ڪم هو، جيڪو صدوءَ جي هٿن ڪان نہ ورتو ويو هو. هنن کي تہ ڄڻ ٻنان پگهار جي نوڪر هٿ لڳي ويو هو.

هر ڏک سور ۾ وڃي ميروءَ جي هنج ۾ ٻہ ٽي ڳوڙها ڳاڙي من جو غبار هلڪو ڪندو هو.

پيار ۽ پنهنجائپ پائڻ لاءِ ڪيڏا وس ڪندو هو، شايد ان احساس جي حصول لاءِ هن پنهنجو پگهر ۽ پورهيو رشوت طور ڏنو هو. انيڪ دفعا پنهنجن پراون جا ڏک ڪاڏا هٿائين. جڏهن ٻہ ڪو ٻائٽيو، پاڻيجو پاڙي جي ڪنهن ٻار سان جهڳڙجي پوندو هو تہ ٻنان ڳالهہ سمجهڻ جي وڃي وچ ۾ پوندو هو. موٽ ۾ ٻاڻ ڦٽايو ان آس تي گهر ورندو هو تہ پنهنجي ٻارن جي بدلي ۾ ڏنل منهنجي هيءَ قرباني ڏسي ٻاٿرَ ٻاڇايون مون تي پيار ۽ شاٻس جي ورڪا ڪري ڏيندا. پر گهر ايندي ئي ٻاڻ تي ٽڪن ٻچن جي بارش ڏسي، پنهنجي من ۾ رٿيل لالچ جو سوچي، شڪي تي، دڪي تي چپ چاپ ڪنڌ هيٺ ڪري ائين ويهي رهندو هو، ڄڻ ڪا چوري ڪندي موقعي تي پڪڙجي پيو هجي.

ڪنهن کي ٻہ يقين نہ ايندو هو تہ ڪو تيهن سالن جو آ، سنهڙو، سيپڪ، ڪلهن جا ابار ڪجهہ مٿي ڇڪيل، قد پورو پنو، عادتون اچا تائين ٻارن جهڙيون، ٻڌن جي ڏيهن جو ڏيهيل، انسان جڏهن ٻارن جي عارضي ڪکر ڇانوَ ۾ پناهہ وٺندو آيو هجي تہ هو ٻاڻ ٻہ فطرتاً ٻار ٿي ٻڄي ويندو آ.

صدر ٻہ وڏن جي دڙڪن ۽ جيءَ جهوريندڙ لقبن/ ڦٽن تي ٻارن جي ٻاتي ٻوليءَ جا پها رکي پيو ٻاڻ کي ريجهائيندو هو.

بلوغت جي عمر مٿس ڪيئن لنگهي وئي، ڪنهن کي ٻہ ڪو احساس ٿي نہ ٿيو. پر هو بالغ لڳندوئي ڪين هو نہ. هڪ ئي وقت ٽن اسٽيجن تي بيٺل ٻار + جوان + پوڙهو.

اٽڪل سهني ٻائٽين، ٻاڻيجن، کي پنهنجي آڏو پرڻجندي ڏٺو هٿائين. ڪيڏو خوش خوش ٿي هر ڪم ڪندو هو، ڄڻ شادي ٿي سندس هجي. ڇوڪرا ٻہ هر ڪل ٻوڳ ۾ ڪيس شامل ڪندا هئا ۽ ٻنائيندا رهندا هئس هر ٺٺول جو نشانو. هو سمجهندي نہ سمجهندي، هر ڳالهہ هر مذاق جي جواب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڏينهن ٽيڙيو ويٺو هوندو هو.
پر جڏهن شاديءَ جي ڳالهه ڪٿي هلندي هئي. هرڪو سالن تي وڃي نند جي هنڌ ۾ پاڻ ڏيندو هو. تڏهن هن جي نيڻن ۾ ننڊ نانءَ جو ڪو اهڃاڻ ئي نه ليندو هو. پنهنجي ڪوٺيءَ جي ڇنل کٽ تي پيو چپ چاپ ڇت کي گهوريندو ۽ سوچيندو هو ته ان ٽئين پرٽيل ڪوٺڙيءَ جي ۽ سندس عمر ۾ ڪيڏو فرق آ؟ جڏهن سالن مهينن جي چڪرن ۾ ڦاسي پوندو هو ۽ نتيجي تي نه پهچي سگهندو هو تڏهن اٿين ڇٽي پنهنجي پاڻ کان جان ڇڏائيندو هو ته:
"اڙي انهي کي ته مان ڪلهن تي کٽي گهمايو آ.....!"
دڪ مان مرڪي، اندر جي ڪنهن حصي ۾ منهن ڪڍي بيٺل خواهش جو اٿين ڇٽي وات بند ڪري ڇڏيندو هو: "ڀلا مون جهڙي ڪوجهي، ڪم چور ۽ نڪمي ماڻهوءَ لاءِ الله سائينءَ ڪي ڪٿي پٽي هوندي جو ڪا ڪنوار جوڙي هجا! ڪنواريون ته ڪن "گهوٽن" جو مقدر هونديون آهن. (تري ايندا هئس ذهن تي سهڻا، جوان، پڙهيل ڳڙهيل پاڻ ۽ پائنتيا) مون جهڙن لاءِ ته......"
ڪنهن کي به هن لاءِ ڪا سوچ نه هئي. هو هٿو ئي ڇڻ گهر جي مشينريءَ کي هلائڻ لاءِ ڪو پرزو. جيڪو هونءَ ته ڏسڻ ۾ ئي نه اچي پر جڏهن مشينن ۾ خرابي پيدا ٿئي. تڏهن وڃي مٿس پٽڪندي پٽڪندي نظر پوي.
ان ڏينهن ته حد ڪري ڇڏيائين، دڪان تي ڪنيو ويل سودي جي ڇهي، ٻنان سامان جي ڪالي ڪنيو ڊڪندو، سهڪندو اچي پهتو هو. پير هجنس جو ڌرتيءَ تي ڪپڙ جو نانءُ ئي نه ٿي ورتن.
"اڙي هانءُ تو ڦاڙين، چورا ڦاٽ به ڪٿي!"
(ڪنهوَ ڪو "چوري" واري عمر اورانگهي چڪو هو، پر اچا به پاڻ وڏن لاءِ چورو ئي هيو) هن جي سهڪندڙ ساهن سيني جي عجيب هيٺ مٿانهين ۽ چپن ۾ ڦاٿل ڳالهه ڏسندڙن کي منجهائي وڌو هو ته خدا خير ڪري، الائي ڪهڙي طوفان جو منهن ڏسي ڇهي خالي ڪنيو وٺي پڳو آ.
"هو... هو.... خمون رات ڌاڙيلن جي ٽولي سان ڪڏ وينديءَ، پوليس جي هٿان مارجي ويو"
لفظن جا هٽ پير وڌي مڙئي وڃي جملو پورو ڪيو هئائين. ڳالهه پوري ڪندي لڳو هئس، ڪنهن به من ڀار سندس سيني تان لاهي ڦٽو ڪيو هجي. مرڪ ٻيوس تي سندس ان وقت تي ويل پيانڪ چهري کي ڇمي ورتو هو.
"ادي ميرو، ادي ميرو، آزاد ٿي وئي - ادي ميرو آزاد ٿي وئي" نعرا هڻي ڇهي هوا ۾ لهرائيندي نچڻ شروع ڪيو هئائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مٺا شرم ڪر، ڪنهن جي مَرڻ تي ڪو خوش ٿيو آ ڇا؟ اها پَهَرَ هر ڪنهن تي اچڻي آ"
"پر ادي ميروءَ جي تہ آزار مان جان ڇٽي نہ؟!"
۽ جڏهن ميروءَ ڪي مڙس جي لاش مٿان ڪوڪون ڪندي ڏٺو هئائين تہ سچي خوشي خاڪ ٿي وئي هئس. هوءَ مٽي ۾ مٽي وجهي مڙس جي ٿڌي جسم کي لوڏي لوڏي، ڪيس اڪيلو ڇڏي وڃڻ جا پاراتا ڏئي رهي هئي ۽ آسمان ڏي منهن ڪري ڪنهن اڻ ڏٺي قوت سان شڪايت تہ ڪانئس آخري سهارو ڇو ڪسيو ويو. تنهن پل سندس جسم تي لڳل تازن راتوڪن گهاون جو درد بہ ڪانئس وسري ويو هو،جيڪي مڙس جي سندس لاءِ آخري سوغات هئا.
صدو، در ٻاهران ئي ميروءَ جي پارن جا آواز ٻڌي، جڏهن اندر داخل ٿيو هو تہ اچرج ۾ پئجي ڇڻ عجب جي نشاني بڻجي ويو هو تہ "هيءَ سڀ ڇا آهي؟!!"
هو جيڪو ڏينهن رات ڪيس گهاوَ ڏيندو رهندو هو، جنهن وٽ سواءِ مار جي هن لاءِ ڪا سوغات نہ هئي. جيڪو آڻيندو تہ ڪجهہ ڪو نہ هو، پر هن جي پورهئي جي ڪمائي پاڻي ڪندي ڪندي جڏهن ڪنهن ڏينهن پئسن ڪان جواب ٻڌڻو پوندو هئس تہ جا شئي هٿ ايندي هئس، اها وسڪارو ڪري ڏيندو هو، ميروءَ مٿان ۽ هوءَ..... هوءَ ان ڪي تي بہ سهارو ڪري وڃڻ جو پاراتو ڏئي جنهن..... جنهن... (سڏڪي پيو هو، عورت جي پاڳلپڻي تي)
"ڪيڏو رني آ، اڪيون ڇڻ نيسارا بڻجي پيون اٿس. ڪنهن لاءِ.... ان لاءِ جيڪو......" صدو اتان ئي پويان پير ڪري واپس وريو هو. ميروءَ کي هڪ بہ لفظ دلاسي جو چوڻ بنان.
ان ڏينهن ڪان پوءِ هن جي زندگيءَ جو ڇڻ تہ ڪو مقصد واضح ٿي پيو هو. هو گهر جي ڪم مان واندو ٿي ڪجهہ وقت ڪڍي، ڪو نہ ڪو ڪم ڪندو هو ۽ جتان بہ بہ ٽي ڏوڪڙ جڙي پوندا هئس. ميروءَ جڏهن مسلسل هن جي خالي هٿن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن شئي کي آڻيندي ڏٺو تڏهن جهليائينس. پر هو ڪيس اهو چئي چپ ڪرائي ڇڏيندو هو تہ "هيترو وقت تون پنهنجي ٻارن جي حصي جو مون تي خرچ ڪندي رهي آهين، پئسو هجي يا پيار تو هنن جي حصي ۾ مون کي ڀائيوار ڪيو آ ۽ هاڻ مون کي جڏهن ان ڳالهہ جو احساس ٿيو آهي تہ مون کي اهو قرض چڪائڻ ڏي"
ميروءَ جو مڙس ڇا مٿو هو، ڪيس لڳو هو، هو جوان ٿي ويو آهي. مرد ڪيئن هئڻ کپي؟ ڇڻ ڪو تازو توانو مرد، سندس نہل جسم مان زوريءَ رستو ڳولي نڪرڻ لڳو هو.
الائي ڪهڙي چپ لڳي وئي هئس. ڳالهائيندو تہ هونءَ بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڻو ڪو نہ هو، پر هاڻ تہ عجيب قسم جي سنجيدگي سندس چهري تي پنهنجو ديرو ڄمائڻ لڳي هئي. رات جا اٺ نو ٿي مس ٿيندا هئا جو پوئين پٽر ۾ پنهنجي ڇنل کٽ تي سمهي ائين آسمان کي گهورڻ لڳندو هو. ڄڻ ڪو سندس نظرن جي اڄ اجهائڻ لاءِ تارن جي سيج تي چڙهي اپ تان لهي ايندو ۽ نظرن ڪان ٿيندو روح تائين پهچي سندس رونءَ رونءَ کي ٺاري ڇڏيندو.

جيون ڄڻ تہ منجهيل سٽ بڻجي پيو هئس. جنهن جي ڪا بہ ابتدا، ڪا بہ انتها ڪيس ڏسڻ ۾، سمجهڻ ۾ نہ ٿي آئي.

ڳچل رات تائين پيو پاسا ورائيندو هو. پر ننڊ بہ ڄڻ تہ سماج جو ٿي حصو بڻجي پٺي ڪيس تائيندي هئي.

ان ڏينهن جڏهن ميروءَ وٽ ويو تہ رڌڻي ۾ ٺي پيل منجيءَ تي ڪي پهر سانت لڳو ويٺو رهيو ۽ جڏهن رڌڻي ٻاهران ايندڙ آوازن کي ويجهو ٿيندي پاياٺين تڏهن ڇيچ سان چلهہ جي خاڪ ڪوتڻ لڳو. نيڻن ۾ لڪل عڪس جو روپ ٿي ڇيچن جي زور تي ٺاهياٺين يا ڪو نانءُ ٺاهيندو ۽ ڊاهيندو رهيو هو.

”هٽ نہ سا ڙي وجهين، چلهہ کي ٺرٺي ڪو گهڻو وقت ڪو نہ ٿيو آ“ ميروءَ ڏوتل هٿن کي رٺي سان اگهندي، رڌڻي جي در تي ايندي ٺي پري ڪان چيو.

”چلهہ تہ هاڻ ٻري آ“ چوندو تڪڙو اٿي هليو ويو هو ۽ ميروءَ ڪيس پنيرو ويندو ڏسي، حيران ٿيندي، سوچيو هو تہ”هن کي ڇا ٿي ويو آ. هڪ تہ اڇي گهٽ ٿو. جي اچي ٿو تہ چپ، جهڙي پٽ. اڳ تہ خمونڻ جي ڪاوڙ جو پتہ هوندي بہ پيو ڇيڙڇرايون ڪندو هو، پر هاڻ.... شايد پاڻ جهليو هوندس. پر چريو، مون ڪان تہ ڪجهہ ڪين لڪائيندو آ، اڇي ڏکن سورن جون ڳنڍڙيون مون آڏو کوليندو آ. پوءِ هاڻ ڇا ٿيو اٿس؟!“

”مان -ا- دي — ميروءَ سان —— ش - شادي ڪرڻ ٿو چاهيان“

کٽ تي پلٿي ماري ويٺل ڀاءُ آڏو، ڀاڄائس جو پاٺس لاءِ ڏنل کير جو گلاس رکندي هبڪندي هبڪندي وکريل لفظن ۾ بہ هڪ ساهيءَ ۾ چٺي ويو هو.

ڀاڄائس جون ڪجهہ بہ نہ سمجهڻ جي انداز ۾ اکيون ڦاٽي ويون هيون ۽ تڏهن ڇنيون هئائين، جڏهن پر ۾ مانيءَ جي اوسيٺڙي ۾ ويٺل ”حميءَ“ ٽهڪ ڏئي چيو هو:

”ادي بہ ٿو چٺيس، شادي بہ ڪندس!؟“

ننڍڙي حمي، ڪڏين جا رشتا جوڙي جوڙي رشتن جي ٻولي بہ سکي وٺي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو چپ چاپ اکيون ڏرتيءَ ۾ کُپايو ويٺو رهيو هو. حميءَ جي ٿهڪن ۾ پاٽس جي خونخوار نظرن کان بيخبر.

"لک لعنت هجئي ڙي پڙوا، تہ هن مهل تائين اهو پٺي ٽيندو آيو. ڪميٽا ڪنهن جاءِ جا، سوئر جا.... شڪل ڏني تئي ڙي پنهنجي، هليو آ پٽ شاديون ڪرڻ.... اڙي شرم ڪو نہ آيئي (ڪير جي گلاس کي لت هڻي اٿي ڪڙ و ٽيو هو) بي حياءَ.... هوءَ ٻارن ٻچن جي ماءُ.... اڙي ماءُ لڳئي ماءُ، ڇا ماءُ سان پرڻبين؟..... اڙي هن جو دماغ ڪنهن خراب ڪيو آ؟" ٻاهران ايندڙ زال ڏانهن نهاريندي.

"تاڙي هڪ هٽ سان وڪي آ ڪڏهن؟" چوندي جوٽس خالي گلاس پٽ تان کڻي صدوءَ ڏانهن حقارت مان نهاريندي ٻاهر نڪري وئي هئي.

"ها، هوءَ منهنجي ماءُ آ، هوءَ منهنجي پيڻ آ، هوءَ منهنجي..... هوءَ منهنجي.....

ڳل تي لڳندڙ زوردار ٿڦڙ سان توازن قائم نہ رکي سگهيو هو، سڄو وجود ڏکي ويو هئس. وڃي ڪريو هو پٽ تي. هاريل ڪير مٿان.

ڪمرو خالي ٿي ويو هو ۽ اندرئين عمل جو رد عمل ٻاهر شروع ٿي ويو هو. هو پاڻ جنهن انداز ۾ هيٺ ڪريو هو. اجا تائين اوئين ئي پيو هو. اچانڪ ٽپ ڏئي اٿيو ۽ ٻاهر نڪري ويو هو. مٿي ۾ وينل اٿ وڏيڪ سرڪش ٿي چڻ دماغ ۾ هنبوشيون ٿي هنيس. ايڏو جنون سوار هئس جو سندس رستي ۾ ايندڙ ڪنهن بہ شئي کي ٺڪر هڻي ٺڪرا ٺڪرا ڪري ڇڏي ها.

هن نہ ٿي ڄاتو تہ شادي لفظ جي معنيٰ ڇا آهي؟ مفهوم ڇا آهي؟ هن کي تہ صرف ۽ صرف اهو سرٽيفڪيٽ ڪپندو هو جنهن سان ميرو، هن جي ٿي سگهي ها. ٻين لفظن ۾ هو ميروءَ جو ٿي سگهي ها، هميشہ هميشہ لاءِ. جيئن ٻوءِ ڪو بہ خمون هن ۽ ميروءَ جي مقدس پيار جي ديوار نہ ٻڌجي ها، ڪنهن کي بہ حق نہ پهچي ها. هن کي ميروءَ جي هنج ۾ مٿو رکي تيل هڻائيندي، مني نند جهڙي خمار مان اڌ مان سڏڻ ها!

اها ڄاڻ الائي ڪيئن پئجي وئي هئس تہ دنيا ۾ سواءِ شاديءَ جي ٻئي ڪنهن بہ رشتي جوڙڻ لاءِ ڪو بہ سرٽيفڪيٽ ناهي ملندو. هن کي تہ بس ميروءَ وٽ پهچڻو هو، پوءِ ڪو ڪيس ميروءَ جو پٽ سڏي، ياءِ سڏي يا مڙس. هن لاءِ سڀ ناتا بي سود هئا! بس اهم هئي تہ ميروءَ جي ذات. هو پاڻ کي هن جو سڏائڻ پيو چاهي. ننهن کان چوٽيءَ تائين، پنهنجو پاڻ هن جي ٠١ءَ جي هنج جهڙي وشال جهوليءَ ۾ ڪيرائڻ ٿي چاهيائين. جتان ڪو بہ کيس الڳ ڪري نہ سگهي. هن چاهيا ٿي ميروءَ جي پيار جا پها، پنهنجي ڦلڪٽا - ڦلڪٽا وجود تي رکڻ. هن جي من ۾ پنهنجي من جي اونداهين ۾ ڪو گڏجي ڏيئو ٻارڻ. ڪيس اها ٽڌي مٽي چانو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪِريي هئي. جيڪا ميروءَ جي ڪِهاڻي وڻ جهڙي وجود هيٺان ٿي هئي.
سچو ڏينهن الاءِ ڪٿي رلندو رهيو هو ۽ پٺيان سندس ٻاريل چڻنگ، شعلو ٿي ٻجي وجي ميروءَ جي من ۾ پنهنجي ٻاريو هو. چاچا نه ٻڌائو پيو هئس. پر..... ڪنهن سان شڪايت ڪري ها.....؟!!
رات جو ڪِرجي در وٽ اچي واپس موٽي ويو هو. ٻڪ اُڃ جي احساس ڪان بي خبر هلندو ئي ويو ڪيڏانهن؟ پاڻ به نه ٿي ڄاتائين.
ٽلن جي ٽنن - ٽنن تي چرڪي هٿن ڏانهن ڏٺو هئائين، جيڪي زور سان گهنڊ وڄائي جڻ بي خوديءَ ۾ ڪنهن وٽ فرياد ڪٺي آيا هئا.

اگربتين جي ساهه منجهائيندڙ بوءِ، جهيڻي بلب جي روشنيءَ ۾ سائي ٻروڪيڊ جي چادر هيٺان ستل "سائين پورل شاهه" جي تربت جي پيري سان نرڙ لڳائي ويٺي رهيو هو. انيڪ پل..... شايد سمهي رهيو هو يا اهو احساس ٿي ويو هئس ته نظرن جي سامهون هيٺ انسان ٿي ڪجهه به سمجهڻ کان قاصر آ ته هيءَ مٽين منيءَ جي هيٺان ستل ايڏو جلدي فرياد ڪيئن ٻڌندو؟ ڪيئن سمجهندو؟ چپ چاپ اکيون پوريو ويٺو رهيو هو، پاڻ به مزار ۾ ڦهليل سانت جو ڪو حصو ٻجي.
پيو سچو ڏينهن به مزار جي ڪنڊ ۾ مونن ۾ منهن وجهي گهاري ڇڏيو هئائين.
جيئن جيئن ٻاهر پپر جي تارين تي پکين جو انبوهه وڌڻ لڳو هو، سج ڏرتيءَ سان ٻئي ڏينهن ملڻ جو وچن ڪري، اونده جي چادر تاڻڻ لڳو هو. تنهن سمي، هو ٽپ ڏئي اٿيو هو، اٿين تي لڳس ڪنهن سندس سيني ۾ چنبو وجهي، باقي بچيل ساهن جا ذرڙا به ڇڪي ڪيڏڻ چاهيا هئا.
ٻاهر اڱڻ ۾ نڪري وڏا وڏا ساهه کڻي، اکين ۾ موٽي آيل وڻ تي ويٺل پکين جي ٽولن کي الوداع چئي ٻاهر نڪري ويو هو.
در جي نڪ تي ميروءَ در لاتو، هو در تي ٽنڪيل چڪ ئي مٿي کنڊي اندر گهڙيو، ميروءَ بغير ڏانهنس ڏسڻ جي اندر هلي وئي ۽ هو به سانا سانا قدم کڻندو سندس پٺيان هليو ويو هو.
"اڃا ڪهڙي ڪسر رهيل ٿئي جو آيو آهين.... مان توکي اٿين ڪو نه سمجهيو هو.....صدا!"
هٿ ۾ جهليل رئي جي پلئه تي منهن رکي سڏڪي پئي هئي ۽ پٺ تي ويٺل سگرين جي پاڪيئن جي نهيل ريل هلائيندي پٺس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي چپن ۾ جهليل سينيءَ جي ڪوڪ اڌ ۾ ئي رهجي وئي هئي.
ٻار جي چپن ۾ جهليل سينٽي جي ڪوڪ صدوءَ ڪي پنهنجي اندر جي اونهائين مان ايندي محسوس ٿي هئي. ٻڪ ۾ اوچاڳي تي ڏرا ڏئي ويل نيڻ اڃا وڏيڪ ڦاٽي ويا هئس. ڪجهه به نه سمجهندي هو ڪنهن ڦرهي نه لڪي ويندڙ، ماستر آڌو ويچارو ٿي بيٺل ٻار جيان ٿي لڳو.
نه ٿي سمجهه ۾آيس ته ميروءَ جي اکين ۾ اڪٽ سمنڊ ڪي ڪيئن پنهنجي ڇيهون ڇيهون جهوليءَ ۾ سانڍي.
"هليو وڃ هتان..... ۽...... ۽ ڪڏهن به نه اچجان.... ڪڏهن به نه....." هن ڪي چڻ ته پنهنجي ڪنن تي اعتبار ئي نه ٿي آيو. ٽوٽ چپن تي زبان ڦيري ڪجهه چوڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، پر چڻ سڀ آواز سمهي پيا هئا. سڀ لفظ مري ويا هئا. ڇا چئي ها....!!!
اڻ ڄاڻ شهر جي اسٽيشن تي ڪر لاءِ لٽل ان مسافر جيان رڙهندو اڳتي وڌڻ لڳو هو. جنهن جو سڀ ڪجهه ان ڇڻي ويل ٽرين ۾ ئي رهجي ويو هجي....
ورهين جا اکين جي غفائن ۾ سانڍيل لڙڪ اڄ وهڻ ٿو ڏئي ۽ لڙڪ ڪنهن "پنهنجي" جيان سندس ڳلن کي چمندا وهاڻي ۾ جذب ٿيندا ٿا وڃن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ جي ڳولا ۾ رڄ

ڪيئي سپنا ڏسندڙ بند اکين جي وچ ۾ زيرو واٽ بلب جي نيري روشني ۾ وهتل هن جو وجود بہ چڻ ڪنهن سپني جو ڪردار پيو پاسي. ڪٽ ڪان هيٺ لڙڪندڙ سندس سفيد رئي جو پلئہ پکي جي هوا تي هيڏانهن هوڏانهن ائين پيو جهومي چڻ هن جي ٻانهن جي پرمان ڦٽي آيل ڪو پرهجي، جنهن جي سهاري اڏي هوءَ پنهنجي هٿن جي پڪڙ مان نڪري ڏور پولار ۾ اڏري ويل سپنن کي ڳولهي لهندي.

هٿن ۾ جهليل ڪتاب جنهن ۾ ڪُپايل هن جون اکيون جوڙس وايو منڊل کان بي خبر اکرن جي رٿ تي چڙهي ناول جي پس منظر کي حقيقت ۾ ڏسي رهيون هجن چڻ.

آڪٽوبر جي بہ ڇتي موسم، نہ سردي نہ گرمي اپوءِ بہ خشڪ ٿي ويل جسم ۾ سياٽو.

گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ، ڪجهي ويل اوچتي نظر. تالهي جيڏي ڊائل ڏانهن هلڪو آرس، منهن تي ٿڪ جاواضع آثار.

ٻٽ کي ٻهاريندڙ رئي کي ڇڪي مٿي تي ڪري، ائين جيئن سڪڻ لاءِ وڇايل جهول، مسافرن جي نہ لنگهڻ جي پڪ سمجهي، خالي خالي ويڙهي ڇڏجي. چڻ ڪو سفيد پکي اڏي اڏي ٿڪجي نراس ٿي پنهنجا پر ويڙهي داٽي پاٽيءَ بنان ئي ٻک تي ڪنهن ٽاريءَ مٿان سمهي پوي.

زيرو بلب جي ستل روشنيءَ سان گڏ پنکيون هٽندڙ ڪمري جون پٽيون بہ هاڻ اونده جي چادر ۾ منهن لڪائي، سمهي پيون آهن. پر ڪٽ جي مختصر وستي جڙ ۔ جي رڻ جو حصو ٻڌجي وئي آ... بک ..... رڄ ئي رڄ .... اڄ ئي اڄ... پهرن ڪان احتجاج جاري آ اونداهيءَ آڏو لڙڪن جي زبان ۾ دريءَ مان ڪمري جي اونداهي ۾ زوري گهڙي آيل چانڊوڪي ڪا ورهين پڄاڻان مليل گهاٽي سهيلي تي پاسيس. اونده سان جهيڙيندڙ اکين جو رخ هاڻ چانڊوڪيءَ طرف آ. پهرين ساٿس جهيڙين. ٿيون پر پوءِ خوشامدي رويو... بي آواز.... آشارن ئي اشارن ۾ ڪيس ڪاوارتا ٿيون ٻڌائين.

پوڙائي چانڊوڪي، چنچلتا جي چنري پائي ڏور اپ ڏي اڏي ٿي وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جو ڏنل پيغام هن جي ئي گهر اڳڻ ۾ اڇلي. ڌريءَ اندران پنهنجي ڪٽ تان
محسوس ڪري ٿي! ٿي نه ٿي . صبح جو ڏسڻ جو سوچي، اکيون پوري ٿي
ڇڏي جو هن ويل، اڌيءَ رات جو ٻاهر وڃڻ ، اسونهين ڳالهه لڳي ها. سچ جا
ڪرڻا زوريءَ ڌري مان ٽپي هن جي ٽڪل مک تي ڇند ٽا ڪن. اٿي پئي ٿي
ڇرڪي، ڇڻ ڪا ڳالهه اوچتو ياد اچي وڃي جيئن ڊوڙي ٻاهر اڳڻ ۾ اچي نراس
ٿي بيهي ٿي رهي، پنهنجي پيرن ۾ چانڊوڪيءَ کي ڏنل راتو ڪي پيغام جو ٽڏو
۽ پيلو ٿي ويل لاش ڏسي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت بدلجي ويو آ

مون کي ياد آ
ان وقت منهنجي عمر ڪتابن سان پريل اسڪول جو ٿيلهو کڻڻ جيڏي به نه هئي.
تن ڏينهن به مان ماحول جي اڻ وڻندڙ حالتن جي نفي ڪندي، جڏهن پٽ سان لڳو لڳ پنهنجي ڪنڌ واري ڪٽ تي اچي رسي سمهندي هئس، تڏهن پٽ جي لهندڙ سائي رنگ جي چٽڙن هيٺان جهاتيون پائيندڙ اڇي رنگ ۾ مان انيڪ عڪس ڏسي، پاڻ کي پاڻ ئي ريجهائيندي هئس. سڄي رنگ لٿل ديوار..... ڪهاڻين جو مجموعو هئي.
ڪنهن ڏينهن ڪهڙي ڪهاڻي ته ڪنهن ڏينهن ڪهڙي پڙهندي هئس. ديوار تي لکيل تصوير ڪهاڻي!
ڪهاڻيءَ ۾ ايڏي محو ٿي ويندي هئس جو مون کان وسري ويندو هو ته رنني چاتي هئس؟
پر منهنجو رسامو/احتجاج ڪن ڪهاڻين ۾ ظاهر ٿي بيهندو هو.
چند ڏينهن پڄاڻان، منهنجو احتجاج فرسٽريشن ۾ تبديل ٿي ويو جو منهنجي ڪهاڻين جي مجموعي کي ڦاڙيو ويو جڏهن.
ديوار جو ڦٽل رنگ لاهي، ڪين وائيٽ واش ڪيو ويو ۽ مٿان نئين رنگ جو ته چاڙهي ڇڏ منهنجي ڪهاڻي جي زنده ڪردارن تي بلڊوزر هلائي ڪين چيپاٽي ماريو ويو. ائين لڳو هئس ڇڻ ڪنهن وستيءَ کي باهه ڏئي ساڙي ناس ڪيو ويو هجي ۽ جنهن مان مون کان سواءِ سڀ ڪجهه سڙي خاڪ ٿي ويو هجي ۽ مان ان خاڪ جي رڻ ۾ پنهنجي سائين کي سڏيندي رهجي وئي هجان.
اڄ به مون کي اهي ديوارون جن ۾ منهنجون پوريون، اڻ پوريون ڪهاڻيون دفن آهن، منهنجي زنده پوريل ڪردارن جو شمشان گهاٽ ياسنديون آهن.
مان پنهنجي فرسٽريشن جو حل وري به ڳولهي ورتو. شام سمي اڱڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي آپ تي ڪڏهن ڪڏهن مڙيّ آيل ڪڪرن جي جهڪٽ ۾ پنهنجا ڪردار ڳولهي وٺندي هيس ۽ ڪهاڻيون جوڙيندي هئس.

چانڊوڪي رات ۾ سيني جي اکين تي ننڊ جو راڄ!پر منهنجون ڪليل اکيون پيون آپ جي اسڪرين ڪي گهوريندڙيون هيون. ڪهاڻيون ڳاهينديون هيون ۽ ڍهي ويندڙ ڪردارن کي ڳولهينديون هيون. ائين پاسندو هو جڻ چنڊ به مون جيان ڪنهن ڪردار جي ڳولا ۾ ڪڪرن پويان ڊڪندو ٿو رهي. پر هو ڳهيلا ڊوڙندا ڊوڙندا ڪهاڻين کي اڌپورو ڇڏي پڄي ويندا هئا.

اهو سهارو به عارضي نڪتو.

هاڻي ايئرڪنڊيشنڊ روم جي لسيءَ ڇت ۾ مون کي ڪو به عڪس، ڪا به ڪهاڻي، ڪو به ڪردار نظر ناهي ايندو. آپ جي سيني تي ڪڪرن جون ڪهاڻيون ته اڃان به لکبيون هونديون،پر آپ سان ڳالهيون ڪندڙ ديوارن جي هڪٻئي سان ڪلهي گس ۾ ڇ مان جنهن وٿيءَ جيترو آسمان وڃي بچيو آ ڏسڻ لئه، تنهن ۾ نظر ايندڙ ڪڪرن جي جهلڪ تي ڪهاڻي ته ڇا پر شايد هائيڪو به نه لکي سگهجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوندر ڪنيو گهمن

رات جو پيون پهر ٻه اچي ڪُتو هو، چنڊ نم مان جهاتيون پائيندو پائيندو وڃي پريان مسجد جي گنبذ پويان لڪو هو، شايد ستو هو.

اڱڻ ۾ پوڪيل مينديءَ جي ٻوٽي، ٿڌ ۽ رڪي رڪي جسم ۾ سياٽ وجهندڙ هوا تي پنهنجو هٻڪاءُ ٿي ڦهلايو. چوڌاري پيل کٽن تي رلين اندران ساهه کڻندڙ جسم اگهور ننڊ ستا پيا هئا، چٽڪ مٺا پيا هئا. پر هوءَ ٿڌ کان گهمجي ويل پنهنجي هنڌ تي اچا تائين پئي ڦٽڪي. ذري رلي سيني تائين ڇڪي ٿي اَئي، ذري پير جي ڇڪ سان ست ڏئي، لاهي ٿي ڦٽي ڪيائين ۽ رليءَ وچي ٿي پٽ تي ڦهڪو ڪيو. گهٽئي پيرا مٽي ٽڙڪيو هئس:

”اڄو مٺو اچي ٿيو اٿئي، پر اچا تائين سمهڻ جو سر ٻه ڪو نه آيئي! نين ڏوتل رلين جو بيڙو ٻوڙيو ڇڏين. ڪار صابڻ وڃي اپ سان ڳالهيون ڪيون هن، هيڏي مهانگائي ۾ روز ته هنڌ رليون ڪو نه ڌوپنديون. سؤلي ٿي سمهندي ڪرا!“

پر سمهڻ وقت ڪيس ڪٿي ياد رهندو هو ته ڪار صابڻ جا اگهه ڌرتي تي تا ڳالهائين يا اُپ تي وڃي پڳا هن. ڪٽ ڪان هيٺ پٽ تي گند آهي يا اڌ رات جو ننڊ مان اٿي کٽن جي پر ۾ ڪيل ڪنهن پار جو پيشاب ڪيس ته پنهنجي پاڻ جي ٻه ڪَلَ ڪين پوندي هئي ته ڌرتيءَ تي آ يا اُپ تي.

ائين ڀاسندو هئس ڄڻ سندس ڪٽولو، ڌرتيءَ ۽ اُپ جي وچ ۾ ٽنگيو پيو آ. لڏندو ٿو رهي. ڦرندو ٿو رهي. شايد اهڙي ڌرتيءَ ٽڪر جي ڳولا ۾ جنهنجي مضبوط ڇڪ (ڪشش ثقل) ڪڏهن به ان جي پاين مان پنهنجا هٿ ڍرا نه ڪري، ڇهنائي ڇڏيس پنهنجي سيني سان، جيئن سندس ٻي وزن ڪٽولو، ڪڏهن به وري پولار ۾ نه پٽڪي.

ننڊ جي آس تي جيئن ئي اکيون ٻوٽيندي هئي، ساهه ڪي منجهائيندڙ منظر، رات جي سانتيڪي وايو منڊل ۾ ٽرٽلو مچائيندڙ آواز، ڪيهون، رڙيون، الله اڪبر - الله اڪبر... دماغ تي هٿوڙن جيان لڳندڙ آذان جا آواز. سايون شيريون اکيون پاڻ ڏانهن وڌندڙ محسوس ٿيندڙ. ان ڪري ئي مسجد جي گنبذ ڏانهن به نه نهاري سگهندي هئي. جيڪو اڱڻ جي ڪنڌ تي لڳل نم جي وڻ پويان ڏسڻ ۾ ايندو هوا جي لاشعوري طور اک پئجي به ويندي هئس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ اٿين لڳندو هئس جڻ گنبذ ۾ پہ اڪيون ٿي پيون هن ۽ ساوا ڦوٽاريل تارا ڪيس ٽڪيندا هجن! سايون شيريون اکيون پاڻ ڏانهن وڌندڙ محسوس ٿيندڙ، ڪٽيل زبانن جا ٽڪرا، لڙڪ، سڏڪا.... شرنايون.... سهرا......

"وني ايندو ونڻ اڄ ڊولڙو
دل ايندو لٽڻ اڄ ڊولڙو
هاڻ ميندي هٿن کي لايان
هاڻ سرهي سيج وڇايان
راڻي، مومل ڪٿي آهي پا ڳ سان...
"پر راڻو مومل ڪٿي بہ هارائي وينو ...و...و...!"

ڪيڏو پائيندو هو، هو ڪيس. تن ڏينهان ماسيس جن اتي ئي رهندا هئا. وچ ۾ چڙي هڪ گهٽي هئي. گهٽيءَ جي منڍ ۾ هنن جو گهر ۽ گهر پرسان مسجد!

ڪٿس ياد ڪو نہ هو تہ ماسڙ کي شهر ۾ ڪهڙي نوڪري هئي؟ سڄي ڳوٺ ۾ ان کي ئي سائيڪل هوندي هئي. جنهن تي چڙهي روز سج اڀرڻ کان اڳ نڪري ويندو هو۽ رات جو تارن ۾ پيو ايندو هو.

ماسس کي هڪ ڌيءَ هئي "دادلي"، دادلي هوندي بہ دادلي هئي. ماسڙ روز ڪَجهہ نہ ڪجهہ سندس لاءِ آڻيندو هو ۽ صبح جو سج اڀرڻ کان اڳ ئي هوءَ کٽي وٺي هنن ڏانهن پڄندي هئي. ڪڏهن ڪو ٽول، ڪا رٻڙ جي گُڏي، گندي يا چوڙي والو. خوشيءَ مان هڪ هڪ کي ڏيکاريندي هئي ۽ هوءَ جنهن جي انگ تي ڪپڙا بہ سجا ڪو نہ هوندا هئا. ظاهري خوش ٿيندي، اندر ئي اندر کنهن نراسائيءَ جي ڪن ۾ ٻڏل لڳندي هئي. دل چوندي هئس "جيڪر ماسيءَ جي گهر جا سڀ پاتي ڪاڏي هليا وڃن ۽ مان دادليءَ جي گڏين ۽ رانديڪن وارو سڄو ڪوکو ئي پڃي پورا ڪري اچان يا پراٽي ڪوهہ ۾ اڇلي اچان!" دادليءَ کي چڱي لٽي ڪپڙي ۾ ڏسي اٿين پاسندو هئس جڻ سندس جسم تي چنيڙيل ليڙون ليڙون لٽن کي ڪو هنڌان هنڌان چڪي لاهيندي چوندو هجي:
"هيءَ ڏس، هتان بہ ڦاٽل ٽٽي، هيءَ ٻئي رنگ جو ٽڪر ڇو هنيو اٿيئس؟....
هيءَ....."

دادليءَ کي پيڻ ڪو نہ هئي. سڄو ڏينهن پئي هنن وٽ کيڏندي هئي. بہ پائر، هڪڙو ڪانئس وڏو ۽ ٻيو ننڍو هو. تن سان پوندي ڪين هئس. هيءَ ٽي پنر هيون. ٻن وڏين جي، اڃا منمٽي ٿيون هيون تہ شادي ڪرائي ڇڏي هئائون. "شهرو" پاءَ کان پوءِ سيني کان ننڍي هئي. پٽس جي ماٽس سان اٽندي

ئي ڪا نہ لڳي. سدائين مريدن مٿان پيو هوندو هو. هڪ فصل لهڻ جي منڍ ۾ جو ويندو هو تہ مٿان ٻئي فصل جو ڏن بہ اُگاڙيو پوءِ پيو ورندو هو.سو بہ پہ ڏينهن! ٿورو گهڻو کين ڏٿي وٺي وري جو روانو ٿيندو هو تہ مهينا ڇٽو. ماٺهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوندا هئا ڪنهن مريدياڻيءَ سان.....

پر ماڻس ڪي سڀ سهائي پٽي هوندي هئي. جي ڪو ڪنهن ڪجهه پڇندو، ٻڌائيندو به هئس ته دل سڙيءَ ڪان چوندي هئي:

"ادي منهنجو نه ٿيو، پوءِ ڪٿي ڪاري ڪتيءَ سان نينهن ڪري، مون لئه ته جهڙو چيت، تهڙي ڪتي!"

ماڻس پاڻ به وڏڙين جي منجي سنڀاليو ويٺي هئي. پٽي تعويذ ڦيٿو ڪري، گهر جو گاڏو ڏڪيندي هئي. ڪنهن جي مينهن ڪي سجيهه کير ٿيڻ لاءِ تعويذ کپندو هو، ڪا مڙس کي ٻڌو پانهو بنائڻ جو تويذ وٺندي هئي ته ڪن کي سگن وڙن جا مسئلا. هر مسئلي جو حل "بيبيءَ" جي ڪتاب ۾ اڱواڻ موجود هوندو هو. هوءَ بسم الله ڪري پلٽ ماري ٻه ٽي شوڪارا هيڏانهن هوڏانهن هڻي "استادي استادجيءَ" ڪان جو شروع ٿيندي هئي ته پوءِ قلم بيهندو ئي ڪين هو. الف. ب به پڙهيل ڪو نه هئي پر ڪتاب ۾ ڏسي ڏسي نقش ٺاهيندي،لکندي تجربيڪار ٿي وئي هئي. ماڻين ڪان اکيون پوراڻي، ڪتاب تي چيچ رکرائيندي، پنهنجي دليئون اهڙو ٺاهه ٺاهي ٻڌائيندي هين جو هو به گهيليون يقين ڪري ويندبون هيون.

شهرو ڪڏهن ڪڏهن نهايت معصوميت مان چوندي هئس:

"امان! پوءِتون ڪو اهڙو تعويذ گهر ۾ چو نه ٿي پورين جو بابا اچي ته ورِي واپس نه وڃي!"

"امان فال وجهه نه، اسان جي گهر جون هيءَ چيڻن سان ٿقيل، ڪرندڙ پتيون ڪڏهن پڪيون ٿينديون؟"

"امان مون کي به تعويذ لکي ڏي ته مون وٽ به دادليءَ جيان ڪپڙن ۾ رانديڪن جا ڍير ٿي وڃن"

ماڻس لاجواب ٿي، رئي جي پلئه سان پني ڏئي، لڙڪ اگهي چڏيندي هئي. شهرو جڏهن ڇائي هئي ته سيني کي اچرج وٺي ويو هو ته ههڙي هيٺي، نپل جسم مان ههڙي سهڻي ۽ ٿلهي متاري جپاني گڏيءَ ڪيئن جنم ورتو! ماسيس ته ڪٺندي ئي ڪري سيني سان لاتو هئس:

"ادي ڏهه ئي مهينا ڪاڏو به چڙو ميت اٽئي پر ڏيءَ اهڙي جٽي اٽئي، چڻ مکڻ جو چاٽو. هيءَ ته اٽئي منهنجي! منهنجي راول کي ڪو هن ڪان وڌيڪ ٻي ڪنوار ملندي؟!"

ماڻس، جنهن تي ڏيءَ ڄمڻ جو ٻڌي وَڪُ چڙهي ويو هو، ڀيڻ جي ڳالهه ٻڌي، اکين ۾ خوشيءَ مان ڪجهه چمڪڻ لڳو هئس.

اٿين ٻنان ڪنهن رٽَ تي اها ڳالهه سيني جي ڪَنِ پئجي و ئي هئي ته شهرو راول جي ۽ دادلي حاڪم جي ڪنوار ٿيندي.

شهرو محسوس ڪندي هئي ته جيڏو ماڻس دادليءَ کي پيار ڏيندي هئي، پلي دادلي ئي ڪيس چو نه ماري پر هوءَ بدلي ۾ ڪيس برو پلو چئي ورندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دادلي ۽ کي ڳراٽيون پائي ڳالهه ناريندي هئي. ذري ۽ مان ذري بچائي دادلي ۽ لاءِ رکندي هئي. پر اهڙي قسم جي پياري جي کا ڦٽنگ به ماسس پاران شهرو تي نه پئي هئي. هن ڪڏهن به هن جي اتفاقي ڇهاءَ ۾ ڪا سچائي يا محبت واري ڇڪ محسوس نه ڪئي هئي. ماسٽر ڪيس پائيندو هو ۽ ٻيو راول ننڍو هو پر ڏاڍي سمجهه هئس. ماني کائيندي جي شهروءَ کي ايندي ڏسندو هو ته سڏي وٺندو هئس. پنهنجي انب جي ٻن ڦارن مان هڪ ڏانهنس وڌائي ڇڏيندو هو. هوءَ انب ڏسي وات ۾ آيل پاڻي کي ڍڪيتو ڏئي، انڪار ڪري ڇڏيندي هئي. لڄ ڪان وڌيڪ ماسس جي اکين جي تيز گهور جي ڀَو ڪان.

"تون کاءَ. بچيو ته ماسنهن ڏي مُنجان تي، پاڻهي ڏيندي شهروءَ کي!" رهڻ مان اٿين چوندي هئي جو جڏهن ڦار اڌ چانورن جي ٿالهي ۽ تي رکجي ماڻس ڏي ايندي به هئي ته دل نه چوندي هئس ته اک کڻي ڏسيس. ماڻس به هر چڱي چوکي شئي حاکم آڏو رکندي هئي. خاص ڪري پيڻ ڏانهن آيل، جو "انهن جي هر شئي سٺي هوندي هئي" پوءِ جي حاکم بچائي ته پلو نه ته مڙئي خير. شهروءَ جي شروع کان ئي طبيعت مانيٽني هئي. رڳو سوچيندي رهندي هئي ته هيٺن تيو! هيٺن تيڻ ڪيي! دل ئي دل ۾ پئي خيال پچائيندي هئي، پر چوندي ڪجهه ڪين هئي.چوي به ڪنهن کي ها؟ ڪو به ته ڪو نه هو بجو سندس ڳالهه سمجهي ها! انڪل مجي ها! هن ڏٺو هو، دادلي ڪيئن انڪل ڪري پنهنجي ڳالهه مڃائي ويندي هئي، پاڻرن سان وڙهي، سندن هٿن مان شيون ڦري ويندي هئي. پر هن ڪڏهن به پاءَ کان ڪا شئي نه ڦري. اجا به سندس گهرڻ تي پنهنجو حصو به ڇيڙي ڪري ڪيس ڏئي ڇڏيندي هئي. ظاهري طرح ڪو به احتجاج نه ڪندي هئي. هن جو احتجاج اندر ۾ هو. اهڙو ته پڪو ارادو ڪري ڇڏيندي هئي جو اها ڦريل شئي ڪڏهن به هٿ ۾ ڪڻ جي وري ڪوشش نه ڪئي هئي.

تن ڏينهان ڳوٺ ۾ نئون نئون ڇوڪرن جو اسڪول پيو هو. ٻين ڇوڪرن سان ڪڏ راول ۽ حاکم به وڃڻ لڳا ها. پر غريب جو پاڳ به غريب. غريبن جي ڪشادين دلين جي برعڪس سندن گهرن جي سوڙهن آڳنڌن تي قسمت جي ديوي ڪڏهن به ناچ نچي ناهي سگهندي. راول ته پيءُ جي موچڙي ۾ هو، هڪ ڏينهن به نه گسائيندو هو، پر حاکم پڙهائيءَ کان آڳوتو ڏئي، سڄو ڏينهن پيو گهٽين ۾ اٺي ڏڪر ڪيڏندو هو ۽ لاٽون ڦيرائيندو هو. راول اسڪول مان پڙهي اچي دادلي ۽ شهروءَ کي به سبق ڏيندو هو، جو ڇوڪرن جي اسڪول ۾ ڇوڪرين جو پڙهڻ ويڪ سمجهيو ويندو هو.

شهروءَ جو ذهن ڄڻ ته ڪنهن رهنمائيءَ جو منتظر هو. اٿين سبق ياد تي ويندو هئس جو راول حيران تي ويندو هو ته "مان اسڪول ۾ ٿو پڙهان ته به هوءَ مون کي ماري ٿي وڃي!" شهروءَ جي هوشياريءَ تي دل ئي دل ۾ ڪا اڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکي خوشي ۽ اطمينان. اجا ڏهن يارنهن سالن جو مس هو پر آکين ۾ اهڙي چڪ هوندي هئس جو ڪڏهن ڪڏهن شهرو شڪجي ڪاوڙ مان چوندي هئس: "جي پڙهائڻ نه ٿو پڄئي ته مون کي پنهنجا ڪتاب ڏي، مان وڃان ٿي، باقي هروپرو...." اڳتي ڪجهه به چوڻ کان سواءِ پين سليٽ ڪنيو هلي ويندي هئي گهر. ۽ دادلي ۽ راول پويان وٺي ٺهڪ ڏيندا هئا.

شهرو ايڏي ته حساس هئي جو ڪي پاڻ ۾ کلندا هئا ته هوءَ يڪدم پنهنجي ڪپڙن کي آڏو پنيان ڏسڻ لڳندي هئي ته هو سندس تي ته ڪو نه ٿا کلن؟ هر وقت هيسيل هراسيل جڻ ڪنهن اڻ ڄاڻ وستيءَ ۾ ڪو ڪيس ڦٽو ڪري پاڻ هليو ويو هجي.

مسجد ورهين کان ويران پئي هئي. ڪنهن کان پڇندو هو ته مهينن پڄاڻان صفائي ڪري ايندو هئس نه ته بند پئي هوندي هئي. چوڌاري اگهڻ ۾ ڌپ جمي ويا هئس. پر ڪجهه ڏينهن کان مسجد جو در کليل نظر ايندو هو. رات جو گهٽ پر بنپهري، ٽپهري جو ماڻهن جي اچ وڃ ٿيڻ لڳي هئي. هاڻ آذان جو پڙلاءُ به پوندو هو. بجليءَ ته هئي ڪو نه جو لائوڊ هجي. پوءِ به ملان کي جيتري سگهه هئي الله اڪبر - الله اڪبر ڪري ماڻهن کي سڏيندو هو. پر ڳوٺ جا ماڻهو، هاري ناري، هڪ ته سندس آواز ٻڌندا ڪو نه هئا، جي ٻڌندا به هئا ته لنوائي هليا ويندا هئا ته:

"ڪير ڪم سيڙائي وڃي مسيت ۾ ويهي، ملان ته آهي واندو!"

مُلان کي مسجد ۾ آڻڻ ۾ مسجد جي ڪم ڪي هلائڻ ۾ به ماسڙ جو هٿ هو. نُکون، ٽوپيون، پاٽيءَ لاءِ مٽ، رحل، قائده ته هن پنهنجي هڙان وڙان وٺي ڏنا هئا. مسجد ۾ پر ملان جي پگهار لاءِ به هن ميڙ ڪري ڳوٺ وارن کي راضي ڪري ورتو هو.

مُلان بار به پڙهائيندو هو،پنج ئي وقت آذان به ڏيندو هو، جماعت، جيڪا چئن پنجن ماڻهن جي مس هوندي هئي، کي نماز بہ پڙهائيندو هو ۽ مسجد جي صفائي به ڪندو هو. اسڪول ۾ ماستر وٽ ڇوڪريون ڇڏڻ هر ڪنهن کي عيب ٿي لڳو پر مُلان ته دين جا ٿنڀ هوندا آهن، ان لاءِ ڪنهن کي به ڇوڪريون مسجد ۾ ڇڏڻ تي اعتراض نه ٿيو. ڇوڪرن جي پڙهڻ جو وقت جدا هو ۽ ڇوڪرين جو جدا.

ٽي چار ڇوڪريون ته هيون ڪل، تن ۾ شهرو ۽ دادلي به هيون. شهروءَ کي پهريون ته ماٽس نه ڇڏيو جو مڙس جي ڏنگائيءَ جي خبر هيس ته ايندو ۽ خبر پيس ته ڇوڪري پڙهائيءَ تي ڇڏي اٿئين ته اصل بچ به نه ڇڏيندو. پر پوءِ پيٽيوئي جي آٿت ڏيارڻ ۽ ذمي کڻڻ تي ڇڏيو هئائينس. قرآن پڙهڻ ۾ به شهرو، سڀني کان اڳري هئي. پيون سڀ اجا پهرئين سيپاري ۾ ئي هيون جو هن اڃي ذري گهٽ پنج سيپاريءَ کي پڄايو هو. پهرئين سيپاري جون ته اڌ ڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورتون زباني ياد ٿي ويون هئس. هن جي هوشياري ڏسي ملان به ٻين جي ڀيٽ ۾ کيس اهميت ڏيندو هو.

جنهن ڏينهن اڇي ڏاڙهي مينديءَ سا ڳاڙهو ٿيون، ٻڙ جي پڙ ۾ اُس جي ترڪي تي وينو هوندو هو، تنهن ڏينهن شهروءَ کي ٿي سيني ڇوڪرين جو سبق ٻڌڻ ۽ ڏيڻ جو اختيار هوندو هو ۽ هڪ ڏينهن موڪل مهل جڏهن سيئي سيپارا ويڙهي، پوتيون ڳاهي هلڻ لڳيون هيون، تنهن مهل ملان شهروءَ کي سڏي چيو هو:

"شهربانو، تون بيهه، تو ۾ ڪم آ"

شهرو ڦهريون ته حيران ٿي پر جيستائين حيرانيءَ مان نڪري، تيستائين موڪل جي خوشيءَ ۾ سڀ ڇوڪريون مسجد جو در اورانگهي وڃي چڪيون هيون.

"جيءُ سائين. . . . " ڏڄندي ڏڄندي مس چئي سگهي هئي. کيس هونءَ ئي مُلان جي چهرن جيان قاتل / ڪليل اکين ۾ نهارڻ جي همت ڪو نه ٿيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن دادليءَ کان پڇندي هئي:

"ائي! سائينءَ جي اکين ۾ ڇپر ڪينهن ڇا؟ صفا ڇنيي ئي ڪين ٿو اکيون!" پئي وٺي ٿهڪ ڏينديون هيون.

ملان سندس ويجهو اچي، سندس هٿن ۾ جهليل پنج سيپاري پنهنجي هٿن ۾ وٺندي چيو هو: (شهروءَ جا هٿ پير ڄڻ برف ٿي ويا هئا ان ويل) "ڏڄ نه، ڏس تون سيني ۾ هوشيار آهين نه، هيءَ ڇيڳريون ڇوريون تنهنجي پڙهائيءَ ۾ به ٿيون رڪاوٽ وجهن! تنهنجي پڙهڻ مهل منو منو سر هڻ جي رڙين ۾ ئي گم ٿي ويندو آ. ان ڪري سپاڙي کان هيئنئن ڪر، جو هنن جي موڪل کان پوءِ منجهند ڏاري ايندي ڪر! اڪيلي پڙهنديءَ ته جلدي قرآن پڄائي وينديءَ. ڇورين تي نه ته پيءُ کان ڇوريءَ تي پڙهين. هو اچا ايندو ئي ڪين جو تون قرآن پڄايو گهر ويٺي هوندينءَ"

شهروءَ کي پنهنجي ٽنگن جو سَتُ نڪرندو پاسيو هو. ملان کي پنهنجي ايڏي ويجهو محسوس ڪندي، سندس اکين ۾ اها سگهه نه هئي ته هوءَ ڇپر مٿي ڪري ملان جي ساون تارن، گگَ وهندڙ آلن چپن ۽ چپن هيٺان ڪنهن اچڻ واري خوشيءَ جي احساس کانَ ڏڪندڙ ڳاڙهي ڏاڙهيءَ ۾ نهاري سگهي.

بس ان ڏينهن کان پوءِ مسجد ۾ وڃڻ ڇڏي ڏنو هئائين. ماٽس زور ڪيو هئس، دادليءَ گهٽئي نياپيا ڏنا هئس ته "سائين ٿو سڏئي، پلا پنهنجي پنج سيپاري ته وٺي اچينس!" پر هوءَ چپ ٿي ويندي هئي. ان ڏينهن

کان در کان ٻاهر نڪرڻ ئي ڇڏي ڏنو هئائين. آذان جو پڙلاءُ ڪنن ۾ پوندي ئي وڃي هنڌن جي ڍير ۾ لڪندي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ادي ياٽين ٿو چوي تہ وچڻ ڪان اڳ پلا مگڻو ڪري ڇڏيون. ادو بہ اتي آهي، وري الائي هٿ اچي الائي نہ"

"وچو ڪڏهن ٿا؟" وسامندي

"مٿيون ڪهڙو،عرس مهينو آ نہ؟ چوي ٿو عرس جي پڇاڙيءَ تائين هليا هلون. ڇوڪرن جا امتحان بہ ٿي ويا آهن. جاءِ بہ وٺي ڇڏي اٿئين. اتي. سو ڏينهن ٻن ۾ مگڻو ڪري ڇڏجي تہ......"

"پر ادي......"

"پر ادي، پر اديءَ ڪي ڇڏ، شهرو مون کي ڏني هيئي سان ڏني هيئي، هاڻي ماڻا ٽاڻا نہ ڪر."

"رڳو شهرو.... حاڪم ۽ دادلي جو بہ تہ.....؟"

"ادي حاڪوءَ تنهنجي ۾ حوصلو لڳي ڪو نہ ٿو. الائي پڙهي الائي نہ، جي راضي ٿين تہ پاڻ سان وٺي وڃي اتي پڙهايونس، سڌاريونس، جي نہ تہ پوءِ جا ياڳ پوءِ سان."

"تہ ادي،اهڙا سودا اسان کو نہ ڄاڻون. سگ سگ تي ٿيندو. نہ تہ وينيون پليون" پٽس ٽاندي مان ٻيڙي دکائيندي رڙ ڪندي چيو هو.

"جيئن پلا توهان جي صلاح" بي دليو چئي برقعو ڪڍي، اٿي هلي وئي هئي.

شهروءَ کان اجا تائين اهو ڏينهن نہ وسرندو هو،جيڏي خوش هئي، اوڏي دکي بہ. ڪجھہ مليس پيو تہ ڪجھہ کسجيس پيو. جن سان پل پل جو ساٿ هجي اهي ائين ڏورانهين ڏيهہ پيا وڃن، ڪيئن ٿي خوش ٿي سگهي؟ پر خوش هئي تہ ٿورن ڏينهن جي جدائي هميشہ جي ميلاپ کي جنم ڏيندي.

هوءَ چپ چاپ ڪنڌ هيٺ ڪريو ڪٽ تي ويٺي پاڻ کي پنهنجي ان گڏيءَ جيان پئي محسوس ڪيائين، جيڪا ڪالهہ راول جي گڏي سان پرڻائي هئائين. ماسس ڳوٺ وارين جي ڄڃ ڪري اچي هن جي اڇين ڪير جي ڪلفين جهڙين آڱرين ۾ ڪير منڊي ۽ ويڙهہ پارايو هو. آتي ئي چادر جي اوٽ ڏئي گلابي وڳو پارايو هٿائينس. ڪنبي جي گنديءَ جي گهونگهٽ هيٺان ائين ٿي پئنيائين ڄڻ راول جي ٻانهن جي پناهہ ۾ اچي وئي هجي. هوءَ جيڪا هميشہ پيار ۽ پناهہ گاهہ جي ڳولا ۾ هيسيل هراسيل ڦرندي وتندي هئي، ڪنهن گهاٽي وڻ جي ٿڌي ڇانو هيٺ محفوظ ٿي وئي هجي.

سائي سڳي ۾ ڏانهنس وڌندڙ سئي هن جي ڪچڙي نڪ مان ائين لنگهي وئي، ڄڻ مکڻ مان وار ڪڍيو هجي ڪنهن. ڪيڏو سور ٿيو هئس. ماءُ جي هنج ۾ ڪري ڪي پهر روئندي رهي هئي، پوءِ ان سور ۾ هلڪو هلڪو سرور اڀرلڳو هئس تہ اهو ئي سائو سڳو سندس ۽ راول جي قسمت جي پيرن جو ڏانوڻ هو.

ان ڏينهن کان پوءِ ماسيءَ جي گهر نہ وئي هئي. راول بہ ٽي دفعا آيو پر هوءَ لڪي پيجي ويندي هئي. اجا نڪ بہ تہ ڪو نہ ڇٽو هئس. سڳو پيو چپن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين لڙڪندو هئس، جنهن کي ڏسي هو ضرور کيس چيڙائي ها.

هو هليا ويا هئا، تنهن ڏينهن ماءُ کان چوريءَ اجرڪ ويڙهي سيڙهي هلي وئي هئي، ماسيءَ جي خالي گهر. خالي ڪچي گهر کي ڪو بہ تالو ڪو نہ هو.

اڱڻ ۾ لڳل پير جو ننڍڙو ٻوٽو، جيڪو هنن چٽني گڏجي لڳايو هو، ڏانهس ٽڪ لڳو هو. هوءَ هلندي اچي ٻوٽي جي پر ۾ ويٺي هئي. ائين ٿي لڳس ڄڻ ٻوٽي جي پن پن مان لڙڪ وهندا هجن ۽ سندس لڙڪ اکين جا بند ڀڃي ويا ٿي ٻوٽي جي پاڙ ۾ گم ٿيندا.

همت نہ پئي ٿئيس اندر جهاتي پائڻ جي. گهر بہ گهر وارن سان هوندا آهن. خالي گهر ڄڻ قبرستان. کيس اهڙي وحشت ٿيڻ لڳي هئي جهڙي ڳوٺ پريان قبرستان پرسان لنگهندي ٿيندي هئي.

رنڌڻي جي جاري ۾ رکيل ڪاري ٿي ويل دادليءَ جي رانديڪن واري ڪوڪي تي نظر پوندي ئي لڳو هئس، ڄڻ دادلي پاڻ ويٺي آ. ڪوڪو هيٺ لاٿو هئائين. خالي ڪوڪو.....

"شايد گڏين کي بہ نئون گهر وٺي ڏيندي!"

ڏاڪڻ جي ڪنڌ ۾ مٽيءَ جي ٺهيل ننڍڙي گڏين جي جاءِ جيڪا هن ۽ راول گڏجي ڪڏ تان مٽي آڻي ٺاهي هئي، ڏسي ٽڪري اوڏانهن وڌي هئي. ننڍڙين سنهين مٽيءَ جي ديوارن اندر ڏسندي پهريائين پل خوشي ۽ ٻئي پل نہ سمجهہ ۾ ايندڙ ڏک ٿيو هئس. دادليءَ جي ڪوڪي جي برعڪس هيءُ گهر پريل هو. شهروءَ جهڙ ڏئي ٻئي گڏوگڏي ڪٽي ورتا هئا. ڄڻ ڪنهن ويران ڪنڊر ۾ زندگيءَ جي اوچتي ملي ويل آثارن جي احساس سان. گهر اچي سوچيو هئائين:

"راول منهنجي گڏي ڇو نہ کڻيو ويو، ڇو رهائي ويو کيس بر جهڙي گهر ۾؟ پر گڏو بہ تہ ڇڏي ويو آ نہ؟" پاڻ کي پاڻ ٿي آٿت ڏئي، ائين لڳو هئس ڄڻ راول هن کان پري ويو ئي ناهي. ٻئي گڏوگڏي ڪپڙي ۾ ويڙهي، پنهنجي پيتيءَ ۾ لڪائي رکيا هئائين. جڏهن بہ راول جي سڪ شدت اختيار ڪري ويندي هئس، اچي سندس گڏي کي پيتيءَ مان ڪڍندي ۽ سيني سان لائيندي هئي.

ماٽس دڙڪو ڏنس، حاڪم ڪا شئي ڦري ويس، سندس ڊوڙ، گڏي تائين! ڄڻ ڪٽ هيٺان رکيل پيتيءَ ۾ گڏو نہ پر راول پاڻ هوندو هو، جنهن سان اچي پنهنجي اندر جا اوراڻا اوريندي هئي.

حاڪم جا پرڪار وڏي لاءِ بہ ساڳيا ئي رهيا. پنج بہ ڪو نہ پڙهيو. پيو سڄو ڏينهن رلندو ۽ پراوا لوڙها لتاڙيندو هو. بہ ٽي ڀيرا ماٽس سمجهايو هئس تہ ڳوٺ جون نياڻيون، پنهنجي مائن ڀينرن وانگي هونديون آهن. پر هو ٽڪي پئسي جي ٻڌڻ وارن مان ڪاٿي هو. بہ هٿ، بہ پير، پيءُ تي ويو هو. مٽان جو پٽس پٺي ٺپري حوصلو وڌائيندو هئس تہ:

"اهو مرد ئي ڪهڙو، جنهن جي ڪا ڳالهہ نہ هلي، جنهن مرد پويان ڪا رن نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳي، ان جيّ مردانگيءَ تي ئي شڪ!"
ائين هو پيءُ ڪان به به قدم اڳتي وڌي ويو هو.

شروعاتي ڏينهن ۾ ته ماسس جن سال ٻن ۾ پيرو ڪنديون هيون ڳوٺ. ۾ جيئن پوءِ تيئن عمر سان گڏ فاصلا به انگهجي ويا. ٻار جوان ٿيا. پڙهائيءَ جو بهانو. امير جي ٽجوڙ به غريب جي پيٽ جيان ڪڏهن به نه ڀرجڻ جون نانءُ وٺندڙ. ائين ماسڙ جي ٽجوڙ جو پيٽ به وڌو ٿي انگهيو. ان جو پيٽ پريندي پريندي سندس پيٽن ۾ پرپل محبتون به هوا ٿي ويون هيون.

حاڪم به چار پيرا ويو پر رخ نه ڏسي دل برداشته ٿي هليو آيو هو. دادليءَ ته ڪيس سڄاڻڻ ڪان ئي انڪار ڪري ڇڏيو هو. پلا ڪٿي هوءَ يونيورسٽي ۾ پڙهندڙ الٽرا ماڊرن ڇوڪري ۽ ڪٿي هيءُ جهنگ جو جٽ! جنهن ڪان وڌيڪ ته هنن جي نوڪرن جي پوزيشن هوندي هئي. ماسس جي دل ۾ پيل اصلي دغا، هاڻ نروار ٿي بيني هئي. هاسيڪار ساڻن گهٽ ٿي رهايائين ته بي عقليءَ ۽ تڪڙ ۾ ڪيل فيصلي کي پاڻي نه ڏيڻو پوي.

راول جي دل ۾ اجا به شهروءَ جي معصوميت ۽ سندرتا جو ديرو هو. به چار پيرا آيو به هو. هڪ دفعي ته مختصر خط لکي رڏٽي ۾ چانهن جي دٻي هيٺان رکي ويو هو. شهرو سندس سامهون جو ڪو نه ايندي هئي. هوءَ ته ڪمري جي جاري مان ڪيس ڏسي وٺندي هئي پر هو به دفعا ناڪام ٿي نيٺ خط لکڻ تي مجبور ٿي پيو هو. گهر ۾ بيو ته ڪو پڙهيل هو ڪو نه. حاڪم پڙهي به وساري وينو هو. ان لاءِ ڪيس پڪ هئي ته خط سڌو صحيح هٿن تائين وڃي رسندو ۽ جڏهن شهرو چانهه ٺاهيندي دٻي هيٺان رکيل خط ڏٺو هو ته ڪن پل ۾ جسم ۾ ڪنبٽي وٺي وئي هئس. هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو هئائين ته ڪو ڏسي ته ڪو نه ٿو. پوءِ پاڻ کي آٿت ڏيندي "پلا بئي ڪنهن ته ڪو نه لکيو آ. لکيو به ته ...." اڳتي ڪجهه به سوچڻ ڪان لڄي ٿي هوريان هوريان خط کوليو هئائين
"تون ته پڪي ٿي وئي آهين، گهٽ ۾ گهٽ ٻين جو ئي سوچي، ڪڏهن ويسر ۾ ئي ٻاهر نڪر ۽ اچي منهن ڏيکار"

خط پڙهي دل چاهيو هئس. هينئرا ڏامي وڃي سندس سامهون بيهي، ڪيس ٻڌائي سندس جدائيءَ ۾ گهاريل ورهين جيڏين گهڙين جون وارتائون.

مهينن پڄاڻان جڏهن وري هو آيو هو، تڏهن به شهروءَ جاماڳيا حال. راول سوچيو هو، شايد سندس لکيل ٽڪرو هوءَ ڪٿي نه سگهي آ، تڏهن ته اجا به پئي لڪ لڪوٽي کيڏي ۽ ائين ان دفعي هو ڪجهه به لکڻ بنا هليو ويو هو. سندس ويندي ئي شهروءَ رڏٽي مان به رڏٽا ڪيا هئا. هر شئي اٿلائي اٿلائي ڏٺي هئائين. ويندي چت جي ڇپرن ۽ پٽين وچ ۾ هڪ هڪ وٿيءَ ڪي. پر جڏهن ڪجهه به هٿ نه لڳو هئس تڏهن اندر جي دٿونس مٿائڻ لاءِ سوين دفعا پڙهيل پراڻي خط کي پڙهڻ لڳي هئي. جنهنجون ساڳيون سٽون هر پيري نيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاسنديون هئس. پڙهندي به هئي شرمائيندي به هئي ۽ نڪ ۾ پهريل ڳاڙهي تجلا ڏيندڙ ڪوڪي کي هٿ سان ٺاهيندي، آئيني آڏو بيهي خيالن ئي خيالن ۾ پاٺڪي راول جي ٻانهن جي ڀيڪڙ ۾ پائيندي هئي.

شايد محشر جو ڏينهن به ايڏو ايذائيندڙ نه هجي، جيڏو اهو ڏينهن ٿيو هو، جڏهن پٺس پڳهر ۾ شمر، ست ڏئي پٽڪو لاهي ڪٽ تي رکندي ڪرڙين اکين سان ماٽس کي ڏسندي هيانءَ ڏاريندڙ آواز ۾ چيو هو:

"ڏٺئي پيٽين جي بي حيائي؟!"

"چ.....چ....چو...و ؟"

"ڏئي ڇڏيئين نه ڇوري"

"ڪ.... ڪ... ڪنهن کي؟!" روئيندڙ آواز ۾ ڪٽ جي پيراندي ڪان ويهندي چيو هئائين. پريان ڪٽ تي پئي ڏئي سهيل حاڪم به، پاسو ورائي کي پل ماءُ پيءُ ڏي گهوريندو، پوتڙي کي ڇنڊڪي ڏئي ڪاوڙ مان ٻاهر نڪري ويو هو.

"اڙي مان به اڄ ئي تو پنهنجي پٽ لاءِ سڱ ڳولهيان. منهنجي رينهن جوان پٽ لئه ڪو سڱ ڪٿا؟ پر هاڻ ڏسان ته منهنجي ڌيءُ جو ڪيئن ٿا نالو ڳنهن! تارا ڪڍي ڇڏيندومان!"

"جڏهن پنهنجي انا کي پيرن ۾ لتاڙيو محسوس ڪيو هئائين، تڏهن الائي ڪيئن رک جي ڍير مان چڻنگ جيان اوچتو چمڪي نڪتو هئس پٽ ۽ ڌيءُ جو خيال!

شهروءَ جو وجي ڪٺولو ورتو هو ته اٺ ڏينهن ٻڙهه ٻٽ پئي ٿئي. ڪاڏو نه پيتو، زنده لاش جيان پئي ڇت ۾ گهوريندي هئي. ماٽس الڳ ٿي ڳوڙهن سان آلا ٿي ويل پلو نپوڙيا. پلا چا ٿي ڪري سگهي، پنهنجو رت جو سڙيو هو.

مهيني اندر ئي حاڪم لاءِ ڪنوار ڳولهي ورتي هئائين. جيڪو پنهنجي زال ۽ اولاد کي ٻائي پائيءَ لاءِ عمر پر سڪائيندو رهيو هو، سو جهول پئسن جو ڏئي ڇڻ ڪنوار نه پر متيءَ ۾ ملي ويل غيرت خريدي آيو هو.

لاهي ڇڏ ڇوڪريءَ جي نڪ مان ڪوڪو، اجا اوسيئڙي ۾ ويني آ" رهڙ ڏئي زال کي چيو هئائين. پر هن کي همت نه ٿي هئي ڌيءُ جي نڪ ڏانهن هٿ وڌائڻ جي.

اُن ڏينهن ته بس قيامت اچي وئي هئي. شهروءَ جي من ۾ هڪ لڱان آيو هو ته ڪوهه ۾ ٽپو ڏئي. هن روز روز جي موت کان هڪ دفعي پاڻ ماري ڇڏي. راول ڪنهن کي نياپو ڏنو هو ته بابا جن غلط ڪيو آهي. مان اڄ به ساڳيو ئي آهيان ۽ پنهنجي امانت وٺڻ هڪ ڏينهن ضرور ايندم. نياپي اٿيندڙ حاڪم کي جڏهن نياپو ڏنو هو، تڏهن هو اهڙو ته تپي ٻاهه ٿي ويو هو جو ٻاهر ماٽهن جو به خيال نه ڪندي، انڪار سان گڏ موت ۾ ٺاهوڪين گارين جي ٻري ٻڌي به راول لاءِ ڏني هئائينس. جڏهن گهر ۾ پيءُ سان ڳالهه ڪئي هئائين. ته ان ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڳهين شهروءَ کي ئي گهوگهو ڏئي مارڻ چاهيو جو ان جي ڪري ئي سندن غيرت کي للڪاريو ويو هو.
"اڙي اهو ڪميٽو، ڪميٽي جو پٽ چا ٿو سمجهي ته اسان غريب آهيون، سندن پئسي تي هرڪجهي، پنهنجي عزت ۽ غيرت جو بدلو وساري وري به ڪيس سگ ڏينداسين.... ؟!!" تپي ٿامون ٿي وجي ٻه ٽي چنبا زال ۽ ڌيءُ کي وهايا هئائين.
وقت گذرندو ٿي ويو. شهروءَ جي وارن مان اچا تروار ليئا پائڻ لڳا هئا. پر ڪڏهن به وري راول جي ڪنهن نياپي ليئو نه پاتو. پيءُ جي رويي کان باغي ٿي به ٽي دفعا ته هن سوچيو هو ته جي راول اچي پنهنجو حق جتائي مون کي ٻانهن مان وٺي به ويو ته هوءَ پيءُ پاءُ جي سامهون ساٿس گڏ هلي ويندي. پر راول ڪڏهن به نه آيو. ڪجهه عرصي کان پوءِ اڏامندي اها خبر هنن تائين به پڪي هئي ته راول به ٽي سال ٻاهر ويو جتان اڪيلو نه پر "مکڻ جهڙي، سڄي خاندان جو نڪ"شهروءَ کان وڌيڪ سهڻي زال به وٺي آيو هو.
پٽس کان پوءِ سندس منجهيءَ کي حاڪم مضبوطيءَ سان سنڀالي ورتو هو. حاڪم مريدن ۾ رهندو ڪو نه هو، رڳو ڏن وٺڻ ويندو هو، جو زال سان اٺن ٻارن ڄڻڻ کان پوءِ به قرب گهٽيو ڪو نه هئس. اها ٻي ڳالهه هئي ته موقعي ملڻ تي ٻئي پاسي به حهپ هڻي وٺندو هو.
جڏهن به زال لاءِ ڪو جتي ڪپڙو آڻيندو هو ته ماٽس پٽڪو ڪري وٺندي هئس
"پيڻ لڻ به آڻين ها!" تڏهن ٽهڪ ڏئي چوندو هو
"ادي اچي متي ۾ ڪنهن کي پائي ڏيکاريندي؟"تڏهن هوءَ آئيني آڏو بيهي عمر کان وڌيڪ حالتن جي ڇڏيل سندس وجود جي ڦٽي ويل رنگ کي ڏسڻ لڳندي هئي. ڳلن تي ٺهيل مکڻ جا چاڻا، ڪڏهوڪو رجي تيل ٿي ويا هئس. چپن ڳاڙهن، ڏيلهن بجاءِ سڪل ڊاک جو ڏيک ٿي ڏنو ۽ ڪارن نيوڙ وارن هاڻ محرم ۾ خاڪ وسائيندڙ ماتمين جي مٽن جو ڏيک ٿي ڏنو.
"سچ ته چوي ٿو ادو" دک مان سوچي اکين جي ڪنارن تائين پرجي آيل پاڻيءَ کي جڻ اکين ۾ ڳيت ڏئي پي ڇڏيندي هئي.
هيل جڏهن پاچائس پيڪين وئي ته موت ۾ ساڻ پاءُ کي به وٺيو آئي. هڪ ته ويچارو گونگو هو ۽ ٻيو ڪنن کان ٻوڙو، مٿان وري پير تي جو مينهن لت ڏني هئس ته هلڻ کان به هلاڪ هو. ماءُ ڪڏهوڪو مري وئي هئس. پيڻ پنهنجي گهر، پاچائين جو خيال نه ڪيس ته سڄو پير اندرئي اندر ڳري ويو هئس. هتي رهيو ڪجهه عرصي ۾ پير ته چڱي ويس پر پوءِ واپس وڃڻ جو نانءُ نه ورتائين. پيو مال متاع جي ڪندو هو. مينهون اهڙيون ته پنهنجي هٿ تي هيري ڇڏيون هئائين جو ٻئي هٿ لڳڻ سان چڙي هڻي پري ٿي بيهنديون هيون.
پيٽس به وٺي اچي رهايو ته هئس پر هوءَ سڄو ڏينهن پنهنجي ٻارن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ پوري. ياد بہ ڪو نہ رهندو هئس تہ گونگي ڪو ٽڪر ڳيو پيٽ ۾ وڌو بہ الائي نہ. وري بہ شهروءَ کي ٿي خيال ٿيندو هو. ماني ٽڪي ساري وقت سر ڏيندي هئس. مال جو گند ڪچرو ميڙي تغاريون ڪٽي نہ سگهندو هو تہ اچي هٿ وجهرائيندي هئس. جي تپ تاءُ ٿيندو هئس تہ ماٿس جي ستين ڦڪين جي پنبڻي مان ڪو ٽڪي ڦوٽو آٽي ڏيندي هئس. شهروءَ کي پاسندو هو ڄڻ گونگو هن جو ٿي ٻيو روپ هجي. سڀ ڪجهہ سمجهندي بہ ڪجهہ بہ ڪڇي پڇي نہ سگهندڙ.

هو بہ پيڻ جي بجاءِ شهروءَ کي همدرد سمجهي پنهنجي ڪا پريشاني، اشارن اشارن ۾ ٻڌائيندو هو. پيڻ کي جي ڪجهہ چوندو بہ هو تہ "هن گونگي، چڳي منهنجي حيا تي وهہ ڪٽي آ" بيزاريءَ مان چئي مٿي کي ڌڪ هڻي هلي ويندي هئي.

نيت جي صفائي هر رڪاوٽ هٽائي ڇڏيندي آ. شهرو بہ هن گگدام جي ٻولي ائين سمجهي ورتي هئي، ڄڻ هو اصل کان ساڻن گڏ رهيل هجي. گونگي سان ڳالهائڻ مهل اها خبر نہ پوندي هئي تہ اصل گونگو ڪير آ؟!

هڪ رات اوچتو گونگي کي اهڙي سيءَ تپ ورايو جو پاڻ سان گڏ کٽ بہ پئي ڏڪيس. هو پريان مال واري اڱڻ تي کٽ وجهي سمهندو هو. پر شهرو، جنهن جي اصل جي ويرياٽي ننڊ، اجان تہ پرتي هئي، تنهن پري کان هن جي ڪنجهڻ ۽ وڦلجڻ جو آواز ٻڌو تہ ٻئي پر ٻاهر گهٽين ۾ پونڪندڙ ڪتن جي اونائين ۾ ڪيس سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو تہ آواز ڪيڏانهن پيو اچي. نيٺ اٿي اچي پاٽين جي ڪٽڻ ويجهو بيٺي. هيءُ سڀ الوٽ هئا. ڏاڪڻ ۾ ڪن ڏنو هٽائين تہ مٿي پاٽس جو آواز تہ ڪونهي. پر پوءِ جهاتي پائي جو پرئين اڱڻ تي ڏٺو هٽائين تہ چانڊوڪي رات ۾ گونگي جو ڏڪندڙ وجود ڏسي آهستي آهستي ڏانہ نس وئي هئي. ٻانهن ۾ جو هٿ وڌو هٽائينس تہ ٻاهہ جا ٽانڊا ٿي جسم ٻريس. اندرڳهہ اوندهہ ۾ ڪٽي ٽاڦوڙا هڻي ها. تڪڙ ۾ پنهنجي هنڌ جي رلي پتراٽي ڪٽي اچي مٿس وڌي هٽائين. اڱڻ ۾ پٽ تي لڳل تختي تي ٽنڪيل، ماٿس جي ستين ڦڪين واري پنبڻي مان بام، سنڌ جاچي، ڪٽي اچي نرڙ، لونڊڙين، هٿن، پيرن جي ترين ۽ نبضن کي مهٽيو هٽائينس.

ڪجهہ دير ڪان پوءِ سامت ۾ آيو هو. سندس اکين مان وهندڙ لڙڪ چانڊوڪيءَ ۾ شهروءَ ڏسي ورتا هٽا. ڪٽس يڪدم ڪلي سان ٻڌل مينهن جو نماٽو منهن اکين ۾ تري آيو هو. جنهن جا لڙڪ بہ سدائين پيا وهندا آهن.

"بي زبان مينهون نہ اکينديون هن، نہ ڪجهہ سمجهنديون هن، پوءِ نماٽو منهن ڪري هر وقت روئينديون ڇو رهنديون هن؟!" گونگي ۽ مينهن ۾ ڪيس ڪو بہ فرق نظر نہ آيو هو. ڪيس تہ پنهنجو پاڻ بہ آهر جي پر ۾ ڪلي سان ٻڌل مينهن جيان پاسندو هو. چپ چاپ لڙڪ لاڙيندڙ سڀ ڪجهہ سمجهندي ڪجهہ بہ نہ ڪڇي سگهندڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڃي هنڌ بنا خالي ڪٽ تي سمهي هئي. سمهندي ئي نظر ڪوٺي جي اولي تي پئي هئس. جنهن تي ڪنهن ماڻهوءَ جي منڊي هئي، پر هٽي وئي هئي. ڀهريون دهشت تي هئس پوءِ
”ادو هوندو يا ڀاڄائي، شايد آواز تي اٿيا هوندا!“ سوچي مطمئن ٿي وئي هئي.
صبح تي گونگي جو بخار لهي ويو ۽ هو سڄ جي ڪني ڪيڏڻ ڪان ڀهرين ئي مال ڪاهي جهنگ هليو ويو هو. شهروءَ هنڌ ويڙهي اندر رکيا هئا. ڀاڄائيس ڀهارو ڏيندي گونگي جي ڪٽ هيٺان شهروءَ جي ڪن جو والو ڏسي حيران ٿي، چپ ٿي وئي هئي ۽ والو لڪائي ڇڏيو هئائين. منهن جي پڪائي ڪري اڃي شهروءَ ڪان پڇيو هئائين:
”ادي! هڪ ڪن ۾ والو ڪينهئي؟“
شهروءَ ڪن ۾ هٿ وجهي اڱڻ ۾ هيڏي هوڏي ڏٺو، پر ڪوڙي والي لاءِ کهڙو هٿ پير هٽي ها!
”ڪريو هوندو ڪنهن ڪم ڪار ۾ ڪٿي!“ چئي وري نديڙي پائنتي کي چانهن مان ڀوڙي ڀوڙي ماني ءَ جا گرهه ڪارائڻ ۾ محو ٿي وئي هئي.
ڀاڻس جيئن ئي مٿان لٿو هو، اهڙين ڪرڙين نظرن سان ڀيڻ کي ڏنو هئائين جو جيڪر اڄ چانهن يا لسيءَ سان نه پر ڀيڻ جي رت سان نيرن ڪري ها . شهرو ڀاءُ جون نه سمجهه ۾ ايندڙ هيانءُ ڏاريندڙ نظرون ڏسي، هرويرو به ڏهلجي وئي هئي۽ گرهه ٻار جي وات ۾ وجهڻ بدران نڪ ۾ وجهڻ لڳي.

”هاڻي گهٽو گند ٿيو، ڏي گونگي کي ٽپڙ نه هلي ڳوٺ!“ زال کي چوندو ڪوهه مان پاڻي ڪيڏڻ لڳو هو ۽ هوءَ مڙس کي ڪجهه به چوڻ بنا لڳي هئي ڏسڻ حقارت مان نٽان ڏي.
”اڙي ابا! ڪاڏي ويندو ويچارو گگدام. هاڻي ڀاڄايون ويهڻ ڏيندس! هٿ به ڪو ويهي ڪو نه ٿو ڪائي، گهٽو ئي ڪم ڪنيو ونو آ“ ماڻس قياس ڪندي چيو هو.
”گگدام . . . . جاٽانٽو مان اهڙن گگدامن جون پليتايون“ ڪجهه به ڪانڻ پيئڻ ڪان سواءِ آڪرو ٿي ٻاهر هليو ويو هو.
”هن کي وري الائي ڇا ٿيو آ؟!“ ماءُ جي سوال تي شهرو بنا ڏوهه جي به پاڻ کي ڏوهي سمجهي چپ ٿي وئي هئي.
”رات ڪتن جي ڀونڪڻ تي اٿيو هو. الائي ڇا ڏٺو اٿائين جو مون سان به سنئين منهن ڪو نه ڳالهايائين“ ڀاڄائس جي لهجي ۾ ساڳي ٽوڪ ۽ حقارت.
صبح ساڻ گونگو جيئن مال ڪاهي ويو هو ته اڃي سڄ لٿو هو، پر نه اوري هو نه اڳي. ڀيڻس ٻارن کي ڀويان پڇايو هو ته ڏسنس ته مال سوڏو ڪاڏي گم ٿي ويو. ٻار پڇندا واپس آيا ته مال جهنگ ۾ اڪيلو بيٺو هو، سو بابو ڪاهيو پيو اچي، پر مامي جو ڪو پتو ڪونهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هليو ته نه ويو چريو...؟ پر وڃي ها ته ڪپڙا لٽا ته ڪنيو وڃي ها، ڪو "سندس" ڇهڙون ته ڪو نه ٻڌيو هئائين، پوءِ ويو ڪاڏي؟" ياڃائس پاڻ ئي سوال ڪندي وري پاڻ ئي تي پاڻ کي جواب ڏنو.

"لڌو — ؟" مڙس کي درمان ايندو ڏسي پري کان پڇيو هئائين.

"نه، تنهنجو نوَلکو هار ڪو نه لڌو." شڪل بڇڙي ڪري، آهرن جي پر ۾ بيٺل مال کي ٻڌڻ لڳو هو.

ٻه ڏينهن گذري ويا، گونگي جو ڪو پتو ئي نه پيو هو. شهروءَ کي الائي ڪهڙا وسوسا پئي پيدا ٿيا من ۾.

ٽيئن ڏينهن ڳوٺ ۾ هل ٿي ويو هو ته قبرستان جي پرسان سان ٻُٺي ڪوهه ۾ ڪو لاش پيو آ. ڪيڏڻ کان پوءِ سيني جي وات تي آهو ئي جملو هو ته:

"گگدام ويچارو! عرصو رهيو پر ڳوٺ جي گسَن کي سڃاڻي نه سگهيو، ترڪيو هوندس پير وڃي پيو هوندو کوهه ۾."

"گونگي جي موت کان پوءِ ياڃائس جي شڪي ۽ حقارت آميز نظرن کان الائي ڇو شهرو بڇڻ چاهيندي هئي. ڪڏهن چوندي هئي هوءَ ڪانئس انهن بدليل نظرن جو سبب پڇي، يا مڙس کان ٻڌل ڪوڙي قصي جو کليءَ طرح مون تي الزام هڻي ته مان ڪيس ٻڌايان ته "انسانيت" خلوص ۽ همدرديءَ جو جواب دنيا ڪيئن ٿي ڏئي (هڻ نه ٿي ڄاتو ته ياڃائس ته ڇڙو والو ڏسي پنهنجي شڪ ۾ مبتلا ٿي آ) پر نه ڪڏهن هن ڪانئس پڇيو هو ۽ نه هن وٽ پنهنجي بي گناهيءَ جو ڪو ثبوت هو.

هوءَ ياءُ جي اکين ۾ به ڄاڻي واڻي نه نهاريندي هئي. جنهنجي ڳاڙهين جيرا اکين ۾ ڪيس ڇتو پتو گونگي جو لاش نظر ايندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خالي ڳنڍ خوابن جي

سوڙهين گهٽين جي وچ ۾ ٿهيل نالين ۾ وهندڙ گندگيءَ جي ساهه منجهائيندڙ ڌپ، ڪنهن گهرجي چيلهه تائين ٿهيل موريءَ مان شپاڪي سان وهندڙ پاڻيءَ جي ريلي کان پاڻي بچائيندو فائيل ڪڇ ۾ ڪيو، جڏهن گهٽيءَ جي وڪڙ تي پهتو هو ته پيلي رنگ جي پٽ مٿان ٺهيل ڳڙکين مان نڪرندڙ دونهين سان ڳڏ ٻوڙ جي داڳ جي سرهاڻ هن جي پيٽ ۾ ٻريل بک جي باهه تي ڄڻ گاسليٽ جا ڇنڊا ٿي هنيا. صبح به نيرن بنان ئي نڪري آيو هو. هينئر ته اصل آندا ٿي نڪتس.

تڪڙو تڪڙو وکون وڌائيندو گهر جي در وٽ پهچي وڏو ساهه کنيو هٿائين. ”گهر چاهي ٻن ڇپرين جو ئي هجي، پر ڪيڏي نه محفوظ پناهه گاهه پاسندو آ. گهرجي رستي ڏانهن هلندي، اڪيون چاهي اپ ۾ هجن پر پير ڪيئن نه ڏگ ماپي آرام سان اچي پنهنجي گهر جي در تي پهچائيندا آهن!“ سوچيندو در جي ڳوڻ مٿي ڪري اندر گهڙيو هو. معمول موجب وراندي ۾ سامهون ئي کٽ تي ماٽس جو زنده مڙهه پيو هو. جنهنجي سڪل ڪاٺين جهڙين ٽنگن کي پٺي مريم مهٽيو ۽ مروڙيو. اڳڻ ۾ پهچي هن رڌڻي ۾ نهاريو. رڌڻي ۾ ٺريل يا شايد نه ٻريل چلهه کي ڏسي بک کان پنواڻي اچي وئي هئس. سڌو اندر هليو ويو.

هوءَ پٽ ۾ منهن وجهيو در ڏانهن پٺي ڏيو اهڙيءَ ريت سُتي پئي هئي جو سندس ڪجهه به چوڻ بنان هن سندس ناراضگيءَ کي محسوس ڪري ورتو هو. هر صبح جيان،اڄ صبح به ساڳي ئي بک ۽ بدحاليءَ تي ڳوڙها ڳاڙيندي ڪتان جو ڪٽي وجي پهتا هئا.

”تند ٽٽي؟“ فائيل پر ۾ پيل ٻي کٽ تي اڇليندي.

....

جواب :، ملڻ تي ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو هو.

”ڇا ٿيو؟“ ڪنجهندي ڪنجهندي ماٽس اٿڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي پڇيو هئس.

”ٿيندو وري ڇا؟ اڄ به ڪو نه مليو. سڄ ايرڻ سان ئي وڃي سڪو آهيان. پهرين ڇپائوڻ بنگلي تي آ“ ، مان آن اوسيٽڙي ۾ ويٺو رهيم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هينئر پڌايائون تہ ”رئيس تہ ڪڏهوڪو ڪراچيءَ هليو ويو“

”ها اليڪشن جي ڏينهن ۾ رئيسن جي بنگلن جي دروازن سان گڏ دلين جا دروازا بہ ڪليل هوندا آهن عوام لاءِ ۽ اليڪشن کان پوءِ پاڻ تہ چور دروازن مان نڪري هليا ويندا آهن ۽ عوام مين گيٽ تي ساڳيون تعريفي مدحون ڳائي پيو سندن چمچن کي وندرائيندو آ. اياڻا ماڻهو هر دفعي دوکو کائين پر وري بہ سندن دولاب ۾ وڏي آرام سان اچي ويندا آهن!“ جوتس ڪمري جي در تي بيهي پري کان ايئن چوندي رهي هئي ڄڻ پاڻ سان ڳالهائيندي هجي. تڏهن ڪيس جوتس جا لفظ ڄڻ دماغ تي هٿوڙي جيان وسندا محسوس ٿيا هئا. هيل پاڻ بہ تہ پنهنجي عادت جي بنهہ برخلاف سياسي جلسن ۾ حصو ورتو هئائين. عوام جي وڏي ميڙ وچ ۾ هاسيڪار اهڙي هنڊ بيهي نڙيءَ ڦاڙ رئيس جي شان ۾ نعرا هنيا هئائين، جتان ڪيس پڪ هئي تہ رئيس نہ تہ بہ سندس چمچا تہ ڪيس پڪ ئي پڪ ڏسندا هوندا. ائين ڪيس پڪ ٿي وئي هئي تہ هيل جي رئيس اسيمبليءَ ۾ پهتو تہ منهنجو آفيس ۾ پهچڻ بہ اٽل آ. پر اليڪشن بہ گذري وئي. بلڪ ٻي اليڪشن جون تياريون بہ شروع ٿي ويون هيون، رئيس بہ اسيمبليءَ ۾ پهچي پراڻو ٿي ويو ۽ هو اجا تائين......

”توڪي تہ ننڊ هئي؟!“ ذهن کي جهٽڪو ڏئي خيال مٽائي زال ڏانهن پٺي ورائي ڏنو هئائين.

هوءَ بنان ورندي ڏيڻ جي اڳڻ ۾ نڪري وڃي در تان ٻاهر نڪري ويل پٽ کي سڏڻ لڳي هئي.

”اينتري ٻار کي اڪيلو ٻاهر ڇڏيو آ!!؟“

”نہ نوڪرن جي قطار ٿي رکي ڏيانس“

زال جي ننول نڙيءَ ۾ پيل جوئر جي مانيءَ جي گرهہ کي ڄڻ تہ پٿر جيان سخت ڪري ڇڏيو هو. جنهن مٿان سڄو ڏڌ جو گلاس پي ماني اڌ ۾ ڇڏي اٿي ٻاهر نڪري ويو.

”اڳتي ڏسين ٿي تہ ڪيڏو پريشان آ، مٿان تنهنجو ڪروڌ......!“

هوءَ ڪجهہ بہ چوڻ بنان چوڪرو ڪڇي اندر هلي وئي هئي.

”پاڇائيءَ جو ڏوهہ ڪونهي امان، اها ڀڪ آهي جيڪا اسان سڀني جي پيٽن مان واڪا ڪري ٿي ٻاهر نڪري“ مريم ڪٽ تي مشين رکندي ماڻس کي چيو.

مريم جي سلائيءَ سان گهر جو چرخو ٿي هليو. پورهيو ڪري ڀاءُ کي پڙهائيندي اچو مٿو ڪيو هئائين.

اکين تي ٻانهن ڏيو جاڳيو پئي پيا ستو پيو هو. اوجتو وارن ۾ آڱرين جو ڇهاءُ محسوس ڪندي ڇرڪي اکين تان ٻانهن لاهي ڏٺو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٽائين. نسيم پر ۾ پيل ڪٽ تي ويٺي ڏانهس تڪي به رهي هئي ۽ وارن ۾ آڱرين جي چرپر به جاري هئي.
”ڇو.....؟“ اڄ زال جو سرهو منهن ڏسي، ائين حيران ٿي ويو هو ڄڻ ڪا بنهه اڻ ٿيڻي، ٿي رهي هجي.
”ڇا ٿو ڏسين؟“
”اوچتي منٺيل مند“ لهجي ۾ عرصي ڪان پوءِ شوخي ۽ اندر ئي اندر پنهنجي لهجي تي حيرانگي پڻ.
”ڏس اقبال! آخر هيئن ڪيئن هلندو رهندو؟ مان تنهنجي مجبوري به سمجهان ٿي. توکي پريشان ٿيندي به نه ٿي ڏسي سگهان. پنهنجون ننڍيون وڏيون گهرجون، ٻارن جو مستقبل، تون مون کي ڇو نه ٿو موڪل ڏين ته مان به هٿ پير هڻان، متان ڪٿان......“
”نه نسيم مون کي پنهنجي حصي جا ڏڪا ڪاٽڻ ڏي، ڪجهه نه ٿيو ته پوءِ پلي تون......“
”وري به ساڳيو ئي ضد، پلاڄي به ڪمائڻ وارا هوندا ته وڌيڪ سک ڪو نه ملندو“
”ٻليءَ جي خواب ۾ ڇيڇڙا“ دک مان منهن پٽ ڏانهن ڪري اکيون وجهي پٽ تي ٽنگيل ڪئلينڊر ۾ کُتيون هئس، جنهن ۾ ڏنل تصوير ۾ وڻ تي ويٺل هڪ ڪانءُ جي وات ۾ مانيءَ جو ٽُڪر هو ۽ سنڌس پر ۾ هيٺ مٽي ٽارين تي ويٺل ڏانهس تڪيندڙ انيڪ ڪانون جون کليل چهنبون.....
”خالي وات ئي وڄندا، ڪوڪيندا آهن، جنهن وات ۾ ٽڪر پئي؛ اهو ٽڪر ڪري پوڻ جي ڀَو ڪان ڳالهائڻ ئي ڇڏي ڏيندو آ. زبان هوندي به گونگو ٿي ويندو آ“
جيئن ساٿس گڏجي امتحان ڏنل شاگردن، بيروزگارن جي قطار ۾ ويهڻ بدران سفارش ۽ ڏوڪڙن جي جهول جي عيوض نوڪري وٺي پنهنجا وات بندي ڇڏيا هئا ۽ هو انهن بکايل ڪانون جيان اجان پئي ڪوڪيو. ڪيڏو ڊوڙيو ڊڪيو هو، دوستن کي اپلاڻ ڪيا هئائين ته گڏجي احتجاج ڪريون. سفارش ۽ ڏوڪڙ جي جهول جي عيوض ملندڙ نوڪرين جي خلاف، هو خالي هٿن ۽ خالي کيسي تي اهو ئي ڪري پيو سگهي صرف. پر ڪنهن به سنڌس ساٿ نه ڏنو هو. ڪن سفارش ۽ ڏوڪڙن تي ورتل ”ٽُڪر“ سان پنهنجو وات بنديو هو ۽ جن وٽ اهي به ذريعا نه هئا، سي به اڃا پئي رستن تي ڊگريون کنيو رلُيا.
”ڪاٿي پهچي وئين. پوءِ سياڻي مان وڃان رئيسن ڏي؟“
”نه – نه ڪا ضرورت ڪونهي، اڃا مان مئو ڪونهيان“ مچرجي پيو هو ڄڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"پلي پوءِ پيا مرو بک" دل ۾ آيو هئس مُک هٽي پيٽ اندر پيل جيءُ کي اتي ئي ختم ڪري ڇڏي هن جهنم ۾ اچي سڙڻ ٻرڻ کان.

صبح کان ئي ٿڌي ٿڌي هوا پئي گهلي. نومبر جو پڇاڙڪو هفتو هو. نسيم وهنجي سهنجي وهاڻيءَ شاديءَ لاءِ رکيل هلڪو گلابي وڳو ڪڍي پاتو هو.

مريم عينڪ جي شيشن مان اکيون مٿي ڪري حيرت مان ڏانهس ڏسي مرڪي پئي هئي.

"پلا ڀيو ڇا ڪري، غريب جي عياشي، پنهجي پڳل تتل پيتيءَ ۾ پيل هڪ اڌ نئين وڳي تائين"

سانجهي اچي لڙي هئي. پر هُن جو اچان ڪو اتو پتو ڪو نه هو. نسيم در تائين وڃي وري وري واپس ٿي آئي.

چنڊ ته پوري وچ اڱڻ تي بيٺو ته اقبال به ڪوڙ هٽائي اندر گهڙيو. سامهون ئي ورانڊي جي در ۾ بيٺل نسيم کي مرڪندي ڏسي، سڄي ڏينهن جو ٿڪ لهي ويو هئس.

"ايڏي دير.....؟!" هوءَ جيڪا ڪجهه دير پهرين وياڪل وياڪل پئي هيڏانهن هوڏانهن ڦري. ويجهو ايندي مرڪندي، ماٺي سان چيو هئائينس

"ته ڇٽبو هاڻ وري انتظار ڪرڻ لڳي آن؟" پيار مان ڏانهس ڏسندي اڳتي وڌي ويو هو.

"ماني......؟"

"مٿي ڪٽي هل،مان امان وٽان ٿي اچان ٿو"

"مٿي ڇو؟".

"ڇو مٿي وڃڻ تي پابندي آ؟" ٽوڪ مان مرڪندي.

"ڇڱو سائين"

ٻئي ٻانهون ڪنڌ هيٺان ڏئي مٿي اڱڻ وچ ۾ پيل کٽ تي سڌو ليٽيو چنڊ کي تڪي رهيو هو. ڏاڪڻ ۾ نسيم جي پيرن جي آواز تي چنڊ مان اکيون ڪڍي اوڏانهن ڏسڻ لڳو هو.

"واهه سائين واهه، واهه جو وڳو پاتو ٿئي. اڄ پلا عيد ته ڪونهي نه؟" سارُهه ڪندي مٿي کي جهٽڪو ڏئي ياد ڪندي ٿو ڇوي.

"ڪونهي نه ياد.....؟ اڄ ته مون لئه عيد کان به وڏو ڏينهن آهي" نسيم سندس پير ۾ ويهي سندس سيني تي مٿو رکي نهايت پيار ۽ پاٻوهه مان چيو هو.

"اڙي مون کان ته وسري ويو يار ته اڄ....." چرڪ ڀري اٿي اداڪاري ڪندي

"ظاهر آهي، عورت جيسين محبوبا هوندي آ، تيسين مرد جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميموري ڪمپيوٽر ڪي مات ڏئـي ويندي ا. محبوبا جو هر انگل، هر فرمائش. هر هڪ لفظ ياد هوندو اٿس. پر جڏهن اها ئي محبوبا زال ٿي وڃي اينڊي آ تہ مرد جو سڄو حافظو هوا ٿي ويندو آ. پيو تہ ٺهيو پر ڏانهس ڏسڻ بہ ڪو نہ پڇندو اٿس".

نسيم کي سنجيده ٿيندي ڏسي ٺهڪ ڏنو هئائين!

"يار، پلا اڄوڪو ڏينهن مون ڪان وسري، ٿو سگهي!!؟" هن پهراڻ جي پاسي واري کيسي ۾ هٿ وجهي اڌ ٽڙيل مکڙي ڪڍي هن آڏو وڌائي هئي.

"سڄو ڏينهن رليو هئر تہ ڪو ڪم ملي تہ بہ ٽي پئسا ڪمائي تو لاءِ ڪو تحفو آڻيان، پر....."

"ڇڏ انهي فضول خرچيءَ کي...." چوندي ڪيڏو پنهنجو جملو نسيم کي پاڻ تي چٽو لڳو هو. اندر ۾ جڻ فضول خرچي - فضول خرچي جا پڙلاءَ وجڻ لڳا هئس.

"جتي خرچ لاءِ بہ ڏوڪڙ نہ هجن، اتي فضول خرچ....!!" سوچيندي گل هٿ ۾ ورتو هئائينس پر اڄ الائي ڇو کيس گل جي لمس ۾ ڪا ڪشش محسوس ڪو نہ ٿي. هونءَ مکڙيءَ ۾ هٿ وجهندي ئي محسوس ٿيندو هئس، مکڙي نہ پر جڻ اقبال جي دل آ، جيڪا سندس هلڪي ڇهاءَ سان ڌڪ - ڌڪ - ڌڪ ڪري ڌڙڪڻ ٿي لڳي. پر اڄ مکڙي ڌڙڪي نہ ٿي، پر ڳالهايائين ٿي:

"ڇا گلن سان پيٽ ڀربو آ؟ مان تنهنجي روپ کي ڪهڙا ڏينهن سجائي رکندم؟ هڪ ڏينهن بہ نہ. ڇا مان ان ڪٽي جو بدل ٿي ٿي سگهان؟ ڇا مان تنهنجي ٻارن جو آئيندو بڻجي ٿي سگهان؟! مان.... مان...... مان......."

هن يڪدم گل ڪٽي ڪٽ جي ٻانهينءَ تي رکيو هو، جڻ گلاب جي مکڙي نہ پر ڪنڊن جو جهڳٽو هٿن ۾ اچي ويو هجيس.

"ڏس اقبال اڄوڪي ڏينهن ئي اسان جي سندر سپنن جي شروعات ٿي هئي. اڄوڪي ڏينهن ئي اسان پنهنجي نئين زندگيءَ جو آغاز ڪيو هو ۽ اڄ ساڳيو ئي ٢٧- نومبر آ. اڄ جي واسطي مون کي موڪل ڏي تہ مان نوڪريءَ لاءِ هٿ پير هڻان. هيءُ اهو دور تہ رهيو ڪونهي جو نوڪريءَ کي عيب سمجهيو وڃي. هر گهر ۾ نوڪري ڪندڙ عورتون آهن. پوءِ ڇا انهن جو ماحول خراب ٿي ويو آ، ڏس نہ......

اڄ اقبال کي چڙ نہ لڳي هئي پر ايڏو پيار آيو هئس نسيم تي جو دل ۾ آيو هئس تہ کيس ٻانهن ۾ ڀري ڪنهن اهڙي ڪنڊ ۾ ڪٽي هليو وڃي، جتي دک ۽ پيڙا جو ڪو پاڇو بہ نہ ڇهي ڪيس. سوچڻ لڳو هو "ڪيڏو فرق آ ڪالهوڪي ۽ اڄوڪي نسيم ۾. ڪيڏي لاپرواهہ هوندي هئي. پيار بہ بي فڪريءَ سان ڪيو هئائين. ڪنهن بہ رنڊڪ رڪاوٽ جي پرواهہ نہ ڪندي سندس ساٿ ڏنو هئائين. پيار ۾ ڪيل ڊعويٰ ڏوري تي هٿ رکي پوري ڪئي هئائين. مائٽن جي مخالفت ڪري سڀ سک سهائي، منهنجي سڄ محل جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاراڻي ٻڌجي آئي هئي ۽ مان ڪجهه به نه ڪري سگهيو آهيان سندس لاءِ! ڇا ڏنو آ مان سندس کي. پوءِ به هُوءَ منهنجن دکن کي ورهائي کڻڻ تي چاهي.....!!!"

نسيم کي گهٽي پيچ ۾ ڪرٽي کو نه پئي هئي. هو چار پيرا ماسس کي سفارش ٻڌائي (جنهن جو رئيس وٽ چڱو اثر رسوخ هو) رئيس وٽ وئي هئي ۽ جلد ئي ماستريءَ جو آرڊر اچي گهر و يني پڳو.

ان ڏينهن نسيم جيڏي خوش هئي، اقبال اوڏوئي وسامي ويو هو، سندس آرڊر ڏسي. ائين تي لڳس ڄڻ هو اهڙو معذور هجي، جنهن جي ٻانهن کي ڪلهن کان اوچتو ڌڪ هڻي ڪنهن ڪٽي ڦٽو ڪيو هجي. ڪجهه به نه ڪري سگهڻ جي تراسائيءَ ۾ يا نوڪريءَ جي معاملي ۾ مرد جي عورت کان ڪاڏل شڪست جي ڏک ۾ سڄو ڏينهن ٻاهر گذاريو هئائين.

محبت ۾ ته نسيم کان ڪڏهوڪو شڪست کائي وينو هو، پر اها هار ڪيس جيت کان به مهان ڀاسي هئي ۽ اجوڪي هار.... جنهن کي هو ڪو نانءُ نه ٿي ڏئي سگهيو، جنهن اوچتو نسيم لاءِ سندس دل ۾ نفرت جي ننڍڙي چڻنگ ٻاري ڇڏي هئي.

جنهن ڏينهن کان نسيم اسڪول وڃڻ شروع ڪيو هو، اقبال ان ڏينهن کان ٻاهر نڪرڻ ئي ڇڏ ته ڇڏي ڏنو هو. جي نڪرندو هو ته ائين ڀاسندو هئس، ڄڻ هر ماڻهو ڪيس طنز مان ڏسي چوندو هجي:

"گيدي.... بي غيرت.... زال جي ڪمائيءَ تي هري ويو آ. پڙهايس پيڻ ته هاڻي سڄي عمر زال ڪارائينديس...

اجايا پڙاڏا پيا ڪنن ۾ پوندا هئس. پوءِ گهر ۾ گهڙندي ئي رستي ۾ ايندڙ هر شئي کي لت هڻي پرتي اڇلي مٿس پنهنجي چڙ ڪيندو هو.

هڪ ڏينهن ته خار مان پنهنجي پرنيڪيولرز وارو فائيل ئي وجي ٻاهر ۾ وڌو هئائين. مريم ڊوڙندي اچي فائيل ته کڻيو هو، پر پنهنجا هٿ ساڙي وڌا هئائين.

"اهي رڳو سڪتا ڪاڳر هن پيڻ، سڙڻ ڏي انهن کي" سڏڪندي پٽ تي ويهي رهيو هو.

"ها سڪتا ڪاڳرا آهن.... (ڏک ۽ طنز مان) جن کي تون رڳو خالي ڪاڳر ٿو سمجهين، انهن جي قيمت منهنجو هيءُ دک دک تي پرندڙ وجود آ. منهنجو اڄو تي ويل متو ۽ اکين جي وڃايل جوت آ.... ها انهن جي ڪا حيثيت ڪانهي. ڪا قيمت ڪانهي، ڦاڙي ساڙي ڇڏين.... ساڙي ڇڏين" سڏڪندي پاڻ به ساڻس گڏ ويهي رهي هئي. اهو ڪجهه جيڪو هن ڪڏهن به پنهنجي وات تي نه آندو هو، الائي ڪيئن اڄ سڀ ڪجهه چئي وئي هئي.

نسيم ساڻ به هاڻ ڳالهه ڳالهه تي وڙهي پوندو هو. جي هوءَ ٿورو آواز وڌو ڪندي هئي ته "پنهنجي ڪمائيءَ جو رعب ٿي وجهين؟" چئي ڪيس چپ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرائي ڇڏيندو هو ته ڪڏهن ذهن کي زوريءَ جاڳائي ڪندي سوچيندو هو:

"مان هيءَ سڀ ڇا پيو ڪيان، ڇو پيو ڪيان" هوءَ جيڪو به ڪجهه ڪري ٿي، مون لاءِ، منهنجي گهر لاءِ، ٻارن لاءِ ٿي ته ڪري ٿي.... شايد مان ڪانئس سڙان ٿو... پر نه ائين به ناهي،الائي ڇا هي منهنجي اندر ۾، مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي. جي مان ڪيس ڪجهه ڏئي نه ٿو سگهان ته اهو ته نه ڪسيانس. جيڪو اسان ٻنهين جو ڪل سرمايو آ"

ان ڏينهن ڪيڏي پاپوهه مان ڏانهنس ڏسندو هو، سڄي رات ماضيءَ جي ڳڙڪين مان جهاتيون پائيندڙ يادن جي سوجهري ۾ پيار وندينڌي گهاريندا هئا. پر اها ڪيفيت به رڳو ٻه چار ڏينهن. پوءِ وري ساڳي پيڙا، واندڪائيءَ جو نه ڪٽندڙ سلسلو. اخبارن ۾ اشتهار ڏسي، انٽرويو ڏئي ڏئي ايڏو ته ڇتو ٿي پيو هو جو هڪ دفعي ته ڪميشن جي امتحان ۾ پڇيل سوال جي جواب ۾ وڙهي ٻاهر نڪتو هو.هنن پڇيو هئس:

"دنيا ۾ گهڻا شيطان آهن؟"

"ٽي، هڪ اهو جيڪو ڌرتيءَ تي اسان جي ذڪن ۽ ڏاہن ڪائڻ جو تماشو ڏسي تاڙيون پيو وڄائي، ٻيو تون ۽ ٽيون اهو جيڪو منهنجي اندر ۾ آهيءَ هر هر مون کي مجبور پيو ڪري ته تو سميت تنهنجي هنن ڪوڙنءَ دغاباز ساٿارين سميت هن دوکي ۽ فريب جي دڪان کي باهه ڏئي رک ڪري هليو وڃان"

بورڊ جي ميمبرن ۾ هڪ ملو به هو سو ته صفا ميڇرجي پيو هو ۽ ڌڪا ڏئي ڪيس ٻاهر ڪڍيو هئائون.

نسيم کي ڊليوري ليو تي گهر ۾ سڄو ڏينهن ڏسي اقبال جي دل چوندي هئي، بس اڻين ئي گهر ۾ ويٺي رهي. هن وري فائيل ڪڻي نڪرڻ شروع ڪيو هو. سڄو ڏينهن رلي رلي جڏهن ناڪام ۽ نراس ٿي موٽندو هو، تڏهن نسيم هنج ۾ ننڍڙو ڪڪو ڪنيو پٽي سندس راهه تڪيندي هئي ۽ هو سندس ٿي پر ۾ اچي ٿڪ ڪان ساٿو ٿي ڪري پوندو هو. پر هن ٿڪ ۾ الائي ڪهڙو اطمينان اندر ئي اندر محسوس ڪرڻ لڳندو هو. نسيم جو ڪمزوريءَ ڪان سڪي ويل بنا رت جي هيڊو منهن، ڪارين وڏين وڏين اکين هيٺان پٽجي ويل ناسي ڳهاءِ، خشڪ چپن تي پوءِ به مرڪ....! جنهن ۾ ممتا جو تقدس به هو ته اَمٽ پيار جون ريکائون به. اقبال جهري پوندو هو، سندس اهو روپ ڏسي:

"مان تو لاءِ ڪجهه نه ٿو ڪري سگهان؟!!!"

نسيم جي موڪل ختم ٿي وئي هئي. جنهن ڏينهن کان هن اسڪول وڃڻ شروع ڪيو هو، ان ڏينهن کان اقبال تي وري ساڳي ڪيفيت حاوي ٿي وئي هئي.

هاڻ نسيم جي وڃڻ پڄاڻان گهر ۾ هن ٻارن جو پيٽو احتجاج. مريم جي سلائي ته ٺپ بند ٿي وئي هئي. سڄو ڏينهن ماءُ ۽ ٻارن جي هالا ساريءَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وهامي ويندو هئس. هو به پيڻ جي حالت ڏسي، نسيم جي غير موجودگيءَ ۾ ٻارن کي سنڀالڻ لڳو هو، ڪيڏو تنگ ٿيندو هو. جڏهن ڇوڪرو روئڻ سبب بس نه ڪندو هو، تڏهن اڃي ويندي هئس ياد نسيم جي ڇيل "بهبود آباديءَ" واري ڳالهه. جنهن کي ٻڌڻ ئي جهليو هئائين، پنهنجي ڪوڙي ڊاڪٽري هلائيندي ته:

"انهن ڳالهين کي نه آڻ من ۾، اجايو وري پيٽيءَ گهپيهه ۾ پئجي ويندا سين، خبر ٿئي مصنوعي طريقي سان وقفي ڪرڻ سان صحت خراب ٿي ويندي آ، پوءِ پيٽا خرچ پيٽو ڏچوا"

پر هاڻي نسيم جي ڳالهه سؤ سيڪڙو صحيح لڳندي هئس ته وقفو ضرور آ. "الائي ڪيئن ٿيون مايون ڏهه ڏهه ٻار سنڀالين!!!"

ان ڏينهن ته ڇوڪري اهڙي ٻاري ڏنس جو پڪو پهه ڪيائين ته اڃي ته ڇوانس تو "ڇڏ هاڻ نوڪري گهٽو ٿيو. مان تغاري ڪٽيندم پر هن ڏوجهري کي پاڻ منهن ڏي!"

معاشرو ڪنهن به ماڻهوءَ جون مجبوريون دور ته ناهي ڪندو، ورندو سندس منفي رويي ماڻهوءَ جي پيرن ۾ مجبورين جا سنگهر وجهي ڇڏيا آهن. ڀلا هو اعليٰ تعليم يافته - سدائين امتحان ۾ پوزيشن کڻندڙ، ڪيئن تغاري کڻي، معاشري جي منهن تي ڪارنهن ملي ها!

"خبر ٿئي اڄ ڪهڙو ڏينهن آ؟" نسيم ڪٽ تي گوڏن ڀر ويهي هن جي ٻنهين هٿن کي پنهنجي هٿن ۾ مضبوطيءَ سان پڪڙيندي پڇيو هو. هو ان وقت ٻاهران نومبر جي ٿڌين هوائن ۾ به پگهرجي شُر تي اچي وينو هو.

"منهنجو ڏينهن ۽ تاريخن مان موه نڪري ويو آ" ٿڪاوٽ ۽ بيزاريءَ ۾ مليل جليل لهجو.

"ڀلا ڪئلينڊر ۾ ڏسي ٻڌاءِ رعايت ڏيندي.

لاشعوري طور ڪجهي ويل نظر ڪئلينڊر تي لڪيل ٢٧- تاريخ تي ۽ يڪدم هيٺ جهڪي ويل. وڏو ساهه کڻي، نسيم جي هٿن مان هٿ ڇڏائي ليٽي تو پوي ۽ هوءَ پر ۾ ويهي رئي سان سندس نرڙ تان پگهر تي اگهڻ لڳي.

"ايڏو پيار ڏئي ڇو مون کي بگاڙ يو اٿئي جو اڄ مان ڪنهن ڪم جو به نه رهيو آهيان!" اڇل سان اٿي ٻاهر غسلخاني ۾ هليو ويو هو ۽ پنهنجي پگهريل منهن تي به ٽي ٻڪ پاڻيءَ جا وجهي جڻ ته اندر ۽ ٻاهرجي باهه کي ڪن پل لاءِ ناريو هئائين.

"هيءَ ڏس، مان تولاءِ وڳو وٺي سبرائي به ڇڏيو اٿم اڄوڪي ڏينهن پائڻ لاءِ. مان به ساڳي رنگ جو ورتو آ. ٻئي گڏ پائيندا سين" نسيم خاڪي پيڪيٽ وڏائي اقبال جي پر ۾ رکيو.

"ڪهڙي ضرورت هئي هن جي، پراڻن ڪپڙن ۾ نه ٿو وڻانءِ ڇا؟"

"ڳالهه مان ڳالهوڙو ڪرڻ ته تنهنجي عادت ٿي وئي آ، بس منهنجي دل چيو"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻي سان چوندي وڏيڪ ويجهي ٿي ويهندي چيو هئائينس.
"اسان ماڻهن جون رڳو دليون ڏڙڪنديون رهن، اهو ئي غنيمت آ" طنزيہ مرڪ!
"پائيندي نہ؟"
"......." ڪجهہ بہ ڪو نہ ڪچيو هئائين. پر ٿوري دير ڪان پوءِ اٿي وڃي وڳو پائي آيو هو. وڳي بانڻ سان لڳو هئس، ڇڻ هو سڄي جو سڄو اگهاڙو هجي ۽ ڪنهن سندس اگهاڙپ تي ترس ڪائي نہ پر پنهنجي شرم ڪان سندس جسم جي اوگهڙ تي ڪو اوڇڻ اڇلي ڪيس ڍڪيو هجي. هڪ لڱان دل ۾ آيو هئس غسلخاني ۾ موٽي وڃي لاهي، ساڳيا ميرا ڪپڙا پائي اچي. پر سندس سوچ ڪان اڳ ئي نسيم اچي ڪنڌ ۾ ٻانهون وڌيون هئس!
"ڪيڏو سندر پيو لڳين!"
لڳو هئس، نسيم ڪيس نہ پر وڳي کي چيو هجي.
نسيم نئون وڳو پايو هر هر پٺي اڳڻ ۾ ڦري، اقبال اجا ڪو نہ موٽيو هو. پيرن جي آواز تي وارن کي هٿن سان ٺاهيندي، اڳتي وڌي هئي. نراس منهن ۾ هيٺين وڄن سان هو هلندو سڌو اندر هليو ويو هو. نسيم جون نظرون لاشعوري طرح سندس خالي هٿن ڏي کڄي ويون هيون چو تہ هن وڳي ۾ پاسي وارو کيسو نہ هو ۽ سامهون وارو کيسو حسبِ معمولي خالي هو.
هو اچي کٽ تي ساڻو ٿي ويٺو هو.
"ايڏي دير!؟" زوريءَ لهجي ۾ آندل شوخي
"..........."
انيڪ پل گذري ويا هئا، هن لفظ بہ نہ ڳالهايو. نسيم پاڻ ئي وڌي اچي پير ۾ ويٺي هئس:
"منهنجي امانت؟" هٿ جي تري سندس آڏو وڌائيندي هُجت ۽ محبت مان چيو هئائينس.
"اڄ شهر جي ڪنهن بہ باغ ۾ ڪا بہ مکڙي، ڪو بہ گل ڪو نہ ٽـڙيو هو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نذرانو

پلنگ جي پيرانديءَ کان هيٺ ڏرتيءَ تي ويٺي بند مُٺ ۾ جهليل پاؤليءَ جي ڇهاءَ کي رکي – رکي محسوس ڪندي عجيب خوشي ۽ اطمينان تي محسوس ڪري.

”آئي شاني! ڪاڏي غرق ٿي وئينءَ – ڏيهان منهنجي ٽنگن مان پيون ٽاٽون اپرن، اچي ٻہ مهٽا تہ ڏينمر“

”شانيءَ کي جملي جي ڪهرائپ کان وڌيڪ هٿ ۾ جهليل پاؤلي ڪهري لڳڻ لڳي هئي. جنهن کي لڪائڻ جا هنڌ ڪتي ويا هئا. ڪن پل ۾ هن پنهنجي اکين ۽ ذهن کي ڪمري جي محدود حد اندر گهمايو پر ڪيس ٽڪڙ ۾ سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ ڪٿي رکي. اها پاؤلي جنهن لاءِ هن پنهنجي ٽڪڙي من ۾ الائي ڪيڏين خواهشن کي ميڙي ڪٺي ڪيو هو. سا ڪيس جرڪندڙ ٽانڊي جيان پاسڻ لڳي هئي سوچيو هئائين:

”رٻڙ جي گڏي وٺنديس. پر اها تہ پنجين روپئي ملندي آهي ۽ مون وٽ... نہ نہ اج مؤلڙءَ کان مائي واري ڪلفي وٺي کائيندمر“

ڪيڏي ريس ٿيندي هنس ٻارن کي مائي واري ڪلفي کائيندي ۽ ڪرنڊڙ ڪير جي ٽيپن کي ٻئي هٿ تان سرڪا ڏئي چٽيندي. ٻارن جي چپن تي لڳل ڪلفيءَ جي ڪير کي ڏسي پنهنجي خشڪ چپن تي ننڍ زبان ڦيري چپ چاپ اڳتي هلي ويندي هئي.

”پر ڪلفي تہ هڪڙي ڪن ۾ ئي کاڄي ويندي. نہ تہ پيڙن جو جهول وٺي پانڍي ۾ لڪائي رکندمر. جنهن ويل بک لڳندي ٻہ ٽي – ٻہ ٽي ڪٽا ڪري کائيندمر. ڪن پاندارو وٺان...؟ ها ائين ڪندمر ٿڪر جو پاندارو وٺي پانڍيءَ ۾ ڳوڻ جي پنيان لڪائي رکندمر ۽ پوءِ اهڙيون پيون ٻہ پاؤليون ميڙي پنجين روپئي واري رٻڙ جي گڏي وٺندمر...“

گڏيءَ جو سوچي اکين ۾ جرڪڻ لڳا هنس مخمل ۽ بروڪيڊ جا اهي ننڍڙا ننڍڙا ٽڪرا جيڪي هن اڳواٽ ئي پنهنجي گڏيءَ لاءِ جيجي بختان جي سلائيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري ڪٽ هيئنان ڪسڪائي ورتا هئا، جيجي بختان کي اهي جرڪندڙ قيمتي ڪپڙا سبندي ڏسي هڪ لڳان پنهنجي جسم ۾ ڪا اڻ لکي سٽ محسوس ٿي هئس پر پوءِ ننڍڙا ٽڪرا ميڙي جڻ پنهنجي من جي خواهشن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ گڏيءَ جي بدن کي پهرڻ جو سوچي ٽڙي پئي هئي.... ۽ يڪدم ملول ٿي.

روز اڳڙيون ڏسي گڏي ونڻ جو چاهه من ۾ وڏي ويندو هئس. پر گڏي ونڻ لاءِ ته ڪوڙ ساريون پاؤليون گهرجن "الائي گهٽين پاؤلين مان پنج روپيا ٿهندا...؟"

اچوڪي پاؤلي سائين وڏي جي لٽل ميري پهراڻ مان اوچتو چٽڪي ڪٽ جي پائي پويان وڃي لڪي هئي جا هن اک ۾ ڪري چڏي هئي ۽ سندن سامهون هيڏانهن هوڏانهن هتوراڙيون هٽندي، "نه ٿي لڀي" چئي اٿي هئي ۽ پوءِ ان جي ٻاهر ويندي ئي موقعو وٺي، ڪسڪائي ڪٽي آئي هئي، سوچيندي سوچيندي اچا ورانڊي جي در تائين پهتي ئي مس هئي جو جيجي ڪنوار جي سڏ تي ڇرڪي بيهي رهي هئي ۽ چپ چاپ هلندي اچي پلنگ جي پيرانديءَ کان ويهي رهي هئي.

"چوري، واڇ ڇو ڳوڙو ٿي وئي اٿئي، پهرن کان پئي چوان ته زور ڏي ته ماٺ ڪيو پئي ٻڌين. مان ڇا رڳو مهاندي ڏسڻ لاءِ سڏيو ٿي مانءِ؟"

ڇرڪي پئي هئي ۽ هڪ هٿن سان جيجي ڪنوار جي ذري ڳهٽ سڄي پلنگ تي ڦهليل، اونڌي جسم جي مڻ – مڻ وزني ٽنگن کي مهٽڻ لڳي هئي.

"ٻيو هٿ ڪپي ڇڏيو اٿئي ڇا نياڳي! چَٺُ چَٺُ ڪرائي منهنجي ننڊ ئي ڦٽائي ڇڏيئي! ٻنهين هٿن سان ڏي"

رڙ ٻڌندي ئي هن هٿ جي گرميءَ ۾ گهميل پاؤلي ڪٽي وات ۾ وڌي هئي ۽ پنهنجو پگهريل ٻيو هٿ به جيجيءَ جي جبل جيڏي جسم جي لاهين چاڙهين تي گهمائڻ شروع ڪري ڏنو هو.

حويليءَ تي آئي کيس ٻيو سال هو پر ايڏن ڏينهن ۾ ڪنهن سندس ٻڙڪ به نه ٻُڌي هئي. يا ته هوندي هئي ڪم ۾ پوري، يا پنهنجو پاڻ، من ئي من ۾ الائي پئي ڪهڙا پور پچائيندي هئي، ايتري تائين جو جڏهن ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ماٺس ساٽس ملڻ ايندي هئي. هوءِ ميلن جا پنڌ اُڪاري جڏهن اچي کيس پاڪر ۾ ڀريندي هئي ته هن جون ڌرتيءَ ڏانهن رخ ڪيل ٻانهون موٽ ۾ کيس پاڪر پائڻ لاءِ ورنديون ئي ڪين هيون. الائي ڇو کيس ماءُ جي پيار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻرمڪاري ۽ فريب کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نظر ڪين ايندو هو. شروع شروع ۾ هن ڏنو هو ته ماڻس ٻين کان اک بچائي رئي جي پلئه سان لڙڪ به اُگهندي هئي. جهجندي رهندي هئي پنهنجي مُنهن! ماءُ کي ائين جهجندو، رئندو ڏسي پاڻ تيئن مضبوط ۽ ڪٺور ٿي ويندي هئي. اهڙي ٻي رخائي ڏيکاريندي هئي. جهڙي ڪيس حويليءَ حوالي ڪرڻ وقت ماڻس ڏيکاري هئي. ٻاءُ جمڻ تي جڏهن ٻاهر پٽس ونڻ آيو هئس ۽ سڏائي سڏائي ٿڪو هئس ساڻ وني هلڻ لئه پر هن اهڙي ته ڏِهي هئين هئي جو سيني کي حيرت وني وئي هئي. سيني چيو هئس ته ”وڃ ٻاءُ ڏسي پوءِ واپس موٽي اچجانءِ“ اهو ٻاءُ جنهن جي اچڻ لئه/جمڻ لئه هن جهوليون جهلي دعائون گهريون هيون. هيءَ ٻينرن ۾ ٽيون نمبر هئي. ماڻس پٽس کي ڪيڏي سڪ هئي پٽ جي ! روز درگاهه ۽ حويليءَ تي اچي دعائون پنندا هئا. هيءَ به پنهنجي پتڪڙن هٿن سان درگاهه جي چائنٺ ڇهي، دعائون گهرندي هئي ۽ جڏهن پنجين سال پڳي هئي ته ماڻس جا پير هڪ دفعو وري ڳرا ٿيا هئا. مائي جڻ ته چري ٿي پئي هئي. سڄو ڏينهن هڪ جيجيءَ جا پير چڏي ٻيءَ جا پڪڙيندي هئي ته ”دعا ڪيوم ته پٽ ڄمي“

”ائي مائي ابوجهه آن ڪا، تڪڙ پٽ جي ٿي دعا گهرين! هيل ته دعا گهر ته ڏيءُ ڄمي پوءِ ڇٺن ڪانپوءِ الله پٽ ڏيندئي!“

”نه جيجان اها دعا نه ڪيو، وائي وات مان سوائي ڪديو! هيل رب جي در دعاگو ٿيو ته مون کي پٽ ڏئي. حياتيءَ تي ڪهڙو ڀروسو. هنن ڏيئن جي ڏڻ جو ڏنار وني ڏيوم“

”مائي ڪتي! صفا ڪا چري آهين، خبر ڪين اٿئي ته تڪڙ بچندا ڪينهن!“

”جيجي ساڻ ڪنديمانس“

”ٻ جي پوءِ به....!“ جڻ الله جو قانون ئي پاڻ سنڀالي ورتو هجين.

”نه جيجان....“ مائي ڪتيءَ جا چرڪي، هٿ جيجيءَ جي ٽنگن ڀرتهائين مضبوط ٿي وبا هئا.

”پوءِ هيئن ڪرنين!“

”حڪم سائنڻ“

”هڪ ڏيءُ درگاهه تي ٻيتا ڏئي ڇڏ. پوءِ تو وٽ بچنديون به، پوءِ ائين سمجهجان ته الله توکي ٻن تان پٽ ڏنو آهي. منهنجي دل چوي ٿي، پٽ ڄمندئي به، صدورو به ٿيندئي ۽ وڏي ڄمار به ماڻيندئي!“

”آمين... پر سائنڻ...“ پٽ جو نانءُ ٻُڌي، خوش به ٿي هئي پر ڏيءُ جي ٻيتا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس سوچ ۾ وجهي ڇڏيو هو.

”پر چا... اسان وٽ هوندي ته توڪان وڌيڪ سکيو تڪر ڪائينديءِ. هيءُ هيڏين ٻانهين سان جو حويلي پري پئي آ. اهي به ته ڪنهن جون ڇايون آهن نه! هونءَ به گٽي تنهنجي آ، نذرانو ته اسان به لهڻو نه. ٻيو ته پٽن لئه ته هونءَ به ڏيئر قربان ڪبيون آهن. وڏي تي بدلي ۾ ڏئي پُٽ کو نه پرٽائيندينءَ، هيئن به ڏيٽي، هونئن به ڏيٽي! پر جي پٽ ئي نه هوندو ته....“

”نه جيجان..... ائين نه چئه. هڪ پٽ تان ته مان هڪ ڇا ٽئي ڏيئر قربان ڪري ڇڏيان. مون پاران ته هيءُ آئي توهان ڪي، باقي وري به ٻاهران پٽس ڪان پڇي پڪ ڪيان!“

ماٽس جي ٻاهر ويندي ئي هوءَ نماٽا نيڻ در ۾ وجهي سندس واٽ تڪڻ لڳي هئي ته پٽس ته ڪيس ڇڏيندو ئي ڪين. هو ماٽس کي دٻ ڏئي ڪيس وٺڻ لاءِ موڪليندو پر سچ به لهي وجي سانجهيءَ جي هنج ۾ ستو هو ۽ هوءَ اڃا تائين اها هنج ڳوليندي رهي هئي. جنهن ڪانسواءِ ڪيس ننڊ ئي نه ايندي هئي.

هڪڙو ڏينهن، ٻيو، ٽيون، چوٿون... ڪنڊن ۾ لڪندي لڪندي نيٺ پاڻ به اڃي پاڻ جهڙين ٻين ٻانهين جي قطار ۾ بيٺي هئي ۽ ڪجهه عرصي ڪانپوءِ جڏهن پٽس، پاءُ جمڻ جي خوشخبري ٻڌائي ڪيس پاڻ سان ڪجهه ڏينهن لاءِ وٺي وڃڻ لاءِ آيو ته ”پاءُ“ لفظ ڄڻ هن جي جسم تي ٺهڪندڙ تيل هاري ڇڏيو

هو. اهو پاءُ جنهن لاءِ هن جي ننڍڙي وجود کي ”داءَ“ تي لڳايو ويو هو. پيار، محبت، شفقت، رشته، ناتا، انگل ۽ ماٽا ڪانئس ڪسيا ويا هئا. هوءَ جيڪا پيءُ جي هنج تان لهندي ئي کو نه هئي تنهن کي ائين اوچتو ئي اوچتو ڪنيڙ ڪان وٺي ڪيئن ڪهرن، ڳرن پيرن هيٺان چيپاٽجڻ لاءِ اڇلايو ويو هو. ڪڏهن ڪڏهن جڏهن تانگهه وڏي ويندي هئس ته سڀ ڪجهه وساري چوندي هئي، جيڪر پَرَ ڪري اڏري وڃي پيئرن ڏي، پيءُ ڏي، ماءُ ڏي ۽ جڏهن مَن کي مانو ڪرڻ لاءِ ڳوڙها اندران نڪري ٻاهر سندس مک جي اداسي به ڌوئي ويندا هئا ته پوءِ سڀ ناراضگيون ياد اچي ويندبون هئس. پيءُ ماءُ جو سوچي ڪا اڻ لکي نفرت اکين ۾ پرجي ويندي هئس.

ماٽس کي جڏهن به مهيڻن پڄاڻان ايندي ڏسندي هئي تڏهن پهرين ست ۾ دل چوندي هئس وڃي پابوهه مان پاڪر وجهيس پر ننڍڙي عمر ۾ ئي پاڻ تي ضبط ڪرڻ سکي وئي هئي ۽ پاڪر جي سوچ کي دٻائي ڪنهن نه ڪنهن ڪم جو بهانو ڪري، گهر ٽي ويندي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ ٻئي ڪم جي قابل تہ هئي ڪو نہ بس سڄو ڏينهن هڪ جيجيءَ جي ڪڏهن نہ لهندڙ تنگن مان ٽڪ لاهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي ڪندي وري ٻيءَ جي سڏ تي اوڏانهن ڀڄندي هئي، نہ هوندو هئس ڪاڏي جو هوش نہ پيتي جو. نہ ئي ڪو سار ڪري ڪانئس پڇندو هو تہ "ڪي ان ڪٽا پيٽ ۾ وڌا بہ اٿئي يا ائين هانءَ خاليءَ سان پريل جسمن جا پٽي ازلي ٽڪ لاهين؟"

۽ جڏهن ڪو بچو سچو ٽڪر نظر اچي ويندو هئس تہ ڪنڊ پاسو ڏئي وجي ڪائي ايندي هئي. هيچ تہ مري وينئي هئس، مڙئي جسم جي مشينريءَ کي متحرڪ رکڻ لاءِ هانءُ سٽيو ڪري ايندي هئي.

پئسا تہ ڪنا ڪري ڪين سگهي هئي، ڪڏهن ڪٿان آنو، بہ آنا ملندا هئس يا اڙيا تڙيا ليندا هئس تہ من ۾ لڪل خواهشن کي الائي ڪيئن خبر پئجي ويندي هئي ۽ پوءِ لڏو لاهي اچي سامهون قطار ڪري بيهنديون هئس. ڪلفيءَ جي خواهش، دٻين ۾ بند مـلائيءَ جي خواهش، ٽافين، ڪـتـمـنـن جي خواهش تہ ڪڏهن ڪانيءَ تي لڳل سُرخي ۽ بنا والين جي خالي ڪنن ۾ پائڻ لاءِ نندڙين رولڊ گولڊ والين جي خواهش، پر انهن سڀني جي ليڊر خواهش گڏيءَ جي خواهش. سورتيءَ ۾لڳل رٻڙ جي گڏي ڏسي وات ۾ پاڻي ۽ اکين ۾ چمڪ اچي ويندي هئس. ۽ جڏهن "ٻين آني" "پُکن" جي ڍير مان پُکو ڪٽندي هئي ۽ اکيون پوري بسم الله پڙهندي پڙهندي جڏهن کوليندي هئي ۽ خالي پنو ڏسندي هئي تہ هڪدم سڀني خواهشن جو موت اچي ويندو هو، پوءِ وٽس رهجي ويندو هو چڙو پڇتاءُ تہ اهي بہ آنا بہ جيڪر پـانداري ۾ وجهـان هان....!

گڏي وٺي تہ نہ سگهي هئي پر هڪ ڏينهن ڪنهن ڪم سانگي گهٽيءَ مان لنگهندي گهٽي جي چيڙي تي سائي لوهي دِر جي پاسي، گند جي ڍير تي ڪيس نندڙي انساني منديءَ نما ڪا شئي نظر آئي هئي. هيڏانهن هوڏانهن ڏسي يڪدم ڪٽي جو هٿ ۾ ڪنئي هئائين تہ سندس خوشيءَ جي حد ئي نہ هئي. واڇون ازخود ٽڙي ويون هئس. ٻنان ٽنگن ۽ ٻانهن جي رٻڙ جي گڏي هن جي سپڻ جي ساپيا ٻڄي آئي هئي. مٽس لڳل مٽي ڇنڊي، ڪيس نلڪي تان وهنجاري، جڏهن ڏٺو هئائينس تہ گڏيءَ جي نڪري آيل سونهن ڏسي پاڻ بہ حيران ٿي وئي هئي. پر جڏهن سندس پگل ٽنگن ٻانهن تي نظر پئي هئس تہ دک جي هڪ ٽات اپري آئي هئس من ۾. ائين ٿي لڳس جڻ اها رٻڙ جي گڏي نہ پر هوءَ پاڻ هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻ هڪڙي عجيب خوشي ۽ انتظار جي ڪيفيت هوندي هئس من ۾. راتين جون راتيون. "زورن" تي جهوٽا کائيندي بہ ٽڪبي ڪين هئي ۽ جنهن مهل بہ اک بچائي ٽرڪي وجي پاتدي ۾ ويهندي هئي تہ پوءِ گڏي هوندي هئي ۽ پاڻ. ربڙ جي بي جان گڏيءَ ۾ هن سڀ رشتا ڳولهي لڌا هئا. هوءَ سندس ماءُ بہ هئي تہ پيءُ بہ. ساهيڙي بہ هئي تہ همراز بہ. جڏهن بہ ڪا ڇڙٻ ملندي هئس جڏهن بہ ڪا محرومي من مان منهن ڪڍي بيهندي هئس تہ وجي گُڏيءَ سان سور سليندي هئي. ڪيس من جون وارتائون ٻُڌائي پاڻ شانت ٿي ويندي هئي. جڻ بنا هٿن جي گڏيءَ سندس مٿي تي شفقت ڀريو هٿ ڦيري ڪا ڀرپور تسلي ڏني هجيس.

ان ڏينهن، جڏهن "سائين ملهار" جي ڪتي لاءِ مصريءَ جي بسري پچائي ڏانهنس لاندي ۾ ڪٽي وئي هئي تڏهن ڪيس لڳو هوڪتي ڪان وڌيڪ هيبت ناڪ اکيون سائين ملهار جون هجن. جيڪي سندس سيڪپڙي جسم، جيڪو بنا ربح جي ڪنهن جهنگلي ٻوٽي جيان اسري ويو هو، جو طواف ڪرڻ لڳيون هيون. هن ڪي همت نہ ٿي هئي تہ وجي بُسري واري ٿالهي ڪيس هٿ ۾ ڏئي ها. الائي ڇو ڪيس لڳي پيو، سائين ملهار جي غير متحرڪ هٿن ۾ ڪا ڏڪٽي هئي. اهڙي ڏڪٽي جا ڪيس ڏانهنس ڇڪڻ لاءِ آتي هجي. ڪيس لڳو سائين ملهار جون اکيون، هٿ، سڄو وجود ڳالهائي رهيو هو. ڪجهہ چئي رهيو هو. هوءَ ٿالهي اتي هيٺ ڌرتيءَ تي رکي، پويان پير ڪري وجي پاندي ۾ لڪي هئي. جيڪا سندس واحد جاءِ پناهہ هئي. خوف ۽ دهشت کان سڄو جسم ڪنبڻ لڳو هئس. هوءَ ڏکي بہ رهي هئي ۽ ٻاهران ڏانهنس وڌندڙ قدمن جي آواز ڏي ڪنائي بہ رهي هئي ۽ درگاهہ جي ڏٿيءَ کي ٻاڏائي بہ رهي هئي. اهو درگاهہ جو ڏٿي، جنهن هڪ دفعو تہ سندس دعا کي سراب ۾ بدلائي ڇڏيو هو، پر اڄ شايد مٿس مهربان ٿيو هو، پيرن جا آواز ويجها ايندي ايندي ڪجهہ اڳتي وڌي بيهي رهيا هئا.

"ڪاڏي وئي ڪميٽي.....؟

"ڪير سائين! صدقو وڃانءِ ڪير...؟" سامهون ڏوتل ڪپڙن جي بالٽي ڪنيو سيني جي سينيئر ٻانهين "حوا" سائين ملهار کي باهہ ٿيندي، تڪڙو ايندي ڏسي خوشامدي لهجي ۾ پڇيو

"ڪاڏي ويندي....؟" هو ڪيس جواب ڏيڻ بنا پنهنجي منهن چوندو هڪ دفعو هيڏي هوڏي ڇڙ ۽ حقارت مان نهاريندو اندر هليو ويو هو. ان ڏينهن ڪانپوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”شاني“ کي پنهنجي وجود مان وحشت ٿيڻ لڳي هئي. ڪيس پنهنجو ئي جسم اوپرو لڳڻ لڳو هو. جنهن تي هر پونڊڙ ميري نظر، ڪيس ڪپڙن جي انيڪ تهن هوندي به اگهاڙو ڪري ڇڏيندي هئي. موٽ ۾ پنهنجو پاڻ کي نندڻ لڳندي هئي ته ”شايد مون ۾ ئي اهڙي ڪا غلاظت پيدا ٿي پئي آ، جو هر پونڊڙ نظر ميري ٿيو ٿي وڃي! ڪو به ته ڪو نه هو جنهن کان پنهنجي جسماني تبديلين جو ڪارڻ پڇي ها! هاڻ ته چڙ مان گُڏيءَ کي به ڪري فرش تي اڇليندي هئي، جا ڪيس ڪنهن به مسئلي جو حل ڏسڻ کان جو قاصر هوندي هئي. هيسيل هيسيل ته هوءَ به هوندي هئي پر هاڻ ڪو اڻ لکو خوف ڪيس هر وقت ورايون وينو هوندو هو. ڏينهن رات سالن جي پراڻي ڪاري ٿي ويل لوئي پاڻ کي ويڙهيو وتندي هئي.

”چوري! هيڏي هاڙهه جي ڪاڙهي ۾ به تون اها چوڙو ٿي ويل لوئي نه ٿي لاهين!“ ڪا ٽوڪنيدي هئس ته هوءَ لوئي کي وڌيڪ ويڙهي سيڙهي ڪري سوگهو ڪندي هئي. ڄڻ ڪو زوريءَ ڇڪي لاهيس ها. پر هن جي لاشعور ۾ وينل ڊپ اجايو به ڪو نه هو. بُسريءَ جي ڳالهه تان سائين ملهار ته ساڻس ڪُتي وير وڌو هو. جيڪو به وقت هو گهر ۾ هوندو هو، هن جو هلڻ گهمڻ ئي محال ٿي ويندو هو. هاسيڪار ڪو ڪم ڪدي ٻين سان وڃي گڏبي هئي. اڪيلي ۾ پائيندي هئي ڄڻ ڪو ڪيس ”باز“ جيان سَٽَ ڏئي ڪنيي ڪٽي ويندو.

ان ڏينهن جيئن ئي پاٽيءَ جي بالٽيءَ ۾ پوچي وجهي نپوڙيائين ٿي، سندس ٻئي هٿ ته ڪپڙي ۾ سوگها هئا. اوچتو هڪ ئي سٽ ۾ ڇڪجي لٽل پنهنجي لوئيءَ کي جهلي نه سگهي هئي. ڪپڙي مان هٿ ڪڍي ٻئي ٻانهون ڪري اُمالڪ ٻُڇي ڏانهن ورايون هئائين. ائين ٿي لڳس نه فقط لوئي پر سندس جسم تان ست ڏئي ڪنهن ڪپڙا به ڇڪي ورتا هجن. هوءَ هيسيل هرڻيءَ جيان فرش تي ڪريل هئي ۽ سندس ميري لوئي جا پاڪ حويلي ته ڇا هر شئي کان پوتر پاسندي هئي ۽ سندس پناهه هئي سا وڃي سائين ملهار جي هٿن ۾ سوگهي ٿي هئي ۽ هو پاڻ ڏانهنس شيطاني ۽ فاتحانا گهور سان نهاري رهيو هو. ڪن ۾ ئي وڏي جيجيءَ کي اندر ايندي ڏسي، حوصلو وڌي ويو هئس ۽ جهٽ ڏئي ٻاهر در ڏانهن ڀڳي هئي پر ٻنان لوئيءَ جي پڌر ۾ وڃي تماشي ٻنجڻ کان اتي ئي ورانڊي جي ٿُلهه جي سهاري بيهي رهي هئي هن جا حواس ته هوءَ ئي خطا ٿي ويا هئا پر جڏهن جيجيءَ جا لفظ ڪَنَ تي پيس جيڪا بجاءِ دڙڪن جي ڪيس پيار مان سمجهائي رهي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪجهه تہ صبر ڪيو. الائي توهان مردن کي خدا ڪهڙي ڪوسي مٽيءَ مان خلقيو آهي، چوري رڳو ڏسڻ ۾ وڏي وڻ ٿي وئي آ، بہ چار مهينا صبر ڪر پوءِ ڪنهن خليفي جي نڪاح پڙهي ڪري تنهنجو بلو ڪري وٺندم، هيئن تہ پوندو گلا جو گهاگهہ ٻچيءَ ۾ تہ نينگرو اچا آني مان ڦٽو ٿي ناهي ۽ ڪم ڏسوس!“

ڪيس ڌرتي ۽ آسمان ڪنهن چوڏيل جيان هيٺ مٿي ٿيندا گول گول ڦرندا نظر آيا هئا. هوءَ جيجيءَ جي لفظن جو مفهوم نہ سمجهندي بہ اهو ضرور سمجهي وئي هئي تہ جيجيءَ سندس حق ۾ لفظ بہ نہ ڳالهايو هو. ائين ٿي پاسيس جڻ سندس ٿنگن ۾ سَتُ نہ هجي يا پيرن هيٺان ڌرتي ٿي پنهنجو ست وڃائي هيٺ هيٺ هيٺ پاتال ۾ پيهندي ٿي وئي.

جيجيءَ اچلي پري ڪان ٿي لوئي سند ں منهن تي هنئين هئي. منهن تان لوئي هٽايائين تہ سامهون هو ڏند ڪڍندو ڏندو، ٻاهر هليو ويو هو ۽ شانيءَ جي لڙڪن جي بند ۾ جڻ تہ گهارو پئجي و هو.

ان ڏينهن صبح کان ئي ڪڪرن آسمان تي اچي ديرو ڄمايو هو. سڄ بہ رکي - رکي ڌرتيءَ جو مک پسڻ لاءِ گهُٽون هٽي جهاتيون پاتيون پئي پر ڪڪرن بہ اهڙي پاڻ ۾ ٻڌي ڪئي هئي جو هڪڙن پنهنجي جاءِ ڇڏي ئي ڪين ٿي جو مٿان ٻيا لُڙ ڪندا پڄندا ٿي آيا.

”ادي پورب پريو پيو اچي، جاڻ اُٿو!“

”ائي مينهن تہ نہ وسي، هٽي چڱدا ڪري ڇڏيندو، گهُٽ ۽ ماڪڙ الڳ! بس ائين ٿي ڪڪر ڇانو ڪيون بيٺا رهن. هن گهٽ ۽ ڪاڙهي ۾ بدن تي ٻي ڪل ٺهندي پئي وڃي، آرائين جي“

”تڏهن تہ چوان ٿي تہ ڪجهہ وسي تہ نارو ٿئي!“

”ها وسندو تہ توهان ٻنهين ڪان مُوڪل وٺڻ ايندو! ڪي گجي گجي بہ ٽري ويندا آهن ۽ ڪي ريءَ گجيا ئي وسي پوندا آهن. اجايو پيون پنهنجي پنهنجي بوليو“

ڪنهن ڪهڙي ڳالهہ ٿي ڪئي، ڪنهن ڪهڙي، ٻانهين جي هينئين ڪچي اڱڻ تي ٻن پهرن جي ويل، جنهن کي ڪڪرن سانجهيءَ ٽاٽو ٻٽائي ڇڏيو هو. اچي سيئي ٻانهيون ڪنيون ٿيون هيون. واندڪائيءَ جي ويل، جيجيون سڀ آرامي هيون ۽ هنن اچي پاڻ ۾ منڊلي مچائي هئي پر هن پريان نمر جي هيٺان اڪيلي ويٺي ويٺي الائي ڪهڙا پئي من ئي من ۾ پور پچايا. هفتو ڪن اڳ پيٽس جي شادي هئي ۽ ماٽس ايلاز ڪري نيٺ راضي ڪري ساڻ وٺي وئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئس پهريون تہ جيجين بہ ڪم جو بهانو ڪري روڪيس پر ماڻس جي پڪ ڏيارڻ تي تہ "بن ڏينهن پڄاڻان پڄائي ويندس" تہ لاچار ڇڏيو هُيَنس

جڏهن ڪان پنهنجي وطن ڪان جلاوطن ڪئي وئي هئي، پنهنجي ان گهر، ان ڌرتيءَ ڪان جتي هن زندگيءَ جو پهريون ساهہ کنيو هو. هن سندر دنيا جي پهرين جهلڪ پسي هئي. جنهن کي زماني هن لاءِ ڪوجهو بنائي ڇڏيو هو ۽ جنهن اڱڻ تي هن پنهنجا پشم جهڙا پدمڙا پير پهريون دفعو رکيا هئا. ان گهر کان ٻي گهر ڪيو ويو هو، هيءُ سندس ٽيون دفعو اوڏانهن وڃڻ هو.

اڳ جڏهن وئي هئي تہ ننڍي بہ هئي ۽ رنل رنل بہ. هڪ رات رهي پاڻ ئي واپس وڃڻ لاءِ چيو هئائين، هن جي حصي جي پيار تي بہ ننڍڙي پاڻس "مريد" ديرو ڄمائي ورتو هو. هوءَ اتي هئي تہ ڇا نہ هئي تہ ڇا؟ ڪنهن کي ڪا پرواهہ ئي ڪو نہ هئي هر ڪنهن جو نور نظر تہ هاڻ مريد هو ۽ ائين هن کي اهو گهر، اهي ئي ماڻهو جن سان سندس رت جو سُبنڌ هئڻ جو شڪ من ۾ گهر ڪري ويو هئس. سڀ اوپرا اوپرا لڳا هئس ائين لڳو هئس ڄڻ ڌرتيءَ سان گڏ در و ديوار بہ ڪيس اچليندا هجن پر هيل الائي ڇو دل چاهيو هئس جيڪر ڪڏهن بہ واپس حويليءَ تي موٽي نہ وڃي. پيرن کي پنهنجي گهر ۾ هلندي گهمندي هر شئي تي هجت رکندي ڏسي هن جون محروميون زوريءَ اندران ٻاهر جهاتيون پائڻ لڳيون هيون ۽ جڏهن پيٽس جي ڄڃ گهر ۾ داخل ٿي هئي. وڏي پيٽس تہ پنهنجي ٻارن جي روڄ راڙي ۽ ڪارائڻ پيارڻ ۾ پوري هئي تڏهن ساليءَ جي حيثيت ۾ گهوٽيتن سان سڀ رسمون ڪيس ئي ڪرڻيون پيون هيون. پاڻ کي تہ ڄاڻ ڪو نہ هئس پر ڀيڻ جي ڇٽي پنيان ڪندي، چرچا ڀوڳ ڪندي ۽ سهندي عجيب خوشي ۽ اطمينان ٿي محسوس ٿيس. سندس اندر مان اٿندڙ اُڌمن کي ڀيو ڪو بہ محسوس نہ ٿي ڪري سگهيو. هوءَ رڳو ان بي يقينيءَ مان پاڻ کي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندي رهي هئي تہ "ڇا منهنجو بہ ڪنهن سان ڪو سڳ آهي - ڪو رت جو رشتو آهي!!؟؟"

جڏهن لائن جي رسم تي مرد اندر آيا هئا، تڏهن پيٽس جي ننڍي ڏير، جنهن لاءِ ڪنهن ٻڌايو هئس تہ سوٽ اٿئي، جي نيڻن ۾ هن جا لاٽ ٻرندي ڏٺي هئي ڪڏهن بہ ڪنهن مرد جي اک ۾ نہ ڏٺي هئائين. ڪيڏي نہ ٿڌي ۽ مٺ مٺي ويندڙ روشني هئي، انهن نيڻن جي. جن ۾ ڪا اڻ لکي وارتا هئي جا هن ڪڏهن تہ ٻُڌي هجي. پنهنجائپ وارو اهڙو نياپو جيڪو هوءَ بنان ڪنهن جي سمجهائڻ جي سمجهي وئي هئي. اڄ تائين جيڪا پاڻ کي بہ نہ سمجهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهي هئي. زندگيءَ جي اونڌين سڌين ريتن رواجن کي نہ سمجهي سگهي هئي. ڪنهن بہ سگ جي نہ خبر هئس نہ پرک، پر هن هڪ ڪن ۾ اهو ڪهڙو رشتو هو، ڪهڙو سُبنڌ هو، جنهن اکين رستي، دلين کي ڪنهن اڻ رسيءَ سان ڳنڍي ڇڏيو هو. ڪن پل ۾ ئي ڪيس محسوس ٿيو هو تہ انهن پري ڪان ڏيندڙ نيڻن سان هن جو ڪوئي ازلي ، اڻ رشتو آهي جيڪو ڪنهن ناءَ جو محتاج ناهي هوندو.

هر گهُور جي پنهنجي ٻولي هوندي آهي اهڙا نيڻ تہ هن سڄي حياتيءَ ۾ نہ ڏٺا هئا. هوءَ پاڻ کي سمجهائي نہ سگهي هئي تہ هِن گهر ۽ هُن گهر ۾ ڇا جو فرق هو؟ هڪ گهور جنهن سندس سندر، سون جهڙي جسم کي جسم کان وينڌي روح تائين تپيل سنگين سان ڏنپيو هو، جنهن جي هڪڙي ئي ڇهاءَ ڪيس پل اَپل ۾ الف اگهاڙو ڪري ڇڏيو هو ۽ ٻي هيءَ گهور... جنهن هن لاءِ قدم قدم تي آب زم زم جا چشمہ ناهي ڇڏيا هئا. جن جو پونڌڙ ڇڙو هڪڙو ڦڙوئي ڪيس پوترتا بخشي ويو هو.

جڏهن کان ڳوناں موٽي هئي. ڪنهن بہ ڪم ۾ دل نہ پئي لڳس. ڇاهي پئي ڊوڙي وڃي. جيڪر ماءُ جي پيرن ۾ پوي، پيءُ جي آڏو ٻانهون ٻڌي نيزاريون ڪري، پاءُ جنهن جي ايڏي عمر نہ هوندي بہ هر ڳالهہ مڃي ويندي هئي کي منٿون ڪري تہ ڪيس پنهنجي گهر ۾ پناهہ ڏين. ڪيس وري ٻاهہ جي راهہ ۾ نہ اڇليو وڃي. هاڻ تہ وسري ويو هئس تہ ڪيس ساڻس ڪا ناراضگي آهي. ڪو ڏک آهي، غصو آهي، هن تہ من ئي من ۾ سڄي عمر سندن ٻيلپي ڏيڻ جو ارادو ڪري ڇڏيو هو. بس ڪو ڪيس ان راهہ مان مڪتي ڏياري! رڪي – رڪي جڏهن "هو نيڻ" چو ڏسا کان ڏانهنس گهيرو ڪري ٿي آيا تہ هوءَ ان هڪ گهُور جي عيوض محبت پري انهي هڪڙي مرڪ جي خاطر جيون هارائڻ لئہ تيار ٿي بيني هئي. هاڻ تہ سندس ويران، رڃ وسائيندڙ نيڻن بہ الائي ڪٿان ڪٿان کان پٽڪي آيل سپنن کي ويهاري ڇڏيو هو. جن جو عڪس جاڳيل/ ڪليل نيڻن مان بہ ليئا پائڻ لڳو هو. هتن جي اڇين لسين ترين مان، جن تي سندس منجهيل تقدير جيان منجهيل ست جهڙين ريکائن جي ڪجهہ بہ نہ هو. ميينديءَ جو واس ٿي آيو. ائين ٿي لڳس جڻ ڪو موتئي جي مٽس ورڪا پيو ڪري هر وقت پنهنجو پاڻ ميينديءَ ۽ موتئي جي سڳنڌ ۾ واسيل ٿي پاسيس ۽ جڏهن ٻن مهينن پڇاڻان ماڻس کي در مان اندر ايندي ڏٺو هٿائين تہ ڀڪي پئي هئي. ڪپڙن ۾ ئي نہ ٿي ماپي. ائين ٿي پاسيس جڻ اڄ سندس سنگهرن ۾ جڪڙيل وجود جي مڪتيءَ جو ڏينهن اچي ويو هجي. اها ئي ماءُ جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس پنهنجي هٿن سان هن دوزخ جي اڙاهه ۾ اڇليو هو. اڄ سندس لئه جنت جي بشارت ڪٿي آئي هجي. ايڏي سک ۽ پاٻوهه مان ملي هيس جو هڪ لڱان ماٺس کي به حيراني وٺي وئي هئي.

"هيڏا ڏينهن لاتئي!؟؟" لڙڪ آيل اکين کي اگهندي مرڪندي ماٺي مان ٿي پڇيس.

"........." ۽ ماٺس لاجواب ٿي سندس ٻن مهينن ۾ نڪري آيل جوين کي تڪڻ لڳي هئي. هوءَ سمجهي نه سگهي هئي ته هوءَ ته ڇهه ڇهه مهينا گذرڻ پڄاڻان به ايندي هئي ته منهن ڏٺي ڳالهائيندي ڪو نه هئس ۽ هيل جڏهن هيڏو سوير آئي آ، ڇڙي ٻن مهينن پڄاڻان ته ڏوراپا پئي ڏئي.

ماٺس اڄا رئي جي پلاند سان پگهر اگهندي ويٺي ئي مس هئي ته هوءَ ٿڌي پاڻيءَ جو وٽو ڀري آئي هئس سڀ ڪم سانگا اڌ ۾ ڇڏي اچي پر ۾ ويهي رهي هئي. هڪ هڪ جو پڇيو هٿائينس ڀيڻ ڀاڻيجن جا حال ورتا هٿائينس وڙ وڙ ڏئي تازو شادي ٿيل ڀيڻ جون ڳالهيون پڇندي رهي هئس ۽ ڪيڏو ٿي چاهيائين ته ماٺس ٻين ڳالهين سان گڏ ڀيڻس جي گهر ۾ رهندڙ "هُن" جو به ڪو ذڪر ڪري، جنهن جي هوءَ نانءَ کان به بي خبر هئي. ماٺس جڏهن ڳالهائيندي ڳالهائيندي اوچتو چيو هئس

"هاڻ اتي وڃي پنهنجو ڪم ڪر ته جيجون نه ڪاوڙجن" تڏهن ڪن لئه منهن جو پنو ئي لهي ويو هئس. بي دليءَ مان اتي اُٿي وڏي وري اچي پيرن ۾ ويٺي هئس

"امان! اڄ مان به تو سان هلندم!"

"تون ڪيئن هلندينءَ ؟ هاڻي ته ٿي آئي آن!"

"هاڻي ٿي آئي آهيان...؟! ورهيه ٿي ويا آهن ورهيه (ذري گهٽ روئندي) سدائين لاءِ پاڻ سان وٺيو هل نه، منهنجو هاڻ هتي من نه ٿو لڳي!"

"چري ٿي آ ن ڇا.... مان مرشدن جو رنج ڪٽندم، الله ڏنو آ، درگاهه جي ڌڻيءَ ٻچڙو ڏنو آ. تون هڪ ياڻيڙي جو خير نه ٿي گهرين؟!"

"منهنجي هلڻ سان انهيءَ کي ڇا ٿيندو ؟!" سڏڪي پئي هئي.

"هت ڪو ڏکي نه ڪونهين اتي مان کهڙا ڪکڙ پلاءُ رڌي پئي کاڻوان، جيڪي تون ڪونه ٿي کائين. هيترو وقت به گذري ويو آ باقي به گذري ويندو. تڏين ڇانون ۾ ويٺي آن. اوڏانهن کهڙو تو لاءِ سيج وڇي پئي آ، جنهن تي هلي ويهندينءَ مون جيان سڄي حياتي گاهن ڪندي گذري ويندئي!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مان گاهه به ڪندم. تنهنجي حصي جو سڄو ڪم به ڪندم. مون کي رڳو هتان ڪڍ!“

”تون نه منهنجي صدوري ڏيءُ آهين نه! ڏس تنهنجي دعائن سان نه ڏٺيءَ منهنجي ٻُڌي. تنهنجي پيتا ڏيڻ سان درگاهه جو ڏٺي به راضي ٿيو. جنهن رب کان ٻچڙو وني ڏنم.. هينئر مان ڪيئن ساڻس دغا ڪيان؟“

”ڇا رب اسان جو ڪونهي. رڳو وڏن ماڻهن جو هوندو آ؟“

”چوري ڏاڍي وات پٽي ٿي وئي آهين. چپ ڪر نه ڪو ٻڌئي نه! ڇئي ٿي ڏسان جيجيءَ کي موڪل ڏنئين نه ڏينهن ٻن لاءِ وني ٿي هلانءِ!“

جيجيءَ کي پنهنجي ڪمري ڏانهن ويندي ڏسي پوبان لڳي وئي هيس.

”سائڻ! چوري ڏهي هٿي بيني آ نه توسان هلندم...“

”چو متي ۾ ڦيري ٿي اٿس ڇا؟“ مائي ڪتيءَ جي ڳالهه پوري ٿيڻ کان اڳ ئي ڪٽي اکيون ڦوٽاريون هٿائين. جيجيءَ جي اکين ۾ جلالي ڏسي هن ”سدائين هلڻ“ واري نه ڳالهه زبان تي آندي ئي ڪا نه هئي ۽ جيجيءَ جي جوشيلي آواز وجي شانيءَ جي ڪنن کي به ڪڙڪايو هو.

”چو پيلا هونءَ نه ڳوٺ جي نالي کان ونءُ ويندي هئي هاٿي کهڙو منتر پڙهيو اٿوس جو مهيني ۾ ئي هانءُ تو ڦاتيس.... يا ڪجهه قد ڪاٽ ڪيو اٿائين نه بي ايماني تي آتُوَ؟“

”نه سائڻ! توهان نه اسان جا امڙ ابو آهيو. جهڙي سُک ۽ امان ۾ هتي آهي مون وٽ ڇا هوندس. مڙئي سمجهه سان ٿي آهي نه ڏسي وائسي روح سرڪيو هوندس!“

”تون ويهه نه تو سان ڪجهه ڳالهائڻو به اٿم“

ڪتي رئي سان فرش چندي ويهي، ڏانهنس سواليه نظرن سان ڏسڻ لڳي هئي ”هونءَ نذرانو مليل ڇوڪرين جي قسمت جو فيصلو به اسان ئي ڪندا آهيون، اسان به ڪين ٻچن جيان پاليو آهي. ڪو مَنو ڪو نه سوچيندا سين. پر وري به سوچيم نه مهل سان تون به اڇي وئي آهين نه تو ساه به صلاح ڪيان. صلاح ڇا؟ توکي به ٻُڌايان نه شانيءَ جو سڱ ڪيو اٿئون. جوان جماڻ ڇوڪري جي اٿين چيڪ گهمندي وتندي نه سياڻي ڪا به ڳالهه ٿي سکهي ٿي، پوءِ الزام نه سڄو مالڪن تي اچي ويندو نه. سو سائين ملهار جي خليفي ڏٺي بخش کي ڏني اٿئون. هن جمع تي نڪاح اٿس. جي تون به اچين نه پلي اڇجانءِ ڏاج ڏانوڻ سڀ ناهي ڇڏيو تي مانس. ٽائيم ڪونهي نه نه ڏيڪاريانءِ. اوطاق جي پريان مال وارو ڪچو ڪوٺو به ڇٺون تا نه ڏيندا سين نه ڪجهه ڏهاڙا اتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهن. هونءَ به ڏينهن جو ته ساڳيو ئي اسان جي اکين آڏو هوندي" ٻاهر بينل شانيءَ کي لڳو هو، سڄي تماڙ حويلي اچي متس ڪري هجي. تڙي ۾ رکيل ريهون به ٻاهر نڪرڻ بجاءِ من پاتال ۾ پڙاڏو ڪنديون اندر ئي اندر وڏو گجگوڙ ٻڌجي ويون هيون.

ڪتي به پهريون ته ڪنهن اڻ لکي ڏک سبب ملول ٿي وئي هئي. پر پوءِ اهو سوچي ته هتين چڱو سوير ساجهر ئي پنهنجي گهر ور واري ٿيندي ته مُنهن پاٽي ورندي پاٺهي خوش ٿي ويندي ۽ جڏهن اهي ئي خيال ڏيءُ آڏو ظاهر ڪيا هئائين ته هوءَ ڪجي ته ڪجهه به ڪو نه هئي. بس رڳو حقارت ڀري نظر ماءُ تي وجهي وجهي چِڱل ڪٽ تي اونڌي ٿي ڪري هئي. ڪنهن کي چوي ها. ڪنهن کي دانهن ڏئي ها. ڪو به ته پنهنجو ڪو نه هئس هن ماڻهن نما پٿرن جي ڍير سان ڀريل دنيا ۾. نه ڪاڏو نه پيتو. پيٽ وچي پنيءَ سان لڳو هئس. تپ جا آڙاهه پئي ٻريس. اکيون ۽ ڏند وچي مُنهن جي نقشي ۾ ڏسڻ لاءِ بچيا هئا. باقي ٻن ڏينهن ۾ ڳلن جو گلابي ماس ئي اندر روڙجي ويو هئس. ڏني جو سوچي ٿي پنواتيون آيس. ذري گهٽ پٽس جيڏو ته هو. ٿلهو، ڪارو، نڪ تي ته جڻ ڪنهن بلڊوزر هلايو هجيس. پنگ جي چُڪيءَ ڪانپوءِ ٿيل ڳاڙهين اکين سان جڏهن نهاريندو هو ته سامهون واري جو ساهه هيٺ مٿي ٿيڻ لڳندو هو.

پر جڏهن مائي حوا هن جي ٽاندن جهڙي پيشاني تي اچي پنهنجو ٿڌو هٿ شفقت مان رکيو ته هن جون بند اکيون کلي مٿي کڃي ويون. هوءَ به ڏانهنس ئي تڪي رهي هئي. "ڳالهه کي ڪٽي دل تي ورتو اٿئي چري! سڀني عورتن جي زندگي ائين ئي هوندي آهي، پنهنجي قسمت جي ڏور ٻين جي هٿن ۾ ڏئي جيجيون جيڪي ڪلنديون ڪائينديون رعب ڪنديون ٿيون توکي ڏسڻ ۾ اچن، اندران اهي به پورا پورا اٿئي. بس مُٺ مُٺ سور سيڪا ڪنيو وتي ٿي گهمندي. مان به تو جيتري هتي آئي هيم ۽ اڄ ڏس وارن ۾ ڪو ڪارو به نه ليندئي. بس ڪلندي ڪائيندي گذاري ڇڏيم. جڏهن پنهنجا پنهنجا نه ٿيا ته ڌارين تي ڪا مَيار؟ اُٿي! مانيءَ گرهه کاءُ. هيتن به ته لوڙيندي، پاڻ بچائيندي عمر وهي ويندئي، هونءَ گهٽ ۾ گهٽ گهر - ور واري ٿي ڪو سک ته ماڻيندينءَ"

"مائي حوا جي ڳالهين من تي ڪجهه چندبو وڌو هئس پر جڏهن هڪ دفعو وري ڏني جي شڪل ذهن تي تري آئي هئس ته نفرت جي لهر اکين ۾ دوڙي وئي هئس پر جڏهن هن ڏني جي اکين کي سائين ملهار جي اکين سان ڀيٽيو ته اهي ڪيس، پنگ جي نشي ۾ ڳاڙهيون هوندي به ايڏيون هيبتناڪ نه لڳيون، تڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچڻ لڳي:
"شايد اِئين ئي هن گهڙيءَ گهڙيءَ جي مرڻ کان مڪتي ملي وڃيم. هر ڪا جا "گهر" جو آٿت ۽ دلاسو ٿي ڏئي ته شايد ڪو منهنجو گهر به هجي. هونءَ ته سمهڻ لاءِ ڇپَر ڪٿ به نصيب ناهيم. پوءِ شايد ڪو پانهن جو هندورو ملي وڃينم" پاڻ ئي پاڻ ڪجهه دل کي دلاسن تي بهلايو هئائين.

اڄ جمعي جي ڏينهن هٿڻ ڪري، درگاهه تي به ڏاڍي اچ وڃ لڳي پئي هئي. گهر ۾ سوالين جي الڳ پيهه به هئي ته شاني ۽ ڏني جي شاديءَ جو ڇوٻول به ڪيڏو فرق هو پيٽس ۽ سندس شاديءَ ۾. نه ونواهه ۾ ويٺي هئي نه سونهن وڌائڻ لاءِ ڪنهن اٽي تيل جون مالشون ڪيون هئس نه مينديءَ جي هبڪار نه ڳلڻ جي سگهند. سندس من ۾ وسيل مينڌي ۽ موتئي جي هبڪار ڏيندڙ ڳل ته ڪڏهوڪو ڪومائجي چٽي ويا هئا. ان ڏينهن به هن پئي جيجين جي ٽنگن جي ازلي پيڙ کي مهتا ڏئي گهٽايو، جو پاهران ڏني ڳاڙهو فليٽ جو وڳو وٺي موڪليو هو. تڏهن ڪانئس ڪم ڇڏرائي وڳي پائڻ لاءِ چيو هئائونس. مائي حوا سندس به چوٽيون ڪيون هيون. ڪجل ۽ سرخيءَ جي رنگ سندس سونهري رنگ کي جڻ چنڊ هٽي ڇڏيا هئا. ڳاڙهي رئي جي گهونگهٽ ۾ سندس چهرو چوڏهينءَ جي چنڊ جيان اجرو ٿي پيو هو.

نه ڪا رسم، نه ڪو دهل سهرو، گهڙيءَ کن کان پوءِ جڏهن سج به ٽانيڪو ٿيو ڏنو به پاهرئين ڪم مان واندو ٿيو ته به ٿي پانهيون ڪيس وٺي وڃي اوطاق پريان پراڻي مال جي ڪوٺيءَ ۾ ڇڏي آيون. جنهن کي ڏني ميڙي صاف ڪري ڇڏيو هو.

چادر وڇيل کٽ تي پير رکندي ئي ڪا سور جي دپايل سٽ زوريءَ اپري آئي هئس. اکين مان وهندڙ اجهل ڳوڙهن سندس ڳلن تي به ڪاريون ڪجل جون ڏارائون ناهي ڇڏيون هيون. شاديءَ جي رات ڇوڪريءَ جي اندر سپنن جي رات هوندي آهي. بلڪ سپنن جي ساپيانن جي رات هوندي آهي، جنهن ۾ اکين ۾ ترڻ ايندڙ لڙڪن کي اَشُپ ڇني تاريو ويندو آهي. پر هن جـ ِ جيون ۾ ته ڪا به شُپ گهڙي آئي ئي ڪين هئي. جمڻ کان وٺي هن هر رات کي پنهنجي نصيب جي منهن تي ڪارنهن مليندي ڏٺو هو. اجوڪي رات ته ڪومل احساس جي رات هئي ۽ اڄ هن ماتم ڪرڻ ٿي چاهيو. ڪُليءَ دا٫ سان، ڌرتي جي سينې تي اونڌا گوڏا ڪري ويهي پنهنجي سيني تي ڏڪ ـٽي پنهنجي جيون جي لمحي لمحي جو ماتم انهن رشتن جو ماتم جيڪي جوڙڻ کان اڳ ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن ٽوڙي ڇڏيا هئا. انهن احساسن جو ماتم جن اجا ڳالهائڻ جي همت ڪئي ته سندن زبان تي تيز ڪهاڙو هلايو ويو.

ٻاهر ٽيندڙ چرپر کي محسوس ڪندي پاڻ کي ضبط ڪندي چپ ٿي وئي هئي. اچڻ وارين گهڙين جو سوچي ڳوڙها پيءِ، قدمن جي آواز ڏانهن لاشعوري طور سندس ڪن کڄي ويا هئا. پهريون ته اڪيلي جاءِ ۾ هڪ لڱاڻ ڏڄ ٻه پئي ٽيس پر پوءِ ڏني جي اوس پاس موجودگيءَ جو سوچي آٿت ٿي ويو هئس. اهو ڏنو، جنهن ڪان ڪرپ به ٿي آيس. پر اڄ ڪيس هن "بي پناهه" دنيا ۾ "جاءِ پناهه" محسوس ٿيڻ لڳو هو.

مرداڻي بوٽن جي آواز کي ڪمري ڏانهن ويجهو ايندي محسوس ڪندي، رئي ۾ لڪي سوڙهي ٿي وئي هئي.

"هان وڻ تنهنجي مبارڪ آ" ڪڙڪ نوٽن جوآواز

"سائين ! توهان جو ته اهو ئي وڏ گهٽو آ. هيءُ ڏني جو ٿا لڄي ڪيو؟

"نه بابا اهو تنهنجو حق آهي!"

"سائين منهنجو نذرانو به حاضر آهي.!" معنيٰ خيز ٽهڪ.

در ڪلي بند ٿي ويو هو. ڪُنڊي بند ٿيندي ئي هن بند ٿيل اکين کي وڌيڪ زور ڏئي پوري ڇڏيو هو ۽ جڏهن گهونگهٽ مٿي ڪري مضبوط مرداڻي هٿ سندس ڪاڏيءَ کان منهن کي مٿي ڪيو هو ته غير ارادي طور هن جون اکيون کلي ويون هيون. تڏهن سامهون بند ڪونيءَ ۾ پاڻ سان گڏ ڪٽ تي ويٺل سائين ملهار کي ڏٺائين، جنهن جيءَ اکين جي هيبتناڪ شيطاني گهُور جڻ ڪيس ڏٻڻ ۾ ڏکي ڇڏيو هو. اهڙي ڏٻڻ جنهن مان سندس رڙين کي به ٻاهر نڪرڻ جو رستو نه ٿي مليو ۽ هو به سندس وجود جيان وبون ٿي پاتال ۾ پيهبيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ تہ پهاڙ اڪاريون

پيار بہ ڪنهن پارڙيءَ جي سيني تي اڀري آيل اهڙو ڦٽ ، جنهن کي وقت ۽ عمر جي مرهم لاهڻ بجاءِ وينـدي وڌائينـدي آهـي. ڪيڏو چاهيندي آهي ڀوءِ ان کي دنيا جي نظرن کان لڪائڻ. اذيت ڏيندڙ سور کي چپ چاپ سهندي رهڻ ۽ لڄ کان ڦٽ کي دٻائيندي، ڍڪيندي رهڻ. انيڪ تهن هيٺان پر هر تهہ کي جيئن هو شڪست ڏئي جيئن پوءِ تيئن وڌي نسري ۽ نروار ٿي بيهي رهندو آ.تيئن پيار بہ مڙنـي مصلحتـاً ۽ بندشن جي تهن کي پري اڇلي نسري نروار ٿي بيهندو آ. ڪڏهـن بہ نہ ڇٽڻ، نہ لهڻ جهڙو ڦٽ بڻجي.

اسان ۾ ڪجهہ بہ ارادتاً نہ ٿيو هو، الائي ڪيئن وڌندا رهيا هئا قدم، ان ڏسا ڏانهن جنهن جي ڪا بہ منزل نہ هئي. ڄاڻون بہ پيا پر ڪجهہ ڪري نہ ٿي سگهياسين جو ان ۾ اسان جو شعور تہ شامل ئي ڪين هو. بس ڪا لاشعوري ڇڪ هئي جنهن ڇڪي اسان ٻنهين کي ايترو هڪ

ٻئي جي قريب آڻي ڇڏيو هو جو مڙي پنتي نهارڻ جي سگهہ ئي وڃائي ويٺا هئاسين ڇڻ پنتي نهاري پنڌ پهڻ ٿي وڃڻ جي پڪ هجي. اسان تہ پنهنجي پنيان نہ نهاريو هو پر اسان جي پنيان بيٺل حالات جي ڌٻڻ زوريءَ اسان ٻنهين کي ڇڪي پنهنجي واڳونءَ جهڙي وات ۾ ڦڙڪائي ڇڏيو هو.

منهنجي ڊائري جي اڻ لکيل پنن ۾ اضافو ٿيندو ٿي ويو ڇالڪان ها؟ سڀ احساس ئي وڃائجي ويا هئا. ائين لڳو هو ڇڻ منهنجي من ڌرتيءَ تي اوچتو ئي اوچتو ڪو بم ايڪسپلوڊ ٿيو هجي ۽ منهنجو وجود بڻجي ويو هجي رڪ ئي رڪ، بارود جي بوءِ رڳ رڳ ۾ ساهہ جي هر نليءَ ۾ ..... هيرو شيما ناگاساڪي ..... اينٽم.... دونهان.... رڙيون..... ريهون. ... سڏڪا... لاش ... انبار لاشن جا! هيڏي زندگي، جا ڪنڌ ڪرڇ ۾ وسيل هئي ڪيڏانهن وئي؟

ڪيڏانهن وئي...... ڪڏانهن وئي ؟؟؟

ڪڏانهن ويو اهو سڀ ڪجهہ جيڪو مون سان هيو،منهنجو پنهنجو هيو... منهنجي زندگي .... ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي؟
زندگي ......؟؟
زندگي ....؟؟؟
يا تون هئين يا تنهنجي ڏنل ڪتابن جي سنگت. باقي دنيا ۾ ڇا ٿي وهيو واپريو، مون کي ڪا بہ ڪل ڪا نہ هوندي هئي. پر هاڻ تو پڇاڻان تنهنجا ڪتاب بہ منهنجي هٿن ۾ ايندي ڏکيا پئي. ڇڻ مان بنهہ بہ ڪا اوپري ٻڌجي پئي هجان سندن لاءِ هر ڪتاب جي ٽائيٽل تي بہ اکيون ٿهي پونديون هيون، جن جي ماڻڪين مان رستو ٺاهي ٻاهر نڪري پونڊڙ هٿ هر وقت الوداعي انداز ۾ لڏندو نظر ايندو هو. ڪتاب ڄڻ پير ڪري مون ڪان پري ڀڄڻ لڳا هئا.
ڇا پڙهان ها.... هر ڪتاب جي لکٽي آثار قديمہ مان لڌل جانورن جي ڏانچن جي شڪلين جيان عجيب و غريب هيئت ٺاهي مون کي ڊيڄارڻ لڳي هئي.
"مان ڇا هيم، ڇا آهيان.....؟ جي پڙاڏن منهنجي ذهن جي غفائن ۾ وجي وجي مون کي ذهني طور مفلوج ڪري ڇڏيو هو، آئيني آڏو مون کي پنهنجو چهرو نہ پر ڪوئسچن مارڪ نظر ايندو هو ۽ مان پنهنجي چهري،پنهنجي وجود تي لکيل ان سوال جو ڪڏهن بہ ڪو جواب پائي نہ سگهيم. اڄ تائين بہ اهو سوال حل ناهيان ڪري سگهي تہ مان ڪير آهيان؟ ڇو آهيان؟ ڇا لاءِ آهيان؟"
منهنجي گهر جو دروازو پوءِ بہ کليل ئي رهجي ويندو هو، تنهنجي اچڻ جي آس ۾. پر تون... تون نہ آئين. دروازي جي انجيسن ۾ وئي تي ڪٽ چمندي اوسيئڙي جي لڙڪن جي.
مندون مٽبيون رهيون وٽن ٽٽن لباس بدلايا، انسانن لباس بدلايا پر منهنجي زندگي پنهنجو چيڙهيالو لباس بدلائي نہ سگهي. يادن جي لٽ ۾ ويو ٿي منهنجو وجود لٽيو. پر توکي خبر آهي ڪيڏي عجيب مذاق ڪئي وئي مون سان ؟ يادن جي لٽ ۾ لٽيل منهنجي بدن تي هڪ نئون نڪور لباس چاڙهيو ويو. جنهن ۾ مصنوعي رنگن جي لالاڻ ۽ سج جي ڪرڻن جو عڪس پريو ويو هو ۽ اهي جسم ساڙيندڙ ۽ سٿين جيان چڀيندڙ ڪرڻا سڄي زندگي مون کي اذيت ڏيندا رهيا آهن ۽ ڪندا رهيا آهن داغدار منهنجي زندگيءَ جي اُجري بدن کي.
ڏس ڪيڏا داغ آهن منهنجي جسم تي، منهنجي روح تي. ڏسڻ ۾ ايندڙ، نہ ڏسڻ ۾ ايندڙ داغ. جن جي مرهم دنيا جي ڪنهن بہ حصي ۾ ناهي دنيا ترقي ڪئي آ، ميڊيڪل سائنس هر بيماريءَ جو حل تلاش ڪري ورتو آهي پر..... منهنجي ڦٽن لاءِ گهربل مرهم ....؟؟؟
هون! ..... مان بہ چري آهيان. ڦٽ لهڻ لاءِ ٽورئي ٽيندا آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نشان پلي منجهي وجهن، احساس ڪيئن منجهندو.... ڇا اهي ڪا اهڙي دوا، مرهم، جيڪا پل پل اذيت ڏيندڙ احساسن کي ناري سگهي، مٽائي سگهي؟

هاڻي تنهنجي اوسيئڙي ۾ دروازو ڪليل نه رهندو هو. ڪيئن رهي ها؟ يا رهي به ڇو ها پراڻو در، پراڻو گهر جنهن ۾ پنهنجائپ جي ڪوڙن لفظن جي دولاب ۾ منهنجي جسم کي اڇلايو ويو انساني وجود جا به عنصر جسم ۽ روح، جن مان هيو عنصر ته ڪڏهن ڪو ساڳي ڪٽ لڳل ڪليل در جي چائنٽ تي وينو وقت جي ڇيپاٽن سان ڇيپاٽبو رهيو آهي پر هنيو ناهي ۽ هي؛ جسم..... ها هن جسم ۾ لڳل اکين جا دروازا مان ڪڏهن به بند ناهيان ڪري سگهي. اکيون ڏسنديون ٿيون رهن ڪنهن اڻ ڏٺي دنيا جا منظر ڪجهه به نظر نه ايندڙ، ڏنڊ ،مبهم عڪس، گهر تي ٿيون وڃن ان ڏنڊ ۾ پٽڪنديون ٿيون رهن، ڳولهينديون ٿيون رهن، پر ڪجهه به پسي نه ٿيون سگهن اهو ڪجهه جيڪو سندن ڏسڻ ۽ ڇهڻ جي وسعتن کان ڏور گهڻو ڏور هليو ويو آهي. جنهن کي ڇڙو محسوس ڪري ٿيون سگهن. من جي پوري سچائي؛ سان. يگ گذري ويا....

سڀ ڪجهه بدلجي ويو. آئيني ۾ نظر ايندڙ منهنجي اوپري عڪس کي ڏسي منهنجي من اندر جي دنيا ڪلي پوندي آ. اها دنيا جنهن ۾ ڪا تبديلي ناهي آئي. جنهن تان وقت جي دز لهي ناهي سگهي، جنهن کي زندگي / عمر جو تيز وهندڙ ريلو وهائي نه سگهيو آهي. اهو سڀ جيئن جو تيئن سلامت بيٺو آهي جتي ساڳيا ئي احساس آهن ۽ ساڳيو ئي اوسيئڙو. ڪليل ڪٽ لڳل دروازو، دروازي اندران نراس ۽ وياڪل وينگس، ڪاري چوٽي ۾ موتئي جا اڇا گجرا پايو ڏسندي تي رهي راهه، جنهن راهه تان هو اچڻو آهي.

۽ اها وينگس پنهنجين ڪارين چڳن کي ڇيچ تي وڙهي،من جي ڳڙڪين مان منهنجي آئيني ۾ نظر ايندڙ هڏيون ڇڏي الڳ تي بيٺل ماس، هيٺو جسم، هشڊو چهرو جنهن ۾ اپري آيل هر گهنج جي پنهنجي تاريخ آ. اپوڳين چاندي؛ جي لٽڪندڙ چڳن کي ڏسي دک مان ڦڪي مرڪ چپن تي آڻي مرڪي ٿي جڻ چيڙائي ٿي.

"وقت ۽ حالات ڪيئن نه آساني سان توکي پنهنجي چنبي ۾ قابو ڪري ورتو. تون جيڪا اڏول ۽ انٽ هٺ جي دعوي ڪندي هيئن؛، ڪيئن ٽٽي ٽڪرا ٿي وئين؟ تنهنجا آدرش تنهنجي منين مان ڇڏائجي ڪري پور پور ٿي چڪا آهن. پر توکي خبر آهي تنهنجي آدرش جا وکريل پور مان پنهنجي هٿن سان ميڙي پاڻ وٽ سانڍي رکيا آهن ته ٿي سگهي........ ٿي سگهي تو تون هڪ ڏينهن مون وٽ اچين. پنهنجي وکريل ۽ وچايل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آدرش کي هڪ دفعو وري پنهنجي هاڻ سان هنداڻ لاءِ. پر مان چاهيان ٿي، هاڻ تون نہ ايندين، هاڻ تنهنجي گهنجيل ۽ ڦيڻن هٿن ۾ اها سگهہ ناهي رهي جو تون انهن ۾ ايڏو وڏو بار کڻي سگهين. تنهنجي پوڙهي دماغ مان تہ ماضي بہ ڪڏهو ڪو گمشده حافظي جيان نڪري گم ٿي ويو هوندو."

"نہ ماضي ڪڏهن بہ ناهي وسرندو، پوڙهو دماغ ٿي تہ ماضيءَ جي آماجگاهہ هوندو آ. ڪمزور دماغ ڪمزور حافظي جي ڪري حال ۾ هلندڙ حالات کي پلي نہ قبولي، نہ سانڍي سگهي پر پنهنجي ڳلين مان ماضيءَ جي قدمن جا نشان ڪڏهن بہ ڊاهي نہ سگهندو آهي. جيئن جيئن عمر اڳتي رڙهندي آهي تيئن تيئن اسان جو دماغ ماضيءَ جون ڳڙڪيون کولڻ شروع ڪندو آهي. نہ... مان ڪڏهن بہ ماضي نہ ٿي وساري سگهان ڪڏهن بہ نہ... ..." ٻئي هٿ ڪنن تي چوڏس ڦهلجڻ ٿا لڳن سڏڪا.

"مجان ٿي تو ماضي ناهي وساريو، پر ان کي هاڻ ياد رکڻ مان فائدو؟ ڇا ماضيءَ ۾ ڪيل غلطيءَ جو ازالو هينئر ڪري سگهين ٿي.....؟ تنهنجا آدرش..... ؟ اهي مون سانڍي ورتا آهن ۽ مون وٽ ئي رهڻ ڏي ٿي سگهي ٿو. ان ٿائين مان پهچائڻ ۾ ڪامياب وڃان، جنهن ٿائين تون نہ پڄائي سگهينءَ. شايد ان جي منين ۾ اها ئي سگهہ هجي تنهنجي آدرشن کي سانڍي، انهن کي عملي جامو پهرائڻ جي.

مون کي پڪ آهي هو ايندو ضرور. ارادتاً نہ صحيح ڪڏهن واٽ پلجي ئي پر ايندو ضرور، مان بيٺي آهيان تنهنجي ڪليل چڏي ويل دروازي جي چانئٺ تي، جيڪو بند ٿيڻ جي سگهہ وڃائي ويٺو آهي، پر دنيا جي نظرن ۾ اهو بند ٿيل ئي آ. شايد هو بہ اچي ۽ ان کي بند ٿيل سمجهي بنان کڙڪائڻ جي واپس موٽي وڃي. جو ماضي هميشہ بند ٿيل دروازي جيان ئي هوندو آهي. جنهن کي کولي اندر جهاتي پائڻ لاءِ ڪنهن کي بہ چاهہ ناهي هوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪ ٿڪيل جيون

رڪ ۾ رهجي ويل ننڊڙي ڇٽڪ جي تَوَ، سڄو وجود ئي ڏڪائي ڇڏيو هئس. هن ڇرڪي رڪ مان هٿ ڪڍي ورتا هئا.

چلهه... چڻ سندس ئي وجود، پين جي جياپي جو ڪارڻ ۽ پنهنجي اندر رڪ - رڪ ڪنڊي رهڻ، جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪا خواهش اوچتي هٿن ۾ چيندڙ ڇٽنگ جيان ڪيس ڇرڪائي وجهندي هئي، جنهن جو سنهون سنهون سور جڳ ڪان لڪل رڳو پاڻ کي محسوس ٿيندڙ.

"امڙ! سگهو ڪر وري اڄي مائين جا ڍنب لهندا، ڏينهن تتي جو پوءِ مون ڪان ڪي ڪين ٿو ٿئي!" ماٽس مڙس جي پيرانديءَ ڪان ويهندي رڌڻي ۾ ڪيس خيالن ۾ الوپ ڏسي، پري ڪان چنگهندي چيو.

هوءَ جواب ڏيڻ بنان لڳي وئي ڪم ۾. باهه ٻاريندي ڪيائين مان نڪرندڙ دونهين يا پچرندڙ من جي دونهين تي ڳاڙهيون جيرا ٿي ويل اکيون، رئي جي، پلئه سان اگهئين ٻه پئي ۽ پاٽ ۾ پيل اٽي کي پنهنجي وت آهر زور ڏئي اٿلائي پٿلائي ڳوهيائين ٻه پئي. هٿن پنهنجي ليکي پئي ڪرتب ڏيکاريا ۽ ذهن پنهنجي ليکي پئي اورڻا اوريا.

"ساڳيو ڏينهن ساڳي رات وري وري ڦري ايندڙ ساڳيو ڪم. پاروٺا چهرا، پاروٺا خيال، ڪاٻه نواڻ نه، ڪوبه چس نه حياتيءَ ۾. ڪاٻه اهڙي شئي نه جنهن کي ڏسندي، اسان من جي اڄ اجهي. ڪوبه چهرو اهڙو نه جنهن کي پسندي نيڻن جي وسيل جوت ٻري پوي. اوندهه اندڪار ڪوٺيڙي ۾ گهيريل اسان جا گونگا جسم، ٻي زبان خيال، هر ڪو پنهنجي ٻولي ٻوليندڙ....

بس چڙي هڪ ٻولي ئي سمجهه ۾ ايندڙ ٻڪ.... ٻڪ .... ٻڪ سڄو ڏينهن غلطان پيٽ ۾ ٻرندڙ پنيٽ وسائڻ جي فڪر ۾. پر ... پر... ڪيپراٽيءَ اندر دڪندڙ جرچا سان ٺري...؟؟!!

ٺرندي ٻه الائي دڪي ڪري ڇڏيندي رڪ هي ڇيتيون ڇيتيون جيون...؟

"آخ... ٿو..." پيءُ جي اجلايل ڪانگهاري جي آواز تي ڇرڪي سوچن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پلاند مان پاڻ ڇڏائي اُٿي هئي.
"جيجي! بي بي مارل ڪونہ ٿي ڏسجي؟"
"امان! توهين ويهو، اجهو آئي، وئي-آهي سنسان ڪرڻ! گرمي بہ آهي چوڻ جي. جي ويون مايون مڙنديون تہ پوءِ گهڙي بہ ڪين مليس ها، چيومانس تہ وهنجي سهنجي پوءِ اڳو پوءِ اچي ويهہ ڪتاب تي. ماهہ پهريون آچر... دعا تعويذ وارين وٽ ميڙو..."
(گهڻيون مايون، گهڻي ڪمائي، خوشيءَ جا احساس ماڻس جي چهري مان بکندڙ)
"نينگر زينوءَ کي بہ چئوس تہ سيکاري ڇڏي، هُوءَ نہ تہ هوءَ"
"ائي امڙ! اڄڪلهہ جون ڇوڪريون ڪٿي ٿيون وڏين جي ٻڌن. زينو تہ چوڻ تي مجال آ جو انهن ڪتابن کي پلجي بہ هٿ لائيان. بس شابس آهي وڏيءَ کي پٽي تي منهن ڏئي. پلا وڏن جي پُرِ ڦِٽي تہ ڪونہ ڪبي! مريد مڙو پيو ٿو اچي، خالي هٿين تہ ڪونہ موٽائبن. پڦس جي منجيءَ تي ويٺي آ پر سائين بہ چوندو اٿس تہ قاپل کي بہ مات ڏئي وئي آ مريديءَ ۾."
"هائو جيجي! بيشڪ .... بيشڪ... جيجي قاپل جو تعويذ بہ ڪم ڪري ڇڏيندو هو... پر انهيءَ کي پڙهت ڪندي ڄمار لڳي ۽ جيجي مارل هن ڄمار ۾ ئي جيجي قاپل کان اڳاهين ٿي وئي آ تہ اڳتي تہ سندس تعويذ اصل عرش سان ڳالهائيندو بيو...!!"
"بس امڙ توهين بہ پري پري کان کهي ٿيون اچو. پوءِ جهڙو حال تهڙو حاضر." (خوشامد سان گڏ احسان منديءَ جو عنصر لهجي ۾ نمايان،جڻ مفت ۾ شفا وٺي ويندڙيون هجن)
"اڳهائي سڳهائي تہ پٽي حياتيءَ ۾ ٿئي، ڏٺي تہ نہ ڪري پر جي جيجي مارل کي ڪا لڳائي ٿئي تہ پوءِ تہ در ئي بند نہ؟ نندڙي نينگر کي بہ چئو تہ ٿورو ڪي گهڻو تعويذ ڦيٽو ڪري ابي ڏاڏي جي پر ۾ ارهو ڇو ٿجي..."
غسلخاني جي در تي ئي سندس ڪنن مائي حر مان جا لفظ جهٽي ورتا هئا. ائين ٿي لڳس جڻ ٽڏي پاٽيءَ سان نہ پر باهہ سان سنان ڪري نڪتي هجي، سڄو وجود ڇيپون ٻڌجي ويو هئس.
ٻن ٽن ڏينهن کان ماڻس جو ڪنجهڪو وڌندو پئي ويو. مڙس جي گهر ۾ ايندي تهائين وڌ.
"اِڙي آخر ڪهڙي پيٽي ٿئي، سڄو ڏينهن مٿو ٻڌيو پئي چنگهين، ڪا ستي ڦڪي ڇو نہ ٿي وٺين؟"
"منهنجون ستيون هاٽي قبر ۾ هن."
"ڇو پلا! سوير ئي ٿي ٽپڙ ٻڌين، پٽهن جي اميد ڪونہ ڏسندينءَ ڇا؟"
"ها! تو اميد ڏيکاري... شل سدائين جواني ماڻي ،اچي رينهن جوان ٿيو آ،شونقڙو بہ اٿس پر تون .... توکي تہ اجان مٿي هيٺان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وهاڻو آ" اٿي ويهي رهي هئي، سڄو ڪنجهڪو وساري.
"شل نہ ڪا وهانو شاديءَ جي ڳالهہ ڪَنءَ پوين، سڀ سور وساري ويهنديون، الائي رنن جي ڪهڙي ڪني عادت آ."
"ڪني عادت آهي! الله هڪڙو ئي ٻچڙو ڏنو آ جي رب جلدي جوڙ جوڙيس تہ امڙ لئہ ٻي ڪهڙي سرهائيءَ جي ڳالهہ؟!"
"جوڙ جوڙڻ لئہ بہ ڪو هٿ پير تہ هڻبو نہ... ڇوڪر ٻن لٽن ۾ تہ ڪونہ آڻبي ڪو ڳهہ ٽپڙ ٺهرائجي."
"ڳهہ ٽپڙ آهن. اها ڳڻتي نہ ڪر، چاچيءَ جي ڌهري، ادي ڦاپل جا ڪنگڻ ۽ منهنجا بہ ڳهڻ ٽڪا پنجا آهن. ٽي ويندو سڀ ڪجهہ هڪڙو ئي پٽ آ ڪو گهٽا ڪينهن. جيڪو ٽورو ڪي گهٽو آهي سڀ انهيءَ جو آ ڪو پيو حصي پائي تہ ڪونهيس. تون چڙي ادي سان ڳالهہ چور، ها ڪرائينس."
"ءُ جي سڱ جي ڳُهر ڪيئن؟"
"سڱ ڇا جو، ڇوڪرو سندن اڃا ننڍو آهي، هونءَ بہ مائي پنهنجي پائٽيءَ لئہ پڪ ڪيون ويٺي آهي. اسان جي بہ مارُل تہ آهي ڳاديءَ حوالي، وڏيءَ جي نہ ڪبي تہ ننڍيءَ جي نهندي ڇا؟ بہ پينر تہ آهن ڪو ڪارائيندي پاءُ ڪٿي ڪونہ پوندو، جيسين اسان جو سر پوءِ ٻار سندس مٿان هِنِ، الله ايمان ڏيندن وينا هوندا حويلي وسايون!"
"ڇا ٿي سمجهين هاڻو تہ ڪندا نہ؟"
"اڙي ڇو نہ ڪندا؟ تون ڳادي نشين آهين، اسان جي پٽ ڪي ڏيڻ لئہ جڳ ٿا سڪن، اهو تہ اسان جو مٿن وڙُ آهي جو وٺون ٿا. ست ڏيئر اٿس ڪو ڪُهي تہ ڪو نہ ڪائيندو؟ وڏين ٽن جا تہ اڃا مٿا ٿي ويا آهن. رينيون هوندن گهر ڪنيون، ڇوٿون نمبر بہ سڱَ تي ڏني اٿائين.ڏيڻ ۾ پيو آ تہ اسان سان بہ نهڪر ڪو ن ڪندو،تون الله تي رکي وڃي چئينس"
دهل جو ڏڏڪو.... تاڙين جا زيپٽ.... خوشيون...... ٺهڪ..... مبارڪون .... گهوٽ سان گڏ در ديون بہ ڳاڙها ڳانا پائي پئي ڇهڪيا...... چوڏس ڳا ڙها هٽ سڄي وايو مدل ۾ ڦهليل مينديءَ جي سڳنڌ..... وڏي گوشت ۽ پلاءَ سان پريل پيٽن جون عجيب اوڳرايون.....
"ادي لک لک واڌايون هجنئي ڏٺيءَ پٽ جي جوڙ جوڙيئي."
جڙيل جوڙ تہ هر ڪنهن ڏٺي پئي پر اهو ڪجهہ جيڪو اندر ئي اندر ٽٽندو رهيو هو، سيني جي نظرن ڳان لڪل هو. ڪو من آسن ۽ اميدن جو بڻجي پيو هو جڻ قبرستان، انبار لاشن جا، رت ۾ ٻڏل ڇيهون ڇيهون ٿي ويل آهون.... لڙڪ..... سڏڪا.... ڪنهن بہ نہ ڏٺا ها، هر ڪنهن اِن من شمشان جي مٿان زوريءَ ويڙهيل مُرڪن جي تهہ ڪي ٿي ڏٺو ۽ اندر اڻ ڏٺو ئي رهجي ويو هو. پر نشان تہ هر هنڌ موجود هئا. آمت نشان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وهاڻي جي آليّ ٿي ويل سيني تي، جنهن ۾ منهن لڪائي هن هر رات پنهنجي من کي پاڻ ٿي آئت ڏنا هئا ۽ وهاڻي پنهنجي ڇاتيءَ ۾ هن جا گرم گرم لڙڪ سانڍي ڇڏيا هئا.

رڌڻي ۾ڦهليل دونهين جي حيران ۽ سواليه وجود ۾، جيڪو حيران هو ته منجهس ايڏي ڪڙاڻ ته آهي ئي ڪين جيڏا اکيون لڙڪ پيون لاڙين....؟!

ڪيئي چولن جي پانهن تي جمي ويل اکين ۽ نڪ جو ڪارو پاڻي. (ڪاري جيون جو عڪاس) ۽ پوتين جا آلا ٿي سڪي چوڙو ٿي ويل پلو، ڇا وساري سگهندا ته ڪين هن دهل شرناين ۽ خوشين پرئي وايو منڊل ۾ کهڙي سوڪڙي ڏني وئي؟!!!

"جيجي! مائي ياڳان جو ڪم ته ائين ئي ويو جو ياٽس پاڻ اچي پيرن تي ڪريس ۽ جنهن ڇوڪريءَ ڪي ونڻ ڪان نهڪر ڪيو وينا ها، اصل ترين تي ڪنيو ويس. ياڳان ته ڏوري تي هٿ رکي پٺي ڇوي ته "اهو سچو جيجي مارل جي تعويذ جو ڪم آهي نه ته مون نه مٺا سهايا ها" بس سانئڻ مون کي به اهڙي ڪا دعا ڏي جو اصل جهٽ ٿي وڃي"

"بس مائي! جيڪو وس ۾ اٿم ڪيان ٿي، وڌيڪ رَبَ کي طاقت آ" دبي ۾ پهريون ئي لکي ڇوڙي ڪري رکيل دعا هن جي هٿ تي رکندي بيزار ۽ ٿڪل لهجي ۾ چوندي، من ئي من ۾ سوچي ٿي:

"جي دعائون تقدير مٽائين ها ته پنهنجي جيون ڏارا نه مٽائي وجهان ها!"

ساهه کي مونجهه، هلڪي ٿڌڙي هير ۽ ماڪ پنل وايو منڊل ۾ به پکهر ۾ شر، چنڊ جي هلڪي روشنيءَ ۾ پکهريل نرڙ چمڪيس پئي. اکيون اپ ۾،من ۾ پيڙ، سنڌ... سنڌ ڏکندڙ....

"سچي ڏينهن جو ٽڪ.... اونهون.... ڪو اڄ نٿينءَ مان ڪيو اٿم. روز ڪندي هان... پوءِ اڄ....." نه سمجهه ۾ ايندڙ ڪيفيت، عجيب بيزاري طبيعت ۾. ڪاوڙ .... ڪنهن تي؟ نظرون ڪجهه پر پرو سٽل ماءُ جي سانت ڇهري تي ڪُپي ٿيون وڃنس ۽ اتان ٿينديون پريئنءَ ڪٽ تي سٽل پيءُ جي ڇهري تي، تيريهنءَ جي چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ هوءَ ڇڱيءَ ريت پڙهي تي سگهي، ڇهرن تي لکيل تحرير......

"سيني مردن جي ڇهرن تي ساڳي ئي تحرير هوندي آ، خود غرضي، انا پرستي ۽ ڏرتيءَ جي مالڪي هٿ ۾ هئڻ جهڙي تحرير.....؟؟ سيئي مرد هڪڙي ئي انداز ۾ سوچيندا آهن، پوڇا.... پوڇا..... پوڇا.... پنهنجي شرير جي ڪرائڻ مخالف جنس کان! مخالف جنس.... سننن پاهڻ وجود سان مٿو ٽڪرائي ٽڪرائي تي ويندي آ رتو ڇاڻ... پٿر جو بت ته پٿر جو بت ئي رهندو آ، پر هوءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندي ا ميڻ جيان رجندي، ڳرندي، ڳوڙهن جو درياهه بڻجي وهي ڏرتيءَ تان ئي الوپ ٿي.

عورت رڳو عورت ئي هوندي آ. انانءَ، اسجاڻ.... نانءَ تہ مرد جو هوندو آ، سڃاڻپ تہ مرد جي هوندي آ. عورت جو وجود ئي سندس هئڻ سان هوندو آ نہ تہ مٽيءَ جو ڍير.... گوشت جو ٽڪرو... .. چاهين چباڙين، چاهين ڪنو ڪري ڪتن جو پيٽ ڀرين. پر .... مرد جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ عورت بہ تہ عورت کي ماريو آ نہ! هڪ هٽ سان تہ تاڙي ڪين وڄندي، جي سيئي عورتون گڏجي.... (حسرت مان نظرون ڪجهہ ويل ماءُ جي پٺي ورايل وجود تي) پر ڪو بہ ماڻهو ڪجهہ بہ ٻڌهن ڪندو نہ تہ جڏهن ڪيس خبر هجي تہ مون سان ناحق ٿيو ٿئي. هتي تہ پنهنجي حقن جي ئي ڄاڻ ڪونهين تہ حقن جي پائمال ٿيڻ تي ڪهڙو آواز اٿندو.....؟؟!

هلڪي هوا جو جهوٽو سڄي سرير کي ڪتڪتائي ٿو وڃيس. چادر ڇڪي ڪرونڊڙي ٿي ٿي وڃي. سڄي جسم ۾ سٽاندڙو، ڪن پل ڪان پوءِ سڌي ٿي اکيون چنڊ ۾ کُپائي ٿي ڇڏي. پنهين چنبن کي ملائي آرس پيچي جسم ۾ پريل ٽڪ کي گهٽائڻ جي ڪوشش ٿي ڪري. منهن تي وياڪلتا جون انيڪ ريکائون اڀريل. ڪجيءَ پنيان چنڊ چڻ ساڻس لڪ اکوٽي ڪيڏي ڪيس ريجهائي ٿو پر ناڪام ٿي ٿو وڃي.

"اڄ سندس گهرج گهڻجي وئي آ يا وڌي؟ ڇو نہ ٿي مون کي ڏسي مرڪي؟" چنڊ سوچي ٿو، سمجهي نہ ٿو. پيڻ جي پاسي ورائڻ تي ڪٽ جي هلڪي چيڪٽ تي ڏانهنس ٿي ڏسي. معصوم، لا علم، دنيا جي رَوش کان، محرومين ۽ مايوسين کان.... "ڇا هيءَ بہ مون جيان.....؟! .... نہ .... نہ ..... مان هن سان اهو ڪجهہ ٿيڻ ڪو نہ ڏيندم، جيڪو مون سان ٿيو. جو ڪجهہ بہ مان پوڳيو آ. هيءَ ڇو پوڳي؟ مان منجهس همت پريندم. وڙهڻ جي، ڳالهائڻ جي تہ هن ناانصافيءَ جي جڳ مان انصاف ڪيئن ونبو آ. جنهن معاشري ۾ حق جي ڳالهہ ڪرڻ تي نياڻي جو حق بخشرايو ٿو وڃي، ان معاشري کان حق کسڻ جي مان منجهس سگهہ پيدا ڪندم. جنهن پيڙا کي مان پٺي پوڳيان، هيءَ ڇو پوڳي. مان ڪيس اهو ڪجهہ ڏياريندم، جيڪو مون کي نہ مليو... جي مون لاءِ بہ ڪا مارو پيدا ٿي پٺي ها تہ اڄ.... اڄ....."

سڏڪا..... سور.... سرير ۾، روح ۾.

هر پراڻ، پور ئي پورا جيون آهي چڻ ڪنير جي آوي، پيا ٽا پچون.... پيا ٽا پچون ٻاهر نڪري ڪن پل ۾ ٽتي ٽڪرا ٿي وڃڻ لاءِ.

مَنيل مَند، منيل وايو مندبل، هر شئي تي چڙهيل ڏينهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهينن، سالن جي ڊوڙ، گهر جي هر شئي بدليل پر ذهن جي ڪونيءَ ۾ ڦرندڙ خيالن ۾ ڪا به ڦير نه. ساڳيا خيال، ساڳيا احساس....

جنوريءَ جي ٿڌي يخ رات ۾ سڪي پاڻو ٿي ويل سڄي ڪائنات. وڻ ٽڻ هر در ديوار ۾ ڏڪٽي هجي جڻ، (سياري جون راتيون بنان سبب وحشتناڪ ۽ اداس) خشڪ ٿي ويل ڳلو، نڙيءَ ۾ ڦهلجندڙ زهر، من ۾ ڦٽي پيل جڻ اڪ جو وڻ. سڄو وجود ڪڙاڻ ئي ڪڙاڻ..... ٿڌي برف وسائيندڙ رات ۾ جڻ پارو ٿي ويل هر شئي. چند به جڻ اپ جي جهول ۾ برف جو ٽڪرو ٿي لڳو. پر ماروءَ جو من ته جڻ ڪورو ٻٽيو پيو هو. اندر ۾ پئي ٻارڻ ٻريو ۽ دونهون لڙڪن جي شڪل وٺي پئي لارون لارون وهندو رهيو. هيڏانهن هوڏانهن پاسا ورائي سمهڻ جي ناڪام ڪوشش..... ٿوٽ چپن جي خاموش تقاضا..... اڄ..... اڄ.... اڄ.... سامهون ڪنڌ واري ڪٽ تي پيل رلين جو ڍير.

”زينو....!“ زينوءَ جي خالي ڪٽ پريل رلين جو ڍير سان ڏسي من ۾ عجيب چڪ ٿي محسوس ڪري زينوءَ لاءِ. هڪ زينو ئي ته هئي، جنهن سان سياري جي ڊگهين هيبتناڪ راتين جو خوف گهٽائڻ لاءِ هتان هتان جا قصا ڪيڏي وهندي هئي. پئي سوڙين مان منديون ڪيڏي پيون آڌيءَ اڌ رات تائين ڳالهيون ڪنديون هيون. ڪيس ته ننڊ ايندي ئي گهٽ هئي. پر ڳالهائي ڳالهائي جڏهن اوٻاسيون ڏئي زينوءَ تي ننڊ جي ڳهل طاري ٿي ويندي هئي ته جڻ ماروءَ تي رات پنهنجو اثر شروع ڪري ڏيندي هئي. ڪتن جي ڀونڪ ۽ هوا جي زوزاٽن تي ويندي هئي سوڙ اندر ڪنڌ ٿيندي. جيڪي آيتون من تي تري ايندون هيس پئي سيني تي شوڪاريندي هئي. پر جي اجا به خوف نه لهندو هئس ته اٿي ٽپ ڏئي زينوءَ جي سوڙ ۾ گهڙي ويندي هئي. پر هاڻ جڏهن زينوءَ کي مائٽن سان رات ڏينهن منٿ ماري ڪري پنهنجي گهر وارو ڪيو هٿائين ته سندس هيڪل من اندر اجا به ڪي رهجي ويل هيڪلايون ۽ نراسايون ٻاهر نڪري ڪيس ڏنپڻ لڳيون هيون.

اڄ خوف نه پر گهُٽ ٿي محسوس ڪري ڪمري ۾. ائين ٿو ٻاسيس ڪو پنهنجي هٿن جي زور سان سندس ڳلي کي گهٽيندو هجي. سوڙ لاهي اٿي در ڪولي ٻاهر ٿي نڪري. ٿڌ ۽ هلڪي چانڊوڪيءَ جي هڏ ۾ وهنتل اگهڻ. ٿڌين جو ماحول ڪي پر اسرار ڪندڙ آواز...... چوڌس سانت ئي سانت، سانت جي به پنهنجي ٻولي خوف ۽ هيبت ۾ پريل، وڻن جا اونداهـا جسم، ائين ٿو لڳيس ڏانهنس ويجها ايندا ٿا وڃن، ڪنڌن پاسن کان اونداهيءَ جا راڪاس جڻ وات ڦٽي کيس کائڻ ٿا اچن.

ٽڪر ۾ گهڙا منجهيءَ تي رکيل دلي مان پريل اڌ هاريل پاڻيءَ جو وٽو، هڪ ساهيءَ ۾ پي ورانڊي ۾ ٿي اچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندر باهر باهر سيءَ.....!!!"

پاڻ جي ڪمري مان ايندڙ آواز... پاڇائيس جا، سرگوشين ۾ ماٺا، ڪٽ جا چيڪاٽ، چوڙين جي ڇنن....ڇنن..... ٺهڪ.....

پير جمي ويل فرش تي، چاهيندي به اڳتي نه وڌندڙ.... اڪيون ڪُپي ويل به تاڪائين در ۾ جنهن جي سيرن مان ليئا پائيندڙ روشني جڻ ڇهبڪ هڻندي هجي. سندس اونداهي وجود تي. ٻاهر جي وڏي ويل تڏين جو آواز ۽ اندران وڏيڪ ٺهڪن جا آواز هاها... هاها.... هاها..... هاها.... ٻئي هٿ ڪنن تي، زوريءَ فرش تان ڇڏائي اڳتي وڌندڙ قدم، سامهون ماءُ پيءُ جي ڪمري جو بند دروازو! جڻ ٻئي دروازا چٽر هجن مٽس.

چاهي ٿي سٽ ڏئي، لت هڻي ٻئي بند دروازا کولي ڇڏڻ، اندر ٿيندڙ سڀ ڪجهه واڪو ڪري ڇڏڻ، پر... پر ڪنهن کي ڏيکارڻ لاءِ.....؟

زور سان بند ڪيل پنهنجي ڪمري جو دروازو، اچي ساٿي ٿي ڪٽ تي ٿي ڪري. من ۾ پکڙن کان گهٽيل سڏڪا زوريءَ ٻاهر نڪري جڻ ٻاهر ڦهليل ٺهڪن کي مات ڏيڻ ٿا چاهين. اڻ ڪيل ڏوهن جي عمر قيد بامشقت سزا تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صنوبر سيد

جو

شاعراڻن خيالن / نثري ٽڪرن جو مجموعو

خواب اسان جا جنگي قيدي

۽

ڪهاڻين جو مجموعو

تو کان ٿيندي ڏار

آخري ڪجھ ڪاپيون وڪري لاءِ موجود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪانئُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‎ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڙ ڪي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڙ پڙهڻ ۽ وڏ ڪان وڏ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book